# مهراڻ

ABC CERTIFIED

نمبر1- سال 2010ع



سنڌي ادبي بورڊ

"منجهانئن ڪيئي مون وٽ آيا، ۽ چيائيون، "اسان کي ڪا صلاح ڏي!"

مون جواب ڏنو:

"اهڙي تہ خاص صلاح مون وٽ ڪانهي، جيڪا اوهان کي ڏيئي سگهان.

ٻاهرينءَ دنيا ڏانهن اوهان جا پنهنجا جيڪي رد عمل آهن، اوهان جي عملن جو انهن تي ئي دارومدار آهي. —

۽ آءٌ ٻاڻ بہ اوهان جي اِن ٻاهرينءَ دنيا جو ئي هڪ جزو آهيان.

منهنجي ڳالهين مان، ۽ ٻڻ ٻين جي ڳالهين مان، اوهان اهو ئي ڪجهہ جذب ڪندا، جنهن کي اوهان ٻاڻ لاءِ موزون ۽ مناسب سمجهندا.

پر جيڪڏهن اهو ڄاڻڻ ٿا گهرو تہ جنهن ماحول ۾ اوهين رهو ٿا، تنهن ۾ اوهان کي ڇا ڪرڻ گهرجي.

تہ ٻوءِ هڪوار چپ ڪري، پنهنجي اندر ۾ جهاتي پائي ڏسو."

- فرئنڪ نائون شينڊ



ڪلرڪ اسٽريٽ، صدر بازار، ڪراچي ـ سن 1900ع ۾.

ABC CERTIFIED

ٽماهي

# مهراڻ

[سنڌي ادبي بورڊ جو ٽماهي علمي، ادبي ۽ ثقافتي دستاويز]

جلد 60 | جنوري ـ مارچ 2010ع | نمبر-1

P- 47612
10.12.10

عمريان گذريان پيان پار...



غلام رباني آگري جي
عبدالواحد سنڌي ني لکيل
آخري يادگار تحرير

سرپرست

پير مظهرالحق
سينئر وزير ۽ وزير تعليم سنڌ
چيئرمين، سنڌي ادبي بورڊ

نگران اعليٰ

شيخ عزيز
وائيس چيئرمن، سنڌي ادبي بورڊ

نگران

پروفيسر سيد زوار حسين شاهه نقوي
سيڪريٽري، سنڌي ادبي بورڊ

ايڊيٽر

طارق عالم

اسسٽنٽ ايڊيٽر

دين محمد ڪلهوڙو

سنڌي ادبي بورڊ
ڄام شورو، سنڌ

Digitized By M. H. Panhwar Institute Of Sindh Studies, Jamshoro.

# چوليون

## وکر سو وهاءُ


هيون آباد محفلون جن جي دم سان...

- عبدالڪريم "گدائي" 13
- استاد بخاري 14
- ابراهيم منشي 15
- سرشار عقيلي 16
- آثم ناٿن شاهي 17
- انور پيرزادو 18


## شاعري


- امداد حسيني 21
- غلام حسين 'مشتاق' سچاروي 25
- عنايت بلوچ 26
- محبوب سروري 27
- احمد خان مدهوش، 28
- اياز گل 29
- ادل سومرو 30
- 'سوز' هالائي 31
- يوسف شاهين 32
- مير عبدالرسول "مير" 33
- حميد شهيد هالائي 34
- اطهر منگي 35
- ذوالفقار سيال 36
- مختيار ملڪ 37
- سائينداد ساند 38
- مير محمد پيرزادو 39
- مقصود گل 40
- علي دوست عاجز 41
- حيدار سولنگي 42
- روبينہ ابڙو 43
- مالڪ ملاح 45
- خليل عارف سومرو 46
- بخشل بلغي 47
- ستار پيرزادو 48
- محبوب پٽي، ميرزا فياض علي فياض 49
پرير پتافي 50
عارف مظهر 51
- ابرار ابڙو 52
- ڪوثر هالائي 53
- احسان دانش، علي چوهاڻ ڪيبرائي،اقبالِ ابڙو 54
- ساغر ابڙو 55
- جام آدرش، رضوان گل 56
- ستيہ 57
- سائل پيرزادو، ڪريم بخش پيرزادو 58
- فراق هاليپوٽو 59
- علي اظهار 60
- علي آڪاش 61
- پشپا ولڀ 62
- طارق عالم 63
- آرمينيائي شاعر — پروفيسر سليم سهتو 64

پاڻ وڃائي پاڻ تي آيس، پنهنجو آهيان پاڻ.

ڪير آهين ڪنهن کي تو ڳولين،
سڀ ڪجهه توسان ساڻ.

(مهدي شاهه)

وڪرسووهاءِ

# فقير، سيد غلام مهدي شاهه جهانيان



ڪتاب جو نالو: **مهدي ٿيو مهندار**

مرتب: **سيد سمر علي مخدوم جهانيان**

پبلشر: **هادي مهدي اڪيڊمي**

صفحو 155/145

## مهدي شاهه

### ڪافي

پاڻ وڃائي پاڻ ٿي آيس، پنهنجو آهيان پاڻ.

ڪير آهين ڪنهن کي تو ڳولين،
سڀ ڪجهه توسان ساڻ.

منصور واري مام تي محڪم،
ڪوهه ڪڏئون ڪنهن جي ڪاڻ.

اهو انصاف عشق جو آهي،
چوطرف چانداڻ.

مظهر ۾ ٿي آيس ”مهدي“،
هر سان هڪ هڪاڻ.

### ڪافي

جو تو پاڻ لڪائين، ڇڏ عاشقن سان اٽڪل،
اٿئي طالبن جي توڪل.

اندر وينو آهين، ڪيئن چوان ته ناهين،
دم دم حڪم هلائين، واهه واهه وٺيا تنهنجا ول ڇل.

عاشقن اندر ۾، ثابت ڪيئي سر ۾،
ظاهر زير نه زبر ۾، ٿئين راز سان رلمل.

ڪل تي آهين قادر، ظالمن تي زابر،
صابرن سان صابر، جهٽ پٽ ڏکين ٿو جهل جهل.

اچي ڪيئي اظهاري، بيرنگ بيک بهاري،
مولا ”مهدي“ جي مهنداري، ڀڳا ڀؤ مڙوئي پل پل.



## احسن ڪربلائي

[جنم: 1- مارچ 1897ع وفات: 28- اپريل 1962ع]

# غزل

صبر سان سوز ۾ ڪو پاڻ کي ڳاري ته سهي،
شمع وانگر ڪو ٻري رات گذاري ته سهي.

دولتِ دل پوءِ فدا ڇو نه ڪندس جي مون کي،
دلربا هڪڙي گهڙي پر ۾ ويهاري ته سهي.

ڇو نه ٿي ذره، دل مهر درخشان اندم،
مهر جي چشم سان محبوب نهاري ته سهي.

فخر عيسيٰ ٻيو سوا يار جي ڪير آهي جو،
قم چئي عاشقِ بيجان جيئاري ته سهي.

حسن شيرين سندو ڪوناٺي ٿو هر ڪو فرهاد،
جان شيرين کي مگر ان تان ڪو واري ته سهي.

فاني دنيا ۾ ته هر ڪو ٿو سڏائي قانع،
شڪر حق جو ڪو ڪري زندگي ڳاري ته سهي.

سڀ سخندان سڏائن ٿا مگر اي "احسن"،
شاهه وانگر ٻه سٽڙي ڪي سنواري ته سهي.



## عبدالڪريم "گدائي"

[جنم: 1- جنوري 1901ع وفات: 28- جنوري 1978ع]

## گيت

سُک جو کو سنسار بڻايون، سُک جو کو سنسار!
گورا ڪارا سڀ خالق جا، جوڙ سڀيئي هڪ مالڪ جا،
ڇاجي نفرت، فخر وڏايون، مذهب پنهنجو پيار:
بڻايون سُک جو کو سنسار.
هڪٻئي لاءِ حقارت ڇاجي، انسانن کان نفرت ڇاجي؟
ڪينو ساڙ ڪدورت ڇاجي، ڇا جو هي تڪرار:
بڻايون سُک جو کو سنسار.
ذاتيون پاتيون، فخر وڏايون، رنگ نسل جون سڀ ارڏايون،
آهن جنگ فساد جو باعث، زهر سندو پرچار:
بڻايون سُک جو کو سنسار.
جنگ و جدل آهي ڇوڏاري، انسانن جو رت آ جاري،
ساڙي آهي دنيا ساري، نفرت جي پرچار:
بڻايون سُک جو کو سنسار.
رنگ و نسل سڀ ڊونگ اجايا، پيٽ بکئي ڇا سانگ بڻايا،
ڇا گوري ۾ ڇا ڪاري ۾، ساڳيو آه ستار:
بڻايون سُک جو کو سنسار.
مذهب مسلک پيار 'گدائي'، هندو مسلم سک عيسائي،
جوڙ سڀيئي هڪ مالڪ جي، سڀ ۾ ساڳيو يار:
بڻايون سُک جو کو سنسار.



## استاد بخاري

[جنم: 16- جنوري 1930ع    وفات: 9- آڪٽوبر 1992ع]

# وائـــي

ٻاروتڻ ڪان ٻلَ، پَجرن پيا تا پَلَ، جيجل، آءٌ جلان!
جيجل آءٌ جلان، اورڻ ڏينم امان!

جوڀن، عشق، اڀرا جذبا، جهلجن پو ٻہ اجهلَ،
جيجل آءٌ جلان!

تڙپي، تاڻي ڪاڻ پرينءَ جي، چڪ چا ڄاڻي چَلَ،
جيجل آءٌ جلان!

پَنيا وار پَنڻ ڪَن هُن ري، ڳوڙها ڳاڙن ڳلَ،
جيجل آءٌ جلان!

هو جو منهنجو هانءُ ڪٺي ويو، دِهِ ۾ دلبر دَلَ،
جيجل آءٌ جلان!

پَنيٺ عشقُ "بخاري" بنبو، ڪنهن کي ڪهڙي ڪَلَ،
جيجل آءٌ جلان!



## ابراهيم منشي

[جنم: 15- جنوري 1934ع  وفات: 31- جولاءِ 2003ع]

# وائي

چاھ چاندوڪيون راتڙيون،
تو بنا ٿيون کھن ڪاتڙيون.

چپ تنھنجا چُريا، ٻول تنھنجا ٻُريا، ساز جڻ ڪي سُريا،
لار ماڪيان مٺيون لاتڙيون.

پاڻ توتان وارجي، اجان بہ تو نڪارجي، وري وري بہ وارجي،
تن من تنھنجيون تاتڙيون.

تون سُمھين تہ ساھ ۾، مُشڪ ٿئي ھوا ۾، اندلٺ أھاء ۾،
جوڀن پائي جھاتڙيون.

مٺان تو ماڪ ميندڙن، جڻ ٿي ورڪا موتين، ننڍڙا ٻلب جيئن ٻرن،
اکيون ڏسڻ لئہ آتڙيون.

تون تہ ياڳن ڀري، چال تنھنجي چري، اوڀري اوپري،
گھٽ گھٽ تولئہ گھاتڙيون.

ڪر تون پردو پري، منھن ۾ مشعل ٻري، سج سجدا ڪري،
"منشي" ٿين ملاقاتون.



## سرشار عُقيلي

[جنم: 21- جنوري 1907ع وفات: 15- جنوري 1972ع]

## ڪلام

نہ محفل آهي سا محفل نہ جنهن ۾ يار هجي،
مگر هجي تہ پو اينهين جو هم ڪنار هجي.

وصالِ يار جي اي دل نہ آرزو ڪر تون،
ڪري سو جنهن ڪي قيامت جو انتظار هجي.

نہ تير، تير ڪو تيرِ نظر جي مٽ آهي،
نہ تير، تير ٿئي جو نہ دل جي پار هجي.

خمار ڏين تہ اهو ڏي خمار اي ساقي،
جو قبر مان بہ اُٿان تہ بہ اجان خمار هجي.

بهار منهنجي اي "سرشار" دلبهار جي هٿ،
ٿيو ڇا باغ، جهان ۾ ڪٿي بهار هجي،



## آثم ناٿن شاهي

[جنم: 2- جنوري 1937ع وفات: 6- آڪٽوبر 2006ع]

## وائـــي

سَچُ نہ ماريو زهرَ- وٽي،
بازي ويو سقراط کٽي.

گهوري جانِ، وڃي تہ وڃي،
ماٺو مقصد کان نہ هٽي.

اڄ، ڪنهن جي دَرشن جي بک،
سِڪَ جو پٽي ٿي هانءُ ڇٽي.

سامُنهن: نيڻ- نِهارَ نہ ڪا،
ڪيئن اڄوڪي سانجهہَ ڪَٽي؟

داٽو- داٽو ڏار نہ ڪر،
ساٿي! دل جو سَنگُ سَٽي!

ڏاهپَ ڏاڍا ڏنبَ ڏنا،
ڏاتِ پريا ٿر ڏُک ڏٽي[1].

اهڙو ڪو ڇنجورُ هجي،
پيڙائن جي پاڙَ پٽي.

آثم! سچ جو ساٿ ڏِجانءِ،
جيونُ جيڪي ڏِينهن ٻہ- ٽي!!

---

(1) ڏٽي = لتاڙي پرڻ.



انور پيرزادو

[جنم: 25- جنوري 1945ع وفات: 07- جنوري 2007ع]

## چو ته لفظ ۽ جملا...

سوچان ٿو
تصوير جُڙي نه سگھندي
چو تہ لفظ ۽ جملا...
ايڏا پيڙهيل ناهن
جيڏا منهنجي ڳوٺ جا
ماڻهو آهن
لفظ ڪنهن رئندڙ ٻار جي
اک مان ٽِمندڙ ڳوڙها ناهن
ليڪا آهن
خالي ليڪا آهن...!

◈

# ماڻيٽو اونو



دک جو ڪونهي ڪوئي دنگ،
جيون ڪاريهر جو ڏنگ.

جنم: 2 فيبروري 1954ع

وفات: 18 فيبروري 1981ع

شاعري

## امداد حسيني

# غزل

بندوق جي ناليءَ منجهان گذري رهي هئي رات جڻ
جا ڏينهن جو جيتي هئي بازي اُها ٿي مات جڻ

ٽيڙو اُيا هئا ٽياس جڻ، ڪَتيون مُڏيون جڻ ڪاتِيون
پانڊيئڙو ڪو هو تہ هو هرگس انهيءَ لئہ مات جڻ

جا ڏِس هئي بي ڏِس هئي، هر ڏس پتو هو لاپتا
ڪنهن جي بہ وس ۾ ڪانہ هئي اِيءَ صورتِ حالات جڻ

هرڪا گهڙي گولي هئي سپ ساعتون سنگين جنءَ
جو پهر هو سو قهر هو باروت جي برسات جڻ

پوتار جي هڪ ذات ٿي اعليٰ هئي ارفع هئي
باقي هئا جي ڳوٺ ۾ سي سپ هئا ڪمذات جڻ

اي سنڌڙي اي جنڌڙي اي جنڌڙي اي سنڌڙي
ڪهڙي ڳهلي آهي هوا لهسي وئي هر لات جڻ

"امداد" اڳيان ڪورو پنو ڪورو پنو رهجي ويو
سُڏڪي رهيو هو ڏانءُ ۽ ڏسڪي رهي هي ذات جڻ

امداد حسيني

## غزل

جڏهن مان ياد ايندي سانءِ تون گهبرائجي ويندين
وسارڻ جا وڏائي وس ڪندين پر گهائجي ويندين

اگڻ تي ڇهڪ ٻڄجي لهنديون ٿولاءِ ڇانوڪيون
بهارن ۾ ٽڙڻ گهرندين مگر ڪومائجي ويندين

جڏهن منهنجي وفا جو ذڪر ٿيندو تنهنجي محفل ۾
تڏهن پنهنجي جفا تي بيوفا شرمائجي ويندين

ڪڙو لڳندو ته لڳندءِ آءٌ آهيان لوهه پائيندين
دريءَ، در سان ڪڏهن ديوار سان ٽڪرائجي ويندين

انهيءَ ۾ ڏوهه ڪو منهنجو نه هوندو ۽ نه ٻئي ڪنهن جو
تڙپ هوندي ته پنهنجي هوندني تڙپائجي ويندين.

## امداد حسيني

### ياد ڏياريان توکي!

مون ڪڏهن ڳيت رچيا هئا تولاءِ
تو ڪڏهن ڳيت اُهي ڳاتا هئا
چا اِهو ياد ڏياريان توکي
تنهنجا منهنجا به ڪڏهن ناتا هئا!

چا اِهو ياد ڏياريان توکي
تہ ڪِلياسين ۽ رُناسين گڏجي
مُند بي مُند پيا جيڪي مينهَن
مِينهَن سي مِينهَن پِناسين گڏجي!

### هڪ ملاقات

ڪيترين شامُن ۽ راتين
ڪيترن ڏينهن پُڄاڻان
مُرڪندي ۽ مَرڪندي
ڪيڏي اُڪير ۽ سِڪَ مان آهيان مليو
اڄ مليس توسان تہ مون کي اِنءَ لڳو
جڻ
ڪيترين شامُن ۽ راتين
ڪيترن ڏينهن پُڄاڻان
پاڻ سان آهيان مليو!

### اِهو مرڻ ۽ جيڻ!

ڦُڙو ڦُڙو ٿي جيڻ ۽ ڦُڙو ڦُڙو ٿي مرڻ
اسان کان ڪونہ پُڄي ٿو اهو مرڻ ۽ جيڻ

لِکڻ لکڻ نہ هجي، سو بہ ڪهڙو آهہ لِکڻ
پڙهڻ ڪڙهڻ نہ هجي، سوبہ ڪهڙو آهہ پڙهڻ

کِلڻ بہ آهہ جي خواري تہ ڪهڙو آهہ کِلڻ
رُئڻ رياءُ هجي، سو بہ ڪهڙو آهہ رُئڻ

پرينءَ ڏي جو نہ پُرڻ، سو بہ ڪهڙو آهہ پُرڻ
خدا کان جو نہ گهُرڻ، سو بہ ڪهڙو آهہ گهُرڻ!

امداد حسيني

## سي بہ ڪي ڏينهن هئا

سي بہ ڪي ڏينهن هئا گذري ويا
ڪنڌ منهنجو تہ ڪُلهو تنهنجو هو
لڙڪ منهنجا تہ رَئو تنهنجو هو
زخم منهنجا تہ پَهو تنهنجو هو
اڄ اِئين ناهہ تہ تون پاڻ بہ سوچ
ڇا سڄو ڏوهہ رڳو منهنجو هو!

## اُنهيءَ منظر ۾

چنڊ ساڳيو هئو
۽ سمنڊ بہ ساڳيوئي هئو
لهر پٺيان لهر اُئين ئي ڊوڙي
پر اُنهيءَ پهر
اُنهيءَ منظر ۾
تون اُها تون نہ هُيين
آءٌ اُهو آءٌ نہ هوس!

## غلام حسين ’مشتاق‘ سچاروي

### غزل

هڪ جسم ۽ هڪ جان مثل پاڻ گڏوگڏ،
پنهنجو آ جڻڻ توڙي مرڻ هاڻ گڏوگڏ.

توساڻ منا اهڙو اثر نينهن جو ناتو،
گل ساڻ جيئن باغ ۾ سرهاڻ گڏوگڏ.

چمڪي ٿو چمن دل جو رڳو تنهنجي اچڻ سان،
جنهن ريت رهي چنڊ سان چانڊاڻ گڏوگڏ.

تسڪين ملي تنهن جي اچڻ ساڻ ٿي دل کي،
پر من ۾ رهي هجر جو مانداڻ گڏوگڏ.

جيئن مشڪ مٺي منجهه لڪائي نٿو سگهجي،
عاشق سان ائين عشق جا اهڃاڻ گڏوگڏ.

پنهنجو آ جڙيل يار جنب روز ازل کان،
جيئن سنڌ سگهوري سان هي مهراڻ گڏوگڏ.

محبوب رچيل روح ۾ آ اهڙي طرح سان،
پاڻي ۾ ٿيا پاڻ ۾ آلاڻ گڏوگڏ.

مون درد رکيا تنهنجا سنڀالي ائين دل ۾،
جڻ سون سان ٿي سون سندي کاڻ گڏوگڏ.

تون من جي سمنڊ ۾ ائين آهين سمايل،
جڻ موتي مٺيادار صدف ساڻ گڏوگڏ.

ممڪن نه مڃي جو آ جدا جر کان جياپو،
هر وقت هي ”مشتاق“ به توساڻ گڏوگڏ.

عنايت بلوچ

## غزل

پيار کي سمجهين نہ سمجهين، پر ڪڏهن ايندو تہ ڪر،
جنهن کي تُنهنجي تانگهہ آ، سا دل وٺي ويندو تہ ڪر.

◈

تون ڀلي چاهين تہ ڪنهن کي پلي پنهنجو نہ ڪر،
دل ڏتارڻ لئہ مگر، ڪنهن جو ڪڏهن ٽيندو تہ ڪر.

◈

دل جي زخمن جي ڪا مرهم ناهي جي تو وٽ سڄڻ،
پنهنجي آمد سان اندر جا چاڪ چوريندو تہ ڪر.

◈

تُنهنجي ڇيڙن جي ڇُرڻ ۾ رنگ پيو آ رقص پيو،
شور مان يا ٻاجهہ مان ڪي ٻول ٻوليندو تہ ڪر.

◈

ڪيترو لوڪان لڪي مون ڪان پري ٽينديون پرين،
پنهنجي گهيڙن ۽ گهٽن، ڳلين ۾ گهوليندو تہ ڪر.

◈

دلربا ڪان ناهي هرگز ڪا "عنايت" جي اُميد،
پوءِ بہ پر بيدرد سان تون حال اوريندو تہ ڪر.

محبوب سروري

## غزل

سڏڙا ھي ستي لوڪ جا، اڌ رات جون آھون،
مون تنھن جي محبت جو ڪيو ماڻ مٿاھون.

پاتيون تو ڳلي منھنجي ۾ ٻئي ڀھڪندي ٻانھون،
پيو روڄ رقيبن ۾ دشمن ڪيون دانھون.

شل پيار پراھون نہ ٿئي منھنجي پرين جو،
پرواھ نہ آھي جي ٿيو پنڌ پراھون.

رستا ٿا چون مرحبا صد مرحبا مُرڪي،
اڄ تنھنجي مسافر جا چمن پير ٿيون راھون.

بي ذوق سان ڳالھيون نہ ڪجن سونھن ۾ سڪ جون،
بي درد اڳيان ڪين ڪجن درد جون دانھون.

مينوشي جو الزام لڳو مون تي اجايو،
منھن يار جو ڏسندي ٿيون مخمور نگاھون.

”درويش خدا مست“ جڏھن جوش ۾ آيا،
قدمن ۾ ڪِريون قيصر و ڪسريٰ جون ڪلاھون.

ھر روز اڙي تو ڪري، اطلاع نٿو ڏي،
ٻڌ پرده نشين! ھاڻ تون دربان جون دانھون.

”لاتقنطو“ جو آسرو الله ۾ آھي،
رب تن جو ٿيو واھرو، جن جون ويون واھون.

مشڪل ۾ ٿيو نيٺ آ ”محبوب“ مددگار،
اڄ گردشِ دوران ڪان ڏنيون پيار پناھون!

## احمد خان مدهوش

# غزل

توکي وساريان ڪيئن؟ گڏ حال قال ۾ آن،
خيما کُپائي وينو منهنجي خيال ۾ آن.

جي مان وڃي ٿو ويهان، رنگين محفلن ۾،
اُت ٻي عجيب حاضر، حسن و جمال ۾ آن.

جي مان وِهانءُ ڪنهن جي، تي ٿو وڃان ٿِي ساڏِي،
ڍُهلن جي ڌام ڌڪ ڌڪ، ڌُو ڌُو ڌمال ۾ آن.

جي ٿي وڃان ٿو حاجِي، مڪي طواف جي لئه،
اُت ٻي صدا ڪندڙ جي هرهڪ سوال ۾ آن.

جي مان ڪليسا، ۽ بُتڪدا گهمان ٿو،
اُن جاءِ تي ٻه وڄندڙ گهَن گهَن گهڙيال ۾ آن.

جي مان مسيت اندر سجدا ڪيان ٿو ثابت،
روزي نماز واري خصلت خصال ۾ آن.

جي مان سگهڙ سڏائي، ڪنهن ميڙ ۾ وڃان ٿو،
قربن ڀري ڪچهري قيل و مقال ۾ آن.

جي مان مشاعرن جي مجلس مٿل ڏسان ٿو،
لفظن جي جوڙجڪ ۽، بندش محال ۾ آن.

سمجهان ائين سڄڻ ٿو موجود چار سُو آن،
مشرق، جنوب، مغرب، شامل شمال ۾ آن.

تنهنجي لِکڻ چپڻ جو، ڪنهن کي نه ڪو پتو پيو،
”مدهوش“ جي الائي ڪهڙي مثال ۾ آن.

## ادل سومرو

(نثري نظم)

### ڪڏهن نہ ڪنندڙ اُڃَ

ادبي تنظيمن ڪي
منهنجين ڪمزورين جي خبر آهي
ڪتاب جو مهورت
پروگرام جي صدارت
اعزاز ۾ هڪڙي شامُ
واڪاڻ ۾ لکيل مضمون
ميڊل يا تعريفي شيلڊ
عظمت جو سرٽيفڪيٽ
اِنهن سڀني جي ڪري
منهنجا ڪن فقط ساراهہ ٻڌڻ جا
مريض ٿي ويا آهن
ڪنهن بہ ننڍڙي خاميءَ
ظاهر ٿيڻ تہ،
سڄي وجود تي جڻ
ماڪوڙا ڊوڙڻ لڳن ٿا
رياست جا وزير ۽ ڪامورا
پنهنجيءَ تعريف ۾
مون کان بيان ڏياريندا آهن
۽ پوءِ مون لاءِ
صدارتي ايوارڊ جي
سفارش ڪندا آهن
مهانتا جي انهن مرحلن کان پوءِ بہ
منهنجيءَ دل ۾ خواهش رهندي آهي
ورسين جي
جو تہ شهرت جي اُڃَ
مرڻ کان پوءِ بہ نٿي لهي.

(نثري نظم)

### ويو سالُ گذري

چيو تو هو سائين!
تہ هن سال پنهنجو
ننڍو گهر ڪو ونبو
۽ مرضيءَ سان رهبو
اسين دربدر
ڪين ٿينداسين هاڻي.
سِپاٽي سِپاٽي
ڪندي، ڪيئي ڏينهڙا
ويا ڏور ٿيندا
اتو، ڪنڌُ، چانور
رهيا خواب پنهنجا.
ويو سالُ گذري
رڳو ٻِلَ پرينديِ
۽ مسواڙ ڏيندي
ڪرائي جي گهرَ ۾.

يوسف شاهين

# انتظار

هيڏو دل تان بار، لهي تہ ڪيئن لهي،
هُن جي اچڻ جو انتظار، لهي تہ ڪيئن لهي.
انئي پهر جنهن لاءِ آهيان گُم سُم،
اهو دل تان دلدار، لهي تہ ڪيئن لهي.
هتي مينهن ۽ نينهن جي متان ڪو ڳالهہ ڪري،
اهڙو ڏُوئين تان ڏهڪاءُ، لهي تہ ڪيئن لهي.
آءٌ فقط تنهنجوئي طلبگار آهيان،
اِن عرض تان عرضدار، لهي تہ ڪيئن لهي.
جي واجهائين بي در، تہ ڪڍي ڪانگن کي ڏيان،
اهڙو نيڻن تان خُمار، لهي تہ ڪيئن لهي.
هيءُ حياتي آهہ "يوسف"، تنهنجي حوالي،
ان ڳالهہ تان خُبدار، لهي تہ ڪيئن لهي.

# بيت

ڳالهہ ڳجهائتي، ويڙهي مون ويئي،
پچان پاڻ ڪان، پاٽا منجهہ پيهي،
چو سورَ سيبئي، پلئہ سنڌ پيا.

◈

ڳالهہ سونل سنڌ جي، ڪيان هت ڪيهي،
هِت پلجن پرڏيهي، ڏيهي سوگها ساهہ ۾.

◈

ڪڏهہ لهندو لوهہ، ڪڏهہ ويندو ڪال،
وَرَ وَرَ ويچارا، ساڳيو ڪن سوال،
ههڙو پسي حال، ڪرٽ پون ڪپار ۾.

◈

سڏڙيا ساهہ جا، تارئون ڪين ترن،
ٻڏي نيٺ مرن، سي ٻڪ پاڻيءَ ۾.

◈

ڏونگر جيئن ڏوري، سسئي ساڄن ڪاڻ،
ائين سنڌ هاڻ، روزي گس ويچ جا.

يوسف شاهين

# انتظار

هيڏو دل تان بار، لهي تہ ڪيئن لهي،
هُن جي اچڻ جو انتظار، لهي تہ ڪيئن لهي.
انئي پهر جنهن لاءِ آهيان گُم سُم،
اهو دل تان دلدار، لهي تہ ڪيئن لهي.
هتي مينهن ۽ نينهن جي متان ڪو ڳالهہ ڪري،
اهڙو ڏوٿين تان ڏهڪاءُ، لهي تہ ڪيئن لهي.
آءٌ فقط تنهنجوئي طلبگار آهيان،
اِن عرض تان عرضدار، لهي تہ ڪيئن لهي.
جي واجهائين بي در، تہ ڪڏي ڪانگن کي ڏيان،
اهڙو نيڻن تان خُمار، لهي تہ ڪيئن لهي.
هيءَ حياتي آهہ "يوسف"، تنهنجي حوالي،
ان ڳالهہ تان خُبدار، لهي تہ ڪيئن لهي.

## بيت

ڳالهہ ڳجهائتي، ويڙهي مون ويئي،
پڇان پاڻ ڪان، پاٿا منجهہ پيهي،
چو سوز سيپيئي، پلئہ سنڌ پيا.

◈

ڳالهہ سونل سنڌ جي، ڪيان هت ڪيهي،
هِت پلجن پرڏيهي، ڏيهي سوگها ساهہ بہ.

◈

ڪڏهہ لهندو لوهہ، ڪڏهہ ويندو ڪال،
وَرَ وَرَ ويچارا، ساڳيو ڪن سوال،
ههڙو پسي حال، ڪرٽ پون ڪپار بہ.

◈

سڌڙيا ساهہ جا، تارئون ڪين ترن،
ٻڏي نيٺ مرن، سي ٻڪ پاڻيءَ بہ.

◈

ڏونگر جيئن ڏوري، سسئي ساڄن ڪاڻ،
ائين سنڌ هاڻ، روڙي ڳس ويچ جا.

▣

## مير عبدالرسول "مير"

# ڪافي

لڳاتار لُونءِ ۾ لڳي لاڙ تنهنجي،
سَمائي سَوائي سڄڻ! ساڙ تنهنجي!

نڪا رات آهي، نڪو ڏينهن آهي،
تري تات آهي، ٻِلو نينهن آهي،
انئي پهر آهي طلب تار تنهنجي!

رَڳن منجھ راڻا! رهي روز 'رون رون'،
تپي ٿَن جون تندون، تنوارين 'تون تون'،
ملي موجَ مَنَ ۾ مٺيادارَ تنهنجي!

نه اوهي نه واهي، نه واهرَ وسيلو،
سوا تنهنجي ساجنَ، هلي ڪونه هيلو،
تڳي توهه تنهنجي طلبگار تنهنجي!

عنايت ڪبي ٿي، رعايت ڪبي ٿي،
حمايت ڪبي ٿي، شفاعت ڪبي ٿي،
هِتي ڏارَ تنهنجي، هُتي ڏار تنهنجي!

نڪا ابتدا آ، نڪا انتها آ،
جو آيو، اڱاميو عطائي عطا آ،
ڀلي آ، ڀليءَ ڪان ڀليڪار تنهنجي!

ڏکيءَ دل ۾ دردن جي ڏڏڪارَ آهي،
وِلهيءَ کي ورهه ڪان وِٺي وارَ ناهي
ڪبي ٿي مسيحائي، منٺارَ تنهنجي!

مِٺي مُشڪَ جي مُشڪَ موهيو جُڳن کان،
ٻُڇي ڪو ٻَوَن ڪان، گلابي ڳُلن ڪان،
مڙيئي ٿَڻان مٿي، "مير" مهڪار تنهنجي!

## حميد شهيد هالائي

### غزل

تنهن جون يادون شمار کان ٻاهر،
سلسلو هي قطار کان ٻاهر.
ذات جو هڪ دوڪان ڪوليو آ،
هڪڙي ڏاهي، بزار کان ٻاهر!
هي نگاهون! او-الامان! معافي!!
او چريا! ٻَج ترار کان ٻاهر!
رُت بسنتي هي انقلاب آندو!
آشيان هو، بهار کان ٻاهر!
ڪانپ ڪولي هلو، سرِ ميدان،
ٻڀ جي نڪرو، حصار کان ٻاهر.
مست نظرن مان جنهن به پيتو آ،
سو شرابي آ بار کان ٻاهر!
حيرت آهي، "شهيد" زنده آ!
تنهنجي ٻانهن جي پيار کان ٻاهر!

### غزل

هرڪو پڇي سوال، ته آهيان اُداس ڇو؟
توکي نه ڪجهه خيال، ته آهيان اُداس ڇو؟
مون کان سڄي جهان جون خوشيون ڪسي پرين!
مرڪي پڇين ٿو حال، ته آهيان اُداس ڇو؟
توکان سوا جيئڻ کي مان سمجهان گناهه ٿو،
ٻيو کهڙو ڏيان مثال، ته آهيان اُداس ڇو؟
ڪنهن جي به اونءَ اِهه نه ڪنهن جو آ انتظار!
وايون مگر بتال، ته آهيان اُداس ڇو؟
ڪجهه ڪونه هو، ته ڪيئن نه سدا ڇهڪندو رهيس!
هاڻي مليو آ مال، ته آهيان اُداس ڇو؟
ڪٿ مهربان ماءُ، جا پيشاني کي چُمي،
مون کي ڪندي ڌمال، ته آهيان اُداس ڇو؟
اِن آسري تي آئا اجان ٻيو جيان "شهيد"،
مون کان پڇي هو شال! ته آهيان اُداس ڇو؟

## اطهر منگي

### نظم

# ذهن جون سپ ڳڙڪيون

ذهن جون، سپ ڳڙڪيون، تولئہ ڪُليل،
منهنجي سوچن جو، تون آهين، سوجهرو!
دور رهندي، دور تون، ناهين پرين!
هي انوکو، دل جو آهي، مامرو!

واڄ جا ڪاتنا سگهن، بيهي ٿا پر،
دل جي ڌڙڪن، ڪانہ ٿي، بيهي سگهي!
نانءُ تنهنجي سان، ڦهلجي مَهڪ ٿي،
روح جي رونق، نٿي، رُڪجي سگهي!

سپ ڏگها رستا، ويڙهجي ٿا سگهن،
تون نہ چاهين، ڪيئن ڪو، توڏي اچي!
مان، زماني سان، پُڄي پوندس مگر،
مون کي اُن لئہ، ساٿ ٿو: تنهنجو کپي!

ٿنهنجي عظمت، منهنجي چاهت جو اصول،
مون نہ ڪو، سِڪَ جو سڳو، آهي چنو!
مان ٿيان خود غرض، ڪيئن ٿو ٿي سگهي....!
مون . کي ڏاهپ آ، سبق، اهڙو ڏنو.

ذهن جون سپ ڳڙڪيون، تولئہ کليل،
منهنجي سوچن جو تون آهين سوجهرو!
دور رهندين دور تون، ناهين پرين!
هيءَ انوکو دل جو آهي، مامرو!

◙

## ذوالفقار سيال

### آزاد نظم

هي بي رنگ چهرا
هي بي نانءُ ماڻهو
آوارا هوائون
وحشي نظر ۾
صفا چپ چاپ
ڊنل ۽ اڪيلا
پراوا بورڊ لڳايون
وينا آهن
جو هو پنهنجي نالي ۾
جيئڻ جو ٽيڪس
ادا ڪرڻ جي
قابل ئي ناهن
۽ بنا ٽيڪس جي
هو پنهنجي درن تي
نالي واريون تختيون
هڻي نٿا سگهن!

### دعـــائـــون

ماڻهن دعائون گهري
سک ورتا
مون انهن سکن کي
دردن سان ڌوئي
صاف ڪيو،
جنهن مان وقت جي مير
۽ لالچن جو چيڙهه
نڪري ويو،
مان ان سچ ۾ سفيدي
۽ پيار جي چمڪ اوتي
منافقي جي هوا کِدي
سڪائي ڇڏي،
هاڻي مان دعا گهران ٿو:
اي مالڪ!
منافقيءُ کان بچاءِ
سک ۽ پيار جي،
ويرين کان
محفوظ رک!!

## مختيار ملڪ

### غزل

منهنجا توسان ڪهڙا ناتا:
او اڻ ڇلتا، او اڻ ڇلتا!
درد جي رشتي پاڻ ٻڌي ٿا، جڳ ۾ وڇڙون سڄلتا،
او اڻ ڇلتا، او اڻ ڇلتا!
سپنن جهڙي جاڳَ اسان جي، نيڻ سدا مڌ ملتا،
او اڻ ڇلتا، او اڻ ڇلتا!
درد نگر ۾ تو مون گَنجي، گيت پريت جا ڳلتا،
او اڻ ڇلتا، او اڻ ڇلتا!
پيار تہ منهنجو سيني سان آ، نيڻ اوهان لئہ آتا،
او اڻ ڇلتا، او اڻ ڇلتا!
جڳ جي جن سان نفرت آهي، سيئي دل سان لاتا،
او اڻ ڇلتا، او اڻ ڇلتا!

آهيان ويڳاڻو،
تنهنجي سڪ ٻنا.
ڏيئو منهنجي ذات جو، اجهو اُجهاڻو!
تنهنجي سڪ ٻنا.
نيڻن ۾ ڪن ٻاڙلن، ٿلهيو نڪاڻو،
تنهنجي سڪ ٻنا.
رستي منجهہ رُلي پيو، پنهنجي لاڏاڻو،
تنهنجي سڪ ٻنا.
ڪنهن سان ريجهي ڪونہ ٿو، اندر اياڻو،
تنهنجي سڪ ٻنا.
سڪ جي سرَ تي سونهنڙ، ڪنول ڪوماڻو،
تنهنجي سڪ ٻنا.
ڪونهي انت ۽ ماڳ ڪو، پنڌ هي پراڻو،
تنهنجي سڪ ٻنا.

### وائـــي

منهجا ساٿ ڏٺي، هئہ هئہ هينئڙو هيڪلڙو.
سور تہ مون سان اڻ ڳڻيا، مان ۾ هڪ ڄڻي،
هئہ هئہ هينئڙو هيڪلڙو.
موتي جيون- مالهائن جا، ڇڄي پيا تہ ڄڻي،
هئہ هئہ هينئڙو هيڪلڙو.
او سڀ ڏک ڏئي وڃو، سارا سُک ڪٺي،
هئہ هئہ هينئڙو هيڪلڙو.
موٽ ۾ ماڻيون نفرتون، ڏئي سڪ گهڻي،
هئہ هئہ هينئڙو هيڪلڙو.
دل ڌرتيءَ تي پيار پرين، پهرين مينهَن ڪٺي،
هئہ هئہ هينئڙو هيڪلڙو
ساجن سرمو پانئيان، تنهنجي پير پٽي،
هئہ هئہ هينئڙو هيڪلڙو
واري هن وجود کي، ويندس نيٺ وٽي.
هئہ هئہ هينئڙو هيڪلڙو

## سائينداد ساند

### غزل

مَن، هتان هُو مَٽي،
ڪجهه تہ غمڙو گهٽي.
سانديان ساهہ ۾،
هُن جون مُرڪون جهٽي
جي جيون وڻ هُجي،
مان چڙيان ها پٽي.
مُنهنجي قسمت ڏِسو،
ڦُول ويو آ ڦٽي.
پنهنجا دُشمن گهٽا،
دوست آهن هٽي
مُون ڪي ماريو مِٽيءَ،
مان وڃان ٿو ٽٽي،
’داد‘ آهي رَسي،
پيو وڇوڙو وَٽي.

### غزل

روح ريجهي نہ ٿو،
هاڻ جيئجي نہ ٿو.
غم گهٽايون مگر،
روز بيئجي نہ ٿو
جيئڻ دنيا ٿي چئي،
ايئن ٿيئجي نہ ٿو
پيا وڻون روز پر،
ڏک ڏيئجي نہ ٿو.

### غزل

چوڪري سُتي هئي،
روشني سُتي هئي.
هاءِ هُن جون بند اکيون،
شاعري سُتي هئي.
پوپٽن اڃي چيو،
سانوري سُتي هئي
جيستائين مان جڳُس،
زندگي سُتي هئي
روپ جسم جو وٺي،
آرسي سُتي هئي
’داد‘ پنهنجي ڀاڳ جي،
هر خوشي سُتي هئي.

مير محمد پيرزادو

## گيت

هُرلا هلندا نارَ، بنين پر،
هرلا هلندا نار!

•

جهرجهنگ ڪنبا، ٻيجا چنبا، هڪلي ويندي جهار،
ڪيچ ڪٺي مان ٽيئي پوندا، جنهن مان جڙندي ٻار،
ڳانديءَ تان هو ڳَليندا پيا،
پيلهون ناهي ٻار- هرلا هلندا نار!

•

آپُون، نيسر، پوڪ به ٽيندي، هوءَ به وهيءَ جو پُورُ،
پورهئي مان به نه ٻاند چڙائي، چاهت ٻر پي چُور،
سنگ سنگ منجهه سرائيت ٽيندي،
ساجن ڪنهن جي سار- هرلا هلندا نار!

•

پکي پکڻ پيا لاتيون لنوندا چوڏس جڻ ڪي چنگ،
تازي آيل پاڻيءَ تي پيا ٽپندا ڪُڏندا ڪنگ،
لهنڊڙ سج جي لامر منجهان ڪا،
وجندي جڻ ته ستار- هُرلا هلندا نار!

•

ٻاڦ بنين جي ٻارن تي جو ڪٺڪن تي ٽيا پهريان پاڻي،
جن مان چونبڻ جيتن ڪارڻ پُجي پکي ڪُنياڻي-
جنهن جو ٻولڻ ساز وجي جڻ،
جڻهن ڪري تنوار- هرلا هلندا نار!

•

مند به موٽي ماڳ پُڳي آ، ساجن موٽي آءُ،
هيڏا سيءَ نه هيڪل ڪنبا، لڳي اُتر جو واءُ،
پُر وِس پريتم، بيوس بنجي،
ڏبرا ڪيان آ چار- هرلا هلندا نار!

## مقصود گل

## غزل

نظر جي تير سان ڦٽي، لڇڻ بہ ڪونہ ٿو ڏئي،
گناهہ ڇا ثواب ڇا، پڇڻ بہ ڪونہ ٿو ڏئي.

ضمير جون حقيقتون، فقيہ جون فضيلتون،
چئي بہ ڪونہ ٿو سگهي، چوڻ بہ ڪونہ ٿو ڏئي.

عجيب بي نياز ڪي، ڪجي ڀلا تہ ڇا ڪجي،
اچي بہ ڪونہ ٿو پرين، اچڻ بہ ڪونہ ٿو ڏئي.

حبيب جي حضور ۾، عجيب هي عدالتون،
کلڻ تہ آ گناهہ پر، روئڻ بہ ڪونہ ٿو ڏئي.

غريب بي گناهہ جو، نصيب آ نگاهہ جو،
ڏسان ڏسڻ گهران مگر، ڏسڻ بہ ڪونہ ٿو ڏئي.

مقيم دل ۾ ٿو رهي، پري بہ ڪونہ ٿو ڪري،
مِلان ملڻ گهران مگر، ملڻ بہ ڪونہ ٿو ڏئي.

عجب اکين جي آر جو، پري ٿو خُم خمار جو،
پيئي بہ ڪونہ ٿو پرين، پيئڻ بہ ڪونہ ٿو ڏئي.

پري نہ آ پساهہ کان، سدا رهي ٿو ساهہ سان،
پرين پسڻ گهران مگر، پسڻ بہ ڪونہ ٿو ڏئي.

دکي دکي ٻران بہ ڇا، جلي جلي جيئان بہ ڇا،
مرڻ تہ آ محال پر، جيئڻ بہ ڪونہ ٿو ڏئي.

حَسينُ رخ حجاب ۾، گلن ۾ ”گُل“ گلاب جو،
چمان نظر ڇهاءُ سان، چمڻ بہ ڪونہ ٿو ڏئي.

## علي دوست عاجز

### گيت

ڪيئي گيتَ لِکي،
چوٽي ساڻ ٻڌي چڙيانءِ!
سِر لاهڻ جي ريت ٿئي،
ڪنهن ڪان نيٺ سِکي!
ڪيئي گيت لکي،
چوٽي ساڻ ٻڌي. چڙيانءِ!
ڏيهاڙيءَ جيان اڄ ٻہ تون،
نڪتي آنهہ ڏِکي!
ڪيئي گيت لِکي،
چوٽي ساڻ ٻڌي چڙيانءِ!
جيڏو جوڀن جان- وَٺو،
تيڏي تاڙ تِکي!
ڪيئي گيت لِکي،
چوٽي ساڻ ٻڌي چڙيانءِ!
توريءَ ٻُوءِ بهارَ جي،
ڪلندي پو ٻہ ڪِکي،
ڪيئي گيت لِکي،
چوٽي ساڻ ٻڌي چڙيانءِ!

### دل ڀڳي جُڙي سگهندي!

دل تہ ناهي ميري پر،
پو ٻہ چاهي روئڻ ہر!
پو ٻہ چاهي ڏوئڻ ہر!
اهڙي ڪيئن جُڙي سگهندي!
پو ٻہ دل جُڙڻ چاهيو،
جڻ وري ٽُٽڻ چاهيو.
خون جي ٻَها کهڙي!
دل ڀڳي جُڙي سگهندي!؟
زندگي مُڙي سگهندي!؟

◙

# حُبدار سولنگي

## توبنا

تو بنا جڻ مان مُئل،
پَٽَ تي پيل،
لاش کنهن "ڪاري" ڪيل ماڻهوءَ جو
ڪوبہ ويجهو ڪين ٿو منهنجي اچي!

◈

توبنا مان مري رهيو آهيان،
پر حقيقت ۾ جي رهيو آهيان،
توکي اڳ ۾ ڏٺو هو نيڻن سان،
هاڻ دل سان ڏِسي رهيو آهيان!

◈

زندگيءَ ۽ وجود جي وچ ۾،
تند جيڪا هئي محبت جي،
جنهن ڳنڍيو هو وجود جيوڻ سان،
تو بِنا تندُ سا ٽٽي پئي آ!

◈

زندگيءَ جي
سمنڊ اندر
مان ٻُڏان ٿو
يا
تران ٿو
مان جيئان ٿو
يا
مران ٿو
ڪو پُڇڻ وارو نہ آهي!

▣

## غزل

جاڳندي جاڳندي سُمهي پياسين،
ننڊ سان رات نيٺ پرتاسين.
چاهہ دل ۾ ڪي جو ڇُهنڊڙي پاتي،
ننڊڙي ٻار جيئن ڇرڪياسين.
ٻن وجودن جو هڪڙو پاڇو ٿي،
رات ساري اڱڻ تي جهومياسين.
ڳهرجي لهر ۾ لُڙهي وياسين،
رات تنهنجي اکين ۾ ترسياسين.
هڪٻئي جي اُداس جيون کي،
خواب آلين اکين جا ارپياسين.
ڳالهہ دل جي ٻُڌيسين دل سان ٿي،
پيار جو سڏ ٿيو تہ پهتاسين.

▣

روبينه ابڙو

# غزل

عشق جو ايئن اختصار نه ڪر...
شرم ڪي پي ته شرمسار نه ڪر...

دل آ هڪڙي ته عُمر پڻ هڪڙي،
حسرتن کي پرين هزار نه ڪر...

جي خوشيون هن خريديون گڏجي،
درد ڪي پي ته ڌار نه ڪر...

مون رکيو ڳالهه ڪيئي جنمن جي،
ڪنهن ڇيئي منهنجو انتظارُ نه ڪر...؟

ڪونهي ڪوئي پَرار تي پاڇو،
درد درياهه کي تون پار نه ڪر...

سازَ جي تيز وهڪرن ۾ لُڙهي،
پنهنجي اکڙين کي آبشارُ نه ڪر...

سونهن ساڄاهه کي نه هڻ گولي،
سوچ ۽ سُرت سنگسار نه ڪر...

پنهنجي دُوريءَ سندو ڪو دَشت ڏئي،
لمحي لمحي کي ڪوهسارُ نه ڪر...

تون نئون ڪو جهان جُوڙي ڇڏ،
منهنجيون ناڪاميون شمار نه ڪر...

# بخشل باغي

## غزل

اسان جي درد ۾ آهي، اُهائي تازگي اجا،
گُلن جيئان ٽڙي ٿي اڄ ٻه دل ۾ عاشقي اجا

قدم، قدم تي مليا دوست، زندگيءَ ۾ ڪيترا،
ملي نٿي پوءِ ٻه چو، اسان کي دوستي اجا؟

منهنجي پيرن مان ڦٽن ٿا، ڪئي هر روز پيچرا،
منهنجي مزاج ۾ ساڳي، اُها آوارگي اجا.

مِٽائي جڏ اِها خودي، مِٽيءَ سان ٿي مِٽي ملي،
متان ٿئي چٽنگ ڪا ڏکي، ڀسم ٿي، خاڪ ٿي اجا.

تون خودڪشي، جي روپ ۾ ٿي مِل اچي او مهربان!
ٻڌاءِ تون ڪيسين رهي، مُنتظر هي زندگي اجا؟

ڏسان ٿو روز پاڻ کي، گهڙي، گهڙي گمان مان،
ڳالهائي چو نہ ٿي مون ساڻ منهنجي آرسي اجا

لڳي ٿو روح جي رڻ تي، تنهنجو احساس برف جيان،
اکين ۾ تنهنجي بدن جي، ٿڌي آ چاندني اجا.

## ستار پيرزادو

### گيت

ويھ ته ڳرھيون ڳوٺن وٽن جون،
آءٌ ھلي تون پاءِ.
وڇڙين وراڪا واھ جا ڪيا،
پرديس تي توکي ڏينهن پيا،
ڏس پيٽ سڪي ٿي تولئہ ماءُ،
آءٌ ھلي تون پاءِ.
مينگھ ملھاري دلڙي واري،
ڊائي آ ھرڪا تاساري،
محبن سان ٿيٺي ڪو من ملاءُ،
آءٌ ھلي تون پاءِ.
ويڙھہ ٻر آھن مينهن اُنا،
ساوا ٿي ويا ڪيت ٻنا،
ساڳ پليءَ جو وٽ ڪو ساءُ،
آءٌ ھلي تون پاءِ.
سرھو ھرڪو مُکُ ڏسان ٿي،
پرت ونڊين روز پسان پئي،
ڇوڙيلين جو ڏس ھي چاءُ،
آءٌ ھلي تون پاءِ.
اڄ سرتا سارا توکي سارن،
ٿا تولئہ واٽون روز نهارن،
تن جو ڏس تون پاڻ لڳاءُ،
آءٌ ھلي تون پاءِ.
وھڪيل پيي سڀ ھاڻ مڙن ٿيون،
چوڏس چاڏيون خوب ڳڙن ٿيون،
ڏُڏُ ڪير مکڻ اڃي تون کاءُ،
ويھ ته ڳرھيون ڳوٺ وٽن جون،
آءٌ ھلي تون پاءِ.

◘

محبوب پتي

## غزل

جيڪو رنگ ڪنوڻ ۾ آهي،
تنهنجي اک چنيڻ ۾ آهي.

رات تنهنجي سنيرڻ ۾ آهي،
صبح تنهنجي مُرڪڻ ۾ آهي.

چو تو وڻ وڍين او قاتل،
آکيرو هن وڻ ۾ آهي.

ڪير شڪاريءَ کي سمجهائي،
ساڳيو ساهه هرڻ ۾ آهي.

موت جو ڀيهر الڪو ڪونهي،
ڪيڏو لطف مرڻ ۾ آهي.

ڪُوڙ هميشه رسوا آهي،
جنهن جو پير ڏٻڻ ۾ آهي.

گهر کي گهر کان باهه لڳي ٿي،
بگهڙ لڪل هر ڏڻ ۾ آهي.

جلد پکيئڙا موٽي ايندا،
هاڻي سج لهڻ ۾ آهي.

◙

ميرزا فياض علي فياض

## غزل

اي صبا دلربا کي چئج سلام،
منهنجا ان مه لقا کي چئج سلام.
جنهن سان هر موڙ تي وفا مون ڪئي،
منهنجا ان بي وفا کي چئج سلام.
جنهن جفائن مٿان جفائون ڪيون،
منهنجا ان پُرجفا کي چئج سلام.
جنهن رياڪاري ڪئي هميشه ٿي،
منهنجا ان بي ريا کي چئج سلام.
راهه جنهن پُرخطر هي ڏيکاري،
منهنجا ان رهنما کي چئج سلام.
پارسائي تي پنهنجي ناز ڪيو،
منهنجا ان پارسا کي چئج سلام.
ڪئي سندم پيشوائي جنهن "فياض"،
منهنجا ان پيشوا کي چئج سلام.

◙

## پريم پتافي

### وائي

بيهي منهنجي واٽ تي،
جوڀن ڀڳ نئي پَل،
پنهنجي راهه رَمي ويو.
ڳنهي سِر ڏياچ جو،
موت بڻي بيجل،
پنهنجي راهه رَمي ويو.
وڙهندي ويڙهه وَجود جي،
سائي هڪ نسل،
پنهنجي راهه رَمي ويو.
مون کي ڪيڏا پُور ڏئي،
چهرو نيل ڪنول،
پنهنجي راهه رَمي ويو.
شاعر! تون ته اتيئي پر،
تنهنجو هوش عقل
پنهنجي راهه رَمي ويو.

### وائي

ڍوليا! وِسرن ڪيئن،
ڳانڍاپي جون ڳالهڙيون.
اُپريو اچن اوچتو،
منهنجي تن من ڪيئن،
ڳانڍاپي جون ڳالهڙيون.
آيا سانوڻ مينهڙا،
توريءَ مهڪن ڪيئن،
ڳانڍاپي جون ڳالهڙيون.
چا تو آهن وِسريون!؟
او-ڙي جوڀن ڪيئن؟
ڳانڍاپي جون ڳالهڙيون.

# عارف مظهر

(نظم)

## ڪيئن ڀلا وسرن

ننڍپڻ جا لمحا
بابل جون ڏمڪيون
جيجل جا دڙڪا
ڀلا ڪيئن وسرن.
ٻارن سان جهيڙا
۽ جهيڙن تي جهيڙا
ڀلا ڪيئن وسرن.
باغ ۾ گلڙن جون
ٽاريون ٽوڙيندي
مالهي جا واڪا
ڀلا ڪيئن وسرن.
ٻيريون ڌوٽيندي
ٻيرن جا ڪڙڪا.
ڀلا ڪيئن وسرن.
مسجد جي پڙ ۾
هو گجين جا جهڳٽا
تن ۾ مان ڪرندڙ
منا ڏنگ ڏوڪا
ڀلا ڪيئن وسرن.
خاموش ڪوهن ۾
پنهنجا ئي پاڇا
ڀلا ڪيئن وسرن.
سگريون ميڙيندي
ڪنڊيءَ مان هو مچريل
ماڪيءَ جا مکا
ڀلا ڪيئن وسرن.
ڀريون ڏينهن ڀٽي
۽ سائينءَ جا جملا
هيڏي آءُ ٻچڙا
ڀلا ڪيئن وسرن.
بابا ڏينم رپيو
منهن تي ڏئي ٻانهن
روئڻ ۽ سڏڪا
ڀلا ڪيئن وسرن.
ڏاڏي سان گڏجي
هيڏي هوڏي جانچڻ
مسجد ۾ سجدا
ڀلا ڪيئن وسرن.
لاٽون ڏور ڇڏا
جهرندڙ ديوارون
عجب تن جا پاڇا.
ڀلا ڪيئن وسرن.
ڀلا ڪيئن وسرن.

◙

## ابرار ابڙو

### غزل

عجب آواز جلبن جي قطارن مان ڪنن تي پيو،
ڪا رمز ۽ راز جبلن جي قطارن مان ڪنن تي پيو.

اکين کي وجد، پيرن کي مليو آ رقص صحرا ۾،
سُبحاني ساز جبلن جي قطارن مان ڪنن تي پيو.

اکين جو نينهن نوڙت سان خدا جي سامهون آيو،
اِهو انداز جبلن جي قطارن مان ڪنن تي پيو.

اکيون، احساس، خوشبو ٿي هوائن ۾ اُڏي نڪتا،
نڪورو ناز جبلن جي قطارن مان ڪنن تي پيو.

هُئي خاموش جذبن جي ڪهاڻي ڪنهن زماني کان،
۽ ڪو آغاز جبلن جي قطارن مان ڪنن تي پيو.

### غزل

شام جو مون کي ٻه ٻانهون پاڻ ڏي گهلي ويون،
منهنجي جيونَ کي پناهون پاڻ ڏي گهلي ويون.

آلا خيالن جي دريءَ مان پئي تڪيو اونداهه کي،
روشنيءَ جهڙيون نگاهون پاڻ ڏي گهلي ويون.

آرسيءَ ۾ زندگيءَ جي شور کي ٻيٺي تڪيم،
۽ چپن جون سرد آهون پاڻ ڏي گهلي ويون.

سانوريءَ جي سار پنهنجي ساٿ ڏي مون کي سڏيو،
ڳوٺ جون خُسناڪ راهون پاڻ ڏي گهلي ويون.

زندگيءَ جي هيڪلائپ ۾ جڏهن ٻڏندو ويس،
قافلي وارن جون ڪاهون پاڻ ڏي گهلي ويون.

## ڪوثر هالائي

### نظم

ڪا دل ڪٿي پڳي
تہ ڪا دل ڪٿي پڳي،
۽ هِن پڳل دل ۾،
سمورين پڳل دلين جو،
تڏو وڇايل آهي.

### دل جا رستا

ڪيڏا نہ وشال ۽ آباد هئا،
دل جا دروازا ڪيترا تہ هئا،
ڪيتريون نہ گهٽيون هيون،
پر انهن مان،
اهڙن تہ ماڻهن جو گذر ٿيو،
جو رستا ۽ گهٽيون ويران،
۽ دروازا بند ٿي ويا.

### ڪَتا

هڪ خواب جي ڪٿا آهي،
تاج محل ڀڏي ويو،
۽ سيني عاشقن،
پاڻيءَ ۾ ٽپو ڏئي ڇڏيو.

### قَسم

چئني موسمن جو قسم!
هاڻ ڪنهن بہ موسم ۾،
توکي نہ ساربو،
نہ پڪاربو.

## احسان دانش

### غزل

ڪيڏي سندر سار رکي ويو نيڻن ۾،
تيز تکي تلوار رکي ويو نيڻن ۾.
ساڀيائن جا پنڇي زخمي ٿيندا ويا،
سپنن جا سنسار رکي ويو نيڻن ۾.
دل ڏرتيءَ تان گُل سڙي ويا چاهت جا،
هي ڪهڙا هٿيار رکي ويو نيڻن ۾.
ٿڪ ته پاڻيءَ ڦوٽا ها گر ٿيندا ويا،
پل ۾ لُڙڪ هزار رکي ويو نيڻن ۾.
چپ سدائين لاءِ اجارا رهجي ويا،
ءِ هو ڪيڏا ناز رکي ويو نيڻن ۾.
جيون جو هي سمنڊ ڪٺي جهاڳي سگهندس،
زخمن جا انبار رکي ويو نيڻن ۾.

## علي چوهاڻ ڪيبرائي

### غزل

سنڌ پنهنجي شاهه پنهنجو،
پوءِ ٻه ڏکيو ساهه پنهنجو.
شاخ پنهنجي واهه پنهنجو،
آ مِنو درياهه پنهنجو.
کيت پنهنجا، چيٽ پنهنجا،
هر ٻني ۽ ڳاهه پنهنجو.
روزڪاري روز لاشا
خون پنهنجو ماهه پنهنجو.
سينڌ پنهنجي سيڌ پنهنجي،
ياد ڪر تون چاهه پنهنجو.
دوستي تي مخلصي تي،
آ علي ويساهه پنهنجو.

## اقبالِ ابڙو

### وائـــي

خوشبوءِ وانگي تون،
دل ۾ داخل ٿي وئين.
توڪان اڳ اوندهه هئي،
جُگنوءَ وانگر تون،
دل ۾ داخل ٿي وئين.
هوريان هوريان 'حق' جي،
هُو هُو وانگي تون،
دل ۾ داخل ٿي وئين.
چيري من جي ماٽ کي،
ڪُو ڪُو وانگي تون،
دل ۾ داخل ٿي وئين.

## ساغر ابڙو

### ريشم جهڙي ڇوڪري

ريشم جهڙي ڇوڪري، پشم جهڙا خواب
ڳجهون سارو ڳوٺ آ، اڏرن سَوَ عقاب
جانيءَ جي جباب ساغر سَت رهائيو.

ريشم جهڙي ڇوڪري، پشم جهڙا ڳُل،
ساڙي سندس سونهن ني، کهڙي هن کي کُل،
ايڏي عشق اُتل، دل ۾ ڪيئن دبائيان.

ريشم جهڙي ڇوڪري، پهڻ سندو پنڌ،
منزل معنوريءَ سندي آريءَ جو آڳنڌ،
کهڙو ڪٿي ڪنڌ، سرتين ۾ ساجن سوا.

ريشم جهڙي ڇوڪري، خوشبو جهڙا خيال،
سَهي جهڙو هينئڙو، هرڻي جهڙا چال،
سڄي چڻ ته سوال، شاعر سوچن جن تي.

ريشم جهڙي ڇوڪري، ڪينجهر ڪنڌيءَ تي،
هن جي مٺ ٽيندي ڪٿي ڪاڻي حور پري،
ڇاهڪ سان ڇري، جنهن ڇارو ڇام ڪٽائيو.

ريشم جهڙي ڇوڪري، سا ڇا سلماڻي،
رهي ڪاڪ ڪنڌيءَ تي، راڻين جي راڻي،
جنهن جي ڪهاڻي، دانا ديوانا ڪري.

ريشم جهڙي ڇوڪري، اُٺي ٿي سپنا،
هن جي منڙي من ۾ ڪا جا ڪلپنا،
جيءَ سندي جپنا، سپنن کي ساپيا ڪندي.

## جام آدرش

### غزل

ڪينءَ نغمي جيان توکي ڳائي سگهيس،
۽ نہ پنهنجن چپن سان لڳائي سگهيس.

پنهنجو سنگر نہ ٿي هڪ ريکا ۾ هو،
تنهنجي ماٿي نہ بنديا سجائي سگهيس.

تون هوا جان ڇهي مون کي وئينءَ هلي،
هڪڙو افسوس توکي نہ پائي سگهيس.

پيار تنهنجو پچن ٿي چپن تي رهيو،
راز دل ۾ نہ اهڙو لڪائي سگهيس.

تو وفا جو ڪئي پر نہ مون کان سان ٿي،
مان نہ آدرش، توسان نڀائي سگهيس.

## رضوان گل

### غزل

مان صدين جو گهايل ماڻهو،
راهن منجهہ رُلايل ماڻهو.

ڪينن ٿو وينو ڳولهي ڦولهي،
پنهنجو پيار وڃايل ماڻهو.

مرڪون ٿي مفلوج ويون هن،
دونهينءَ درد دکايل ماڻهو.

اونداهين ۾ پيو ٿو ٻڪي،
دل جو ديپ اجهاٽيل ماڻهو.

لفظن ۾ ڪي تير لڪل ها،
ٿي ويو ڪيڏو گهايل ماڻهو.

"گل" جي خوشبو ڪير کسي ويو،
او گلزار مان آيل ماڻهو.

## ستيہ

### نثري نظم

# ۽ هلڪي چاپ درد جي

هلڪي چاپ درد جي
مون سان گڏ هلي ٿي
بيشمار ماڻهو
مون سان ملڻ جي دعويٰ رکن ٿا
۽ ڪو مسلسل مون کان وڇڙندو رهي ٿو
مان ڪابہ دعويٰ نٿو ڪري سگهان
ڇو تہ ملڻ ۽ وڇڙڻ
ٻيئي قيمت گهرن ٿا
جا مون وٽ ڪانهي
نتيجي ۾
يا تہ مون کي بي رخي ملي ٿي
يا رحم ڪاڏو ٿو وڃي
ٻنهي صورتن ۾
ويچارگي کان بچڻ لاءِ
مان وڌيڪ خالي پڻو گڏ ڪيان ٿو
۽ اڪيلائپ جي غلام گردشن ۾ داخل ٿيان ٿو
جتي شمار ۾ نہ ايندڙ هڪ ڦيري دؤران
تنهنجي پرسان گذران ٿو
پر تون مصروفيت جي چادر ويڙهي
سمهي پوين ٿي
۽ اجنبيت
منهنجي چوڌاري گهيرو سوڙهو ڪري ٿي وڃي
ان ئي لمحي
منهنجي بادل بڻجڻ جي خواهش جو
هڪ حصو پورو ٿئي ٿو
۽ مان ڪڏهن بہ ساڪت نہ رهڻ تي
مجبور ٿي پوان ٿو
۽ مسلسل هلندو رهان ٿو
هلندو رهان ٿو
۽ هلڪي چاپ درد جي
مون سان گڏ هلي ٿي.

## سائل پيرزادو

# تو ـ منتظر...!

هيءَ جا پٽ تي ول ڦٽي آ،
پار وتيءَ جي پايل آهي.

چنوري تي اچ چنڊ ڪڙيو آ،
تنهنجي سِڪَ ۾ گهايل آهي.

اُٽ تي خالي ڪلي جڻ ڪا،
منهنجي دل اُجايل آهي

ڪُولهين جو هو ڳوٺ ٻنن تي،
گهاگهري جيئن وڇايل آهي.

ڪنڌيءَ هيٺان ٻڪرين جو ڌڻ،
سانوڻ لاءِ واجهايل آهي.

ڪارونجهر تي مورن جو من،
اينڊو جو هارايل آهي.

سائل تنهنجي سِڪَ ڪٿي جو،
ڪارونجهر تي آيل آهي!

◙

## ڪريم بخش پيرزادو

# پُراڻو خط

اڄ تنهنجي،
ڊنل ڪتاب مان،
مون کي پنهنجو هڪ
خط هٿ آيو.
محسوس ٿيم،
جڻ مون ڪي به تون،
ان خط جيان،
دنيا جي پيڙ ۾،
وساري ڇڪي آهين،
فرق صرف ايترو آهي،
تہ اُهو خط،
لفظن جي پيڙ ۾،
پنهنجي وجود کي،
برقرار رکي سگهيو آهي،
پر مان!
دنيا جي هجوم ۾،
پنهنجو وجود،
وڃائي ويٺو آهيان!!

◙

## فراق هاليپوٽو

### نثري نظم

### ڪٿي مون ۾ ٻَجي نہ پوين...؛

تون مون کي تعمير ڪرڻ لاءِ
موهن جي دڙي جي مٽي ڪٺي آئي آهين!
منهنجا جهونا ڦٽ، پنهنجي جواني ياد ڪري
چرچ جي ڪبوترن جيان، مون ۾ هُو هُو ڪري رهيا آهن
فنا جو فلسفو مون کي دير سان سمجهہ ۾ آيو
نہ تہ آءٌ توکي اڳ ۾ حاصل ڪري چڪو هجان ها!
چپن ۾ دٻجي ويل سپيئي لفظ
مَلبو هٽڻ جو انتظار ڪري رهيا آهن
تنهنجي ڳالهين جي پنڌ، مون کي ٿڪائي وڌو آهي
۽ آءٌ پنهنجي شاعريءَ ۾ وڻ بہ ناهيان پوکي سگهيو
تون موهن جي دڙي جي نرتڪيءَ جيان
مون ۾ هر هر ڇو ٿي نچين؟
ڪٿي مون ۾ ٻَجي نہ پوين!
ڪنيار تہ سڀ مون سان ڪاوڙيل آهن
منهنجي اکين جي آوي توکي سازي ڇڏيندي
تون پاڻ کي ڳولهي ۽ ڳالهائي پوءِ مون سان ملڻ اچجانءِ!
آءٌ لاڙ جو گهميل شاعر آهيان
مون کي تعمير ڪرڻ لاءِ
تنهنجون مُرڪندڙ اکيون ئي ڪافي آهن
موهن جي دڙي جي مٽي منهنجي اجل جو ڪارڻ بنجي پوندي

## علي اظهار

## نظم

### Hair Band

تنهنجا
سپ واعدا
تنهنجي
وارن ۾ ٻڌل
ڳاڙهي هيئر بينڊ جهڙا آهن
جنهن کي تون
جڏهن چاهين
ڇوڙي ڇڏين!!

### سنگم

تنهنجي پير جي صدا
منهنجي دل جي
ڌڙڪنن جي آواز سان
ڪيڏي
ملندڙ جلندڙ آهي.

### انتظار جو موتيو

خواب
اکين ۾ ڦٽندا آهن
۽
اکين ۾ ئي ڪومائجي ويندا آهن
ڪومائيل خوابن جا
ڪَکَ پَنَ
جيترو ممڪن ٿي سگهي
ڪيڏي ڇڏڻ گهرجن
نه ته
اکين ۾
انتظار جو
موتيو لهي ايندو آهي!!

### پرس ۾ پيل اتهاس

تون
تاريخون
نه ڳڻيندي ڪر
ڇو ته
نه ڄاڻ ڪيتريون صديون
هر لمحي
تنهنجي
پرس ۾ پيل هونديون آهن.

## علي آڪاش

### نظم

الهہ ڪڏهن ڪان نيري نڀ ۾،
تارن وارو ماڻهو ڦري ٿو
چنڊ جي چاڌي هيئن ازل ڪان،
چالهہ آخر اونڌي آهي؟
پاڪي ٻنجي چو چاندوڪي
ڏنُ پريندي آ ڏرتيءَ جو
ڪنهڙي چاڪيءَ جي لهہ آخر
اُڀ جي ڪهاڻي جي چوڌاري
اُٿ جيان هو سج ڦري ٿو
ڇا سڀ ڪجهہ هيءَ اتفاقي آ؟
ڇا هئن ڇنجي؟
هڪ وڏو طوفان ڳهليو هو
جنهن ۾ ڪيئي ڪڪ اُڏاڻا
ملي سِلي سڀ ايئن سماڻا
جُڙي پيو هو پاڻ مرادو
هيءَ جڳ جو جهونو آڪيرو
يا هئن ڇنجي؟
هيءَ تہ سارو سڀ ڪان نيارو
پورهيو آهي ڪنهن پنڇيءَ جو
جنهن پنهنجي من جي مرضيءَ سان
تيلو تِيلو چوندي سوئي
پيار مان پوئي
هيءَ آڪيرو جوڙيو آهي
پورو سٺ وِلوڙيو آهي

## پشپا ولڀ

# Pay it Forward

جنهن کي جيترو مليو آهي
اهو جي پاڻ ۾ ورهائجي
ڇو نه ائين ڪجي
جيڪو آهي مليو
ورهائجي.
ڏيئي سان ڏيئو ٻاري
سڄو شهر جڳمڳائجي.

هڪ ٽانڊاڻي ۾ ڪيتري روشني آهي
ٽانڊاڻن کي دعوت ڏيئي
سڄي نهر جڳمڳائجي.

جيئن هڪ هٿ سان ٻيو هٿ ملي
ائين هٿن جي هڪ سنگهر ٺاهجي
ڪوئي نه ٽوڙي سگهي
اهڙي هڪ زنجير ٺاهجي

مان ڪيترو جيئندس،
تنهنجي زندگي ڪيتري
ڪير هن حسابن ۾ پوي
اهڙو ڪجهه ڪجي
ماڻهو رهي نه رهي
رڳو سچ جي ريت هلائجي
ڇو نه ائين ڪجي.

## طارق عالم

### غزل

شخص آهي يا ڳوٺ جو منظر،
ڳوٺ اندر آ، ڳوٺ جو منظر
ڏور تارو گگن ۾ پيو ٽمڪي،
پيش منظر ۾، ڳوٺ جو منظر
گهر ۾ سانجهه ڪندي وڃن چوڙيون،
ٿو ٻڌي مُرڪي، ڳوٺ جو منظر
راهه ايندي ڪجي ويو چاري تان،
ٿي ويو حيران، ڳوٺ جو منظر
دشمنين جو ڪڙو چڙهيل چوڌس،
گوڙ گهمسان، ڳوٺ جو منظر
مسجدن کان رُسي وئي آذان،
ڪيڏو سنسان، ڳوٺ جو منظر
ڏنڌُ ۾ چڙ ته راهه پيو ڳولي،
ماڪ وسنديءَ ۾، ڳوٺ جو منظر

### ياد، هڪ مهڪ جي...

منهنجن هٿن ۾
نارنگيءَ جي شاخ ۾ لٽڪيل
نارنگين جي مهڪ،
اڄ بہ تازه آهي
جن سان، گهڻو وقت پهرين
کيڏندو رهيو هئس ٻارَ جان،
قسم سان
اها منهنجي حياتيءَ جي
سڀ کان قيمتي مهڪ آهي



فريئر اسٽريٽ، صدر بازار، ڪراچي ـ سن 1900ع ۾.



"موقعي ۽ محل جي لحاظ کان مزاح جو عنصر منجهس بدرجه اتم موجود آهي. اهڙو ڪو واقعو يا ڳالهه جڏهن هو ڊرامائي انداز ۾ ايڪشن ۽ ايڪسپريشن سان ٻڌائيندو آهي ته کلي کلي کيرو ٿي وڃبو آهي. لکڻ لاءِ کنهن ماحول جي کا ضرورت نه پوندس، کيترو به گوڙ شور ڇو نه هجي ان جي پرواه نه ڪندو. پهرين لکڻيءَ ۾ ئي ليک ڪمپليٽ ڪري وجهندو. انهيءَ جو سبب اهو به آهي ته هو پلاٽ ذهن ۾ رکي ڪهاڻي نٿو لکي پر سڄي ڪهاڻي اٿندي ويهندي گهمندي ڦرندي توڙي ڊرائيونگ ڪندي پاڻمرادو ذهن جي ديڳ ۾ پيئي پچندس؛ جڏهن پچي راس ٿيندي تڏهن قلم جي ڏوئي سان ائين جو ائين کڻي ڪاغذ جي ڊش ۾ وجهندو. 'نوٽ ڏرتي' پهرين ڪهاڻي اٿس جا وڃي ٿي ڏينهون ڏينهن وڌندي ۽ وقت وٺندي. ان لاءِ حميد کي گهڻي حيراني آهي. هو ڪهاڻي فيئر ڪرڻ مان نه ڄاڻي، ڪاغذن تي جيتري ڪاٽ ڪوٽ، ليڪا لينگها ڏيا نه هوندا، تيتر مزو نه ايندس. لاشعوري طرح سان هن جو هر عمل ماضيءَ جي منجهيل زندگيءَ جو هڪ عڪس به ٿي سگهي ٿو. هن ڪوڙ ڪتاب پڙهيا آهن، جيڪي ياد نه هوندي به ڊسڪشنس وغيره ۾ سمورن حوالن ۽ مثالن سميت ياد اچي ويندا اٿس. هن وٽ ڇهه ست سو ڪتاب آهن پر افسوس ته انهن کي طريقي سان سنڀالي رکڻ جي في الحال حالتون اجازت نٿيون ڏينس ۽ اهي ٻورين وغيره ۾ بند آهن، گهڻي ڀاڱي ته ڪجهه به ويا اٿس. جيسين ڪتابن جي سنڀال جو ڪو جوڳو انتظام ٿئي، تيسين هو پنهنجا ڪتاب ڪٻٽ جي پويان، هيٺان ۽ مٿان پيو لڪائيندو جو انهيءَ ۾ ئي انهن جي سلامتي آهي. هن کي هر قسم جا ڪتاب پڙهڻ جو جنون جي حد تائين شوق آهي، پوءِ ڪٿي اهو تفريحي ادب هجي يا سندس سڪيلڊي پنڙي هوشوءَ جي ڪورس جو ڪتاب. هن کي آٽو بائيگرافيون پڙهڻ خاص طور سان وڻنديون آهن.

- ماهتاب محبوب

(ڪتاب "ويريون"، صفحو: 12-13)

چيندڙ: زندگي پبليڪيشن حيدرآباد

# چاڻ سڃاڻ



• **نالو:** فياض حسين ڪليري

• **ادبي نالو:** فياض چند ڪليري

• **پيدائش:** 25- مئي 1974ع

• **جنم شهر:** نوابشاهه

• **والد:** مرحوم غلام مصطفيٰ خان ڪليري

• **تعليم:** پرائمري اپوا اسڪول نوابشاهه
ميٽرڪ ايڇ ايم خوجه هاءِاسڪول نوابشاهه
انٽرميڊيٽ (پري انجنيئرنگ) گورنمينٽ بوائز ڊگري ڪاليج نوابشاهه
بي.اي (آنرز اڪنامڪس) سنڌ يونيورسٽي ڄامشورو
بي.ايڊ پائيٽ نوابشاهه

• **روزگار:** 1990ع ۾ روزاني ڪاوش ۾ سب ايڊيٽر طور صحافت جي شروعات ڪيم، بعد ۾ مسلسل 20 سالن تائين حيدرآباد ۽ ڪراچيءَ جي مختلف سنڌي اخبارن ۾ سب ايڊيٽر، نيوز ايڊيٽر ۽ رپورٽر طور ڪم ڪندو رهيس.
ٻن سالن کان ڪنڊيارو ۽ هاڻ نوابشاهه ۾، خانگي اسڪولن ۽ ڪاليجن ۾ لينگوئيج ٽيچر طور پڙهائي رهيو آهيان.

• **لکڻ جي شروعات:** 1986ع کان "گل ڦل"، "سنڌي ٻارڙا" ۽ اخبارن جي ٻارڙن جي صفحن ۾ شاعري، مضمون ۽ ڪهاڻيون لکڻ سان ڪيم، 1988ع ۾ پهريون "غزل" پندرنهن وار عبرت مئگزين ۾ شايع ٿيو، ۽ ان کان پوءِ لڳاتار شاعري، مضمون، ڪالم، افسانا، ڊراما لکي رهيو آهيان.

• **ڇپيل/ اڻ ڇپيل مواد:** ڪهاڻين جي ٻن مجموعن ، شاعريءَ جي ٽن مجموعن ، ڊرامن جي هڪ مجموعي ، اپياس ۽ تحقيقي مضمونن جي هڪ ڪتاب، اخباري ڪالمن جي ٻن مجموعن جيترو مواد موجود، وسيلا ۽ واسطا نه هئڻ سبب ڪتاب ڇپجي نه سگهيا آهن. (هاڻ مرڪزي سيڪريٽري جنرل يوسف سنڌي جي توجهه سان شاعريءَ جو پهريون مجموعو **"نه اپريو چنڊ ڪو دل تي"** ڇپائيءَ جي آخري مرحلي ۾ آهي.)

• **سماجي، ادبي تنظيمن سان وابستگي:** • 91-1990ع کان سنڌي ادبي سنگت شاخ نوابشاهه سان مسلسل لاڳاپو آهي، ٻه ڀيرا نوابشاهه ۽ هڪ ڀيرو سنڌ يونيورسٽي ڄامشورو جو سيڪريٽري، ضلعي نوابشاهه جي سنڌي ادبي سنگت شاخ جو رابطه سيڪريٽري رهيو آهيان.
• سنڌ جي دانشورن، اديبن، صحافين جي تنظيم 'جرنلسٽ اينڊ ٿنڪرز فورم' جو باني چيئرمن، عورت فائونڊيشن ۽ "سجاڳ" جو ميمبر، لبرل فورم جو ڊسٽرڪٽ ڪوآرڊينيٽر، ايڇ.آر.سي.پي ۽ ايمنسٽي انٽرنيشنل جو ميمبر رهي چڪو آهيان.

• **مڃتا ايوارڊ ۽ سندون:** هيل تائين ضلعي نوابشاهه جي مختلف علمي، ادبي ۽ صحافتي تنظيمن طرفان بهترين صحافي، بهترين ڪهاڻيڪار، بهترين شاعر، بهترين ڪالم نگار، بهترين محقق طور ايوارڊ ۽ ڪيئي سندون ۽ سرٽيفڪيٽ ماڻي چڪو آهيان. سال 2005ع ۾ سنڌ اسيمبلي طرفان بهترين ڪالم نويس طور گولڊميڊل ڏنو ويو.

• **ايڊريس:** گهر نمبر A/7 سيڪنڊ اسٽريٽ تاج ڪالوني، نوابشاهه
Email: innocent-writer2k9@yahoo.com
Cell: 0301-3217137

"ريشمان...."

سندس پيءُ جي ڪاوڙ، ڪروڌ ۽ شڪ ۾ ٻُڏل رڙ، هُن جي وجود ۾ ڏڪڻي برپا ڪري ڇڏي... پڻس، اسان کي نفرت وچان ڏسندو هليو ويو...! دل باجي، جيڪا ڪجهه گهڙيون اڳ چوڏهينءَ رات جي چنڊ جيان مهڪي، ٻهڪي رهي هئي، سندس سراپا، اماوس جو روح بڻجي ويو....

"بابُو... تون هاڻ وڃ... جيسين مان نياپو نه موڪليائين نه اچجانءِ... دعا ڪجانءِ... دل باجي، منهنجي مٿي تي هٿ ڦيريندي چيو...! اُن ڏينهن، دل باجيءَ جي گهر کان، پنهنجي گهر تائين ايندي سڄي واٽ، منهنجا نيڻ وسندا رهيا... مان پنهنجي گهر ته آيو هوس، پر لڳو هوم، ڄڻ پنهنجو پاڻ دل باجيءَ وٽ ڇڏي آيو آهيان...! اُها رات، مون کي بخار جا مُچ ٻَري رهيا هُئا... سڄي رات، عجيب لُڇ پُڇ هُئي. صُبح جو اُٿيو هوس ته، سڄي پاڙي ۾ اها خبر باهه جيان پڙڪي اُٿي هُئي، "دل- باجي مري وئي...!" منهنجي پيرن هيٺان ڌرتي ڇڏائجي وئي....!!

اُن ڏينهن کان، دل- باجيءَ جي ننڍي ڀيڻ سان شادي ڪرڻ واري رات تائين، مون پاڻ کي، دل- باجيءَ جي موت جو ذميوار پئي سمجهيو ۽ ان احساس جُرم ۾ مبتلا رهيس ته، دل- باجي ۽ مون کي ڏسي وٺڻ کان پوءِ پڻس سندس تذليل ڪئي هوندي ۽ هوءَ....!

شاديءَ رات، سندس ننڍي ڀيڻ پهريون ڀيرو انڪشاف ڪيو هُيو (ڪيس منهنجي احساسن جي پروڙ به نه هُئي...) ته، دل- باجي خودڪشي ڪئي هُئي...! سندس خودڪشيءَ جو ڪارڻ بعد ۾، سندس ڊائري پڙهي معلوم ٿيو هُيو، جنهن ۾ هُن لکيو هو...

"بابا سائين...! منهنجي بي انتها چاهت جي باوجود، منهنجي ماسات ۽ ماسيءَ کي منهنجو سڱ ڏيڻ کان انڪار ڪيو، ڇاڪاڻ ته سندن گهر جي ڇت تي علم پاڪ لڳل آهي... بابا سائينءَ، جيڪڏهن منهنجو رشتو ڏيڻ کان انڪار ڪيو ته هن کي، منهنجي غريب ماسيءَ جي حد کان وڌ تذليل ڪرڻ ۽ کين ڪافر چوڻ جو ڪو به حق نه هو... هي ڪٽرپڻو... ڪيترين دلين جو جنازو ڪڍندو آخر ......!؟"

۽ اهڙي ريت فرقيواريت دل- باجيءَ جي محبت کي ماري ڇڏيو....!!





ڪهاڻي

قاضي اياز مهيسر

# ڪليسا ۾ شام

ڪليسا ۾ شام ٿي وئي هئي. مريم جي اکين ۾ اداسي ڏسي، ڪرسمس جو وڻ خاموش ٿي ويو هو. سانجهه جي گلابي آسمان کان پهرين، ڪارن ڪڪرن سياري جي شام جا منظر مَٽائي ڇڏيا هئا. مينهن پرجي آيو هو ۽ سيءُ سيسڙاٽ ڪندو ڪليسا جي اندر گهڙي آيو هو. صحيفي جي صفحن تي رکيل عينڪ جو پارو ڪرڻ لڳو هو ۽ عينڪ بنان ٻه اکيون، برف ٿي ويون هيون. پادريءَ جون پنبڙيون ائين اڇيون ٿي ويون هيون جيئن برف باريءَ ۾ وڻن جون ٽاريون. هن ڪليسا کي پنهنجي عمر ڏني هئي، پر بدلي ۾ ڪيس سواءِ برف بارين جي ٻيو ڪجهه به ملي نه سگهيو هو. سندس عينڪ صحيفن جي صفحن تان هڪ ٻي برف باريءَ جي موسم پڙهي ورتي هئي ۽ سندس اکيون مسيحا جي مجسمي جيان پٿر ٿي ويون هيون.

اوچتو، ڪليسا جو در کلي ٿو ۽ گلابي ڳلن واري هڪ حسين عورت اندر داخل ٿئي ٿي. " فادر برگينزا !" سندس ڇير ڇهڙو آواز سرديءَ جو سينو چيريندو، پادريءَ جي ڪنن تائين پهچي ٿو. عينڪ ڇرڪي، اکين کي ڳولهڻ لڳي ٿي پر اکين کي ڪا به اٽڻ ڪونه هئي. پادري ڪرسيءَ تي آهليو پيو هو ۽ سندس اکيون ڪليسا جي دريءَ مان نظر ايندڙ شهتوت جي شاخن کي گهوري رهيون هيون. ڪليسا ۾ رات کان پهرين ئي اوندهه گهري ٿي وئي هئي. هوءَ جيئن ئي شمعدان جون ميڻ بتيون ٻارڻ لڳي ٿي ته هڪ آواز کيس ڇرڪائي ڇڏي ٿو، "مريم!". "جي، فادر.. برگينزا"، "توهان مون کي ڪيئن سڃاتو؟" "مون کي تنهنجو ئي انتظار

هو." پادري اٿي ويهي ٿو ۽ مريم ڏانهس وڌڻ لڳي ٿي. نراس اکين کي آس ملي ٿي ۽ شهتوت جون ٽاريون جهولڻ لڳن ٿيون.

"چاليهه سال، فادر برگينزا، چاليهه سال ٿي ويا توهان کي هن ڪليسا ۾ !"، مريم سندس پر واري ڪرسيءَ تي ويهندي چيو. "ها......!" پادري پنهنجي ها کان پوءِ ڪجهه پل سانت ٿي ويو. چاليهه سالن جي ان سفر سندس پنبڙين تي چاندي بُرڪي ڇڏي هئي ۽ مريم جي ان جملي ڪيس ان سفر جي گردشن جي ياد ڏياري ڇڏي هئي. "۽ تون، ڏهن سالن ۾ ٿڪجي پئينءَ !"، پادري ڪيس نهاريندي چيو. "نه ...!" مريم مرڪندي چيو، "مان ٿڪي نه هئس، بس منهنجو سفر طئي ٿي ويو هو." "ايترو جلدي؟"، پادريءَ وراڻيو، "سفر طئي ٿي ويو، ۽ تون هتي موجود آهين!" مريم ڪا گهڙي خاموش ٿي وئي. ٿوري دير کان پوءِ پادريءَ جي اکين ۾ نهاريندي چيائين، "سفر

ذيشان ڪيس ٻڌايو هو ته ننڍپڻ ۾ سندس پيءُ ڪيس ڏاڍو ماريندو هو. ساڳيءَ ريت هن جي ماءُ تي به جسماني تشدد ڪندو هو. ذيشان جي حساسيت ماحول جي پيداوار هئي. هن جي ذهن ۽ سوچ کي اُسرڻ جو موقعو ئي نه مليو. هو حالات جي خوف ۾ احساس ڪمتريءَ جو شڪار ٿي ويو. هن کي انهن ڪيفيتن مان ڪنهن حد تائين سيمي ٻاهر ڪڍيو هو. سيمي کي لڳندو هو هن جي اندر ڪنهن شيءِ کي محسوس ڪرڻ جي سگهه ناهي. مرد شايد گهڻو محسوس نه ڪري سگهندو آهي.

هو حسياتي ٿئي ٿو پر پنهنجي ضرورت جي حد تائين- جو ته هو جسم سان سوچي ٿو- فقط دل سان- عورت احساس سان سوچي ٿي.

مرد سمنڊ وانگر آهي، پنهنجي خواهش جي گوڙ ۾ گم فقط پنهنجو آواز ٻڌي ٿو. گوڙ ۾ ٻيا آواز ٻڌڻ ۾ نه ايندا آهن. سيمي سوچي ٿي آخر هو ڪڏهن ڪيس محسوس ڪندو!

هن جي آواز، لفظن، اکين جي ڪيفيتن، ريشمي وارن ۽ محبت کي.....

سائيڪوٿراپسٽ سيمي کي ٻار ايڊاپٽ ڪرڻ لاءِ چوي ٿو. ته هو ڇرڪي پوي ٿي. سوچ جو هڪ نئون رخ هن جي سامهون اچي ٿو.

پوءِ هوءَ جلد ئي يتيم خاني مان گول ڳٽن واري زينب کي ڪٺي آئي.

هوءَ زينب ۾ مصروف ٿي وئي. زينب جي کلڻ، روئڻ، رُسڻ ۽ پرچڻ ۾ خوبصورتي هئي. ذيشان سان ملي هن زينب لاءِ خريداري ڪئي، هن جي لاءِ ڪپڙا، رانديڪا، بسترو ۽ هڪ ننڍڙو پلنگ ورتائين، بيڊروم ۾ زندگي، رنگ روشني ۽ ٻار جو زندگيءَ سان ڀرپور آواز هو. زينب کي پنهنجي پلنگ تي ويهاري هوءَ ڪيس رانديڪا ڏيئي ڇڏيندي هئي. پوءِ دير تائين زينب جون حرڪتون نوٽ ڪندي رهندي هئي. زينب جي خوشي، مرڪ، حيرت جيڪي هن جي رانديڪن کي ڇهڻ سان چهري تي ڦهلجي وينديون هيون. زينب جي هلڪي ناسي اکين جي شرارت- جڏهن هوءَ سيمي کي ڏسندي هئي. زينب مختلف ٻار هئي. پرسڪون ۽ مرڪندڙ جنهن جي هر ادا ۾ هڪ سڪون هو. سندس ماءُ پيءُ حادثي ۾ اجل جو شڪار ٿي ويا هئا. ڪنهن سٺي خاندان جو ٻار هئي. شروع ۾ ذيشان، زينب کان پري پري رهيو. پر زينب جي معصوميت ۽ سونهن ڪيس پاڻ ڏانهن ڇڪي ورتو. هو اڳي کان خوش رهڻ لڳو. سيمي سک جو ساهه کنيو. هاڻ سيمي جي سوچ زينب جي چوڌاري ڦرڻ لڳي. حالات ساڳيائي رهندا آهن، پر شايد انسان بدلجي ويندو آهي. بدلجڻو انسان کي ئي آهي. انسان کي ئي حالتن جي نئين فريم ۾ آڻڻو پوي ٿو.

گهر ۾ هر طرف زندگي هئي. ٽهڪ ، مرڪون ۽ اطمينان هو. ذيشان بيچين ٿي ويندو هو پر اڳي وانگر ايبنارمل نه لڳندو هو. پر چنڊ جي راتين ۾ هن جي ساڳي حالت ٿي ويندي هئي. پر سيمي زينب ۾ مصروف هوندي هئي. رات جو اڪثر ٻنهي جو جهيڙو ٿي پوندو هو.

”ذيشان مون کي بلب جي روشنيءَ ۾ ننڊ نه ٿي اچي.“

”مون کي اونداهيءَ ۾ ننڊ نه ايندي“ ذيشان ڪاوڙ مان وراڻيو ذيشان جي رڙ تي زينب جاڳي روئڻ لڳي.

”گهٽ ۾ گهٽ هن ٻار جي حال تي ته رحم ڪر.“

ذيشان اُٿي هليو ويو، پر سيمي سندس پويان نه وئي. اڄ هوءَ اونده ۾ اڪيلي سمهي سگهي پئي. زينب جي پرسان هئڻ ڪري هن ۾ اڪيلي هئڻ جو احساس نه هو. نه ته هوءَ بلب بند ڪري ها ته ذيشان اُٿي لائونج ۾ هليو وڃي ها. سيمي اڪيلائيءَ جي خوف کان اُٿي لائونج ۾ اچي هن سان وڙهڻ لڳي هئا. پر هن دفعي اهڙي ڪا به ڳالهه نه ٿي.

دريءَ کان ٻاهر چنڊ جي ڪرڻن جون لهرون ماحول کي خوابناڪ بڻائي رهيون هيون. خبر ناهي ڪڏهن ذيشان چنڊ جي سحر مان آزاد ٿي مون کي توجهه ڏيندو! جيڪڏهن چنڊ نه هجي ها ته ڇا هي دنيا نه هلي سگهي ها! ڪيس چنڊ کان نفرت محسوس ٿيڻ لڳي.

چنڊ نه هجي ها ته سمنڊ به اڌورو رهجي وڃي ها!

◈



نازيہ کي گهرجي ها تہ ڳالهہ اتي ئي ختم ڪري ڇڏي ها پر هن اينئن ڪرڻ بدران وري ديگهہ ڪندي چيو:

"توکي بہ مون وانگر ننڍڙي نومي ءَ لاءِ راتين جو جاڳڻو پوي ها تہ خبر پوئي ها. ڪوبہ مرد ان ڳالهہ کي سمجهي نٿو سگهي، تہ ڇهن مهينن جي ٻار سان سڄو ڏينهن ٻن ڪمرن جي سوڙهي فليٽ ۾ جان ڪپائڻ ڪيڏو نہ ڏکيو ڪم آهي."

هن ان تي بہ بس نہ ڪندي وري چيو:

"جڏهن کان نومي پيدا ٿيو آهي تہ تو مون کي ڪو ڍنگ جو ڪپڙن جو جوڙو بہ نہ وٺي ڏنو آهي جيڪو پائي آءٌ ڪنهن پارٽيءَ يا شاديءَ ۾ شريڪ ٿي سگهان. پنهنجي ساهيڙين جي خوبصورت لباسن کي ڏسي مون کي پنهنجن ڪپڙن تي شرمندگي محسوس ٿيندي آهي."

ڪهاڻي

شگفتہ شاهہ

# حادثو

اهو موڪل جو ڏينهن هو اجا ڏينهن جي شروعات مس ٿي هئي تہ معمول مطابق ٻنهين جي وچ ۾ تڪرار شروع ٿي ويو.

"مون کي اڄ ناشتي ۾ اڦراٽو کپي." ارشد چيو: "منهنجي خيال ۾ سلائس تي مکڻ لڳائي کاءُ يا وري جيم، ايترو ڳرو ناشتو نہ ڪرڻ کپي ۽ اهو بہ تہ ڏس تہ مون کي اڦراٽو ناهڻ لاءِ ڪيڏي محنت ڪرڻي پوندي آهي چو تہ مون کي چڱي طرح اهو ڪم ڪرڻ ئي نہ ايندو آهي." نازيہ جواب ڏنو تہ ارشد وري چڙي پيو:

"تنهنجي لاءِ تہ هر ننڍو ڪم بہ مشڪل هوندو آهي."

"سڄو گهر تہ سنڀاليندي آهيان، اجان ڇا ڪريان" سنئون سڌو چئو تہ توکي جهيڙي ڪرڻ جو ڪو بهانو گهرجي."

"چڱو بابا! ختم ڪر قصو- مون کي زبان کولڻ ئي نہ گهرجي ها."

اهو سڀ ڪجهہ ٻڌي ارشد جي منهن جو پنو صفا لهي ويو ۽ پوءِ ڪاوڙ ۾ ايندي چيائين: "توکي شاديءَ کان اڳ خبر هئي تہ منهنجي پگهار ڪيتري آهي ۽ هن فليٽ بابت بہ، پوءِ چو تون ان مهل هن سوڙهي فليٽ ۾ اچڻ لاءِ تيار ٿي وئي، هئين؟ توکي شادي ڪرڻ لاءِ نہ منٿ ڪئي هئم، نہ ئي هٿ ٻڌا هئم تہ مون سان شادي ڪر."

هو ڪاوڙ مان ڪمري کان ٻاهر هليو ويو.

نازيہ جي دل ڀرجي آئي ۽ هوءَ سوچڻ لڳي:

"وقت بہ ڪيترو نہ جلدي بدلجي ويندو آهي. اڄ کان صرف ڪجهہ مهينا اڳ هر آچر جي ڏينهن جي شروعات پيار محبت جي ڳالهين سان ٿيندي هئي. هوءَ نيرن لاءِ ٽوش يا بيدن جو آمليٽ رکندي هئي يا اها شيءِ جيڪا ارشد کي پسند ايندي هئي." پر هاڻي تہ هر ڏينهن بوريت سان شروع

طور جيڪڏهن آءٌ اڪيلو هجان ها تہ سيڪنڊ هينڊ ڪار جو خرچ ڪٽڻ بدران هڪ نئين موٽرسائيڪل خريد ڪيان ها، جو تہ آءٌ موٽرسائيڪل جو شوقين آهيان، پر توکي حاصل ڪرڻ منهنجي لاءِ سڄي دنيا جون موٽرسائيڪلون خريد ڪرڻ کان وڌيڪ خوشيءَ جي ڳالهہ آهي. اسان هڪبئي کي چونڊيو ۽ هڪبئي جو احساس رکيو جڏهن تہ تنهنجون ساهيڙيون يا منهنجا دوست جيڪي شادي شده نہ آهن، فقط پنهنجي لاءِ سوچين ٿا ۽ پنهنجي خواهشن کي پورو ڪن ٿا."

نازيہ جي دل ٺري پئي ۽ ڪيس پاڻ تي ناز ٿيڻ لڳو تہ هو ڪيڏو نہ سمجهو ۽ مخلص ماڻهو آهي. هن پنهنجي دل مان اهڙي تمنا ڪڍي ڦٽي ڪئي.

سنڌس ساهيڙيون اڳئين هفتي ڪوهہ مري گهمڻ پئي ويون. هن پنهنجا پراڻا ڪپڙا ڪڍي ڪٽ وڍ ڪري کين صحيح ڪري نئين فيشن مطابق پائڻ جي قابل بڻايو. ماءُ جي گهران پراڻا پردا کڻي آئي ۽ ڌوئي فليٽ جي درن ۽ درين تي لڳايا. هوءَ تہ آچر تي ڳوٺ ۾ سس سهري، وٽ وڃڻ لاءِ بہ تيار هئي پر اوچتو وري موڊ بگڙي ويو هيس جنهن سبب هن وڃڻ کان انڪار ڪيو ۽ ارشد ڪاوڙ ۾ نوميءَ کي پاڻ سان کڻي روانو ٿي ويو. هاڻي هوءَ پڇتائي رهي هئي تہ هن هروڀرو کٽي ايڏي ديگهہ ڪئي پر هاڻي ڇا ٿي ٿي سگهيو هوءَ مشيني انداز ۾ ٿانون ڌوئڻ ۽ صفائي ڪرڻ جي ڪم ڪرڻ کانپوءِ سوچڻ لڳي تہ ارشد جي موٽڻ کان اڳ تيار ٿي ويهي ۽ پوءِ هوءَ هن سان جهيڙو نہ ڪري تہ جيئن هو بہ ناراضگي ختم ڪري.

هوءَ اڃان ڪپڙا مَس مٽائي آئي تہ فون جي گهنٽي وڳي. هن فون کنئي، ٻئي پاسي کان سنڌس پيءُ ڳالهائي رهيو هو، جنهن ڪجهہ عجيب لهجي ۾ ڪيس چيو تہ هو ۽ سنڌس ماءُ ڪيس وٺڻ لاءِ اچي رهيا آهن، هوءَ تيار ٿي ويهي.

"خير تہ آهي بابا...؟" هن پريشان ٿيندي پڇيو. "هڪ حادثو ٿي ويو آهي، ارشد هن وقت اسپتال ۾ آهي، هن اسان کي چيو آهي تہ توکي پاڻ سان گڏ وٺي اسپتال پهچون."

"ڇا ٿيو آهي...؟" هن خوف مان پڇيو. سنڌس پيءُ وڌيڪ ڪجهہ نہ ٻڌايو ۽ فقط اهو چيو تہ هو ڏهن منٽن اندر ڪيس وٺڻ ايندا، ان لاءِ هوءَ تيار هجي. هوءَ سمجهي وئي تہ يقيناً ڪا اهڙي ئي ڳالهہ هئي جو هن فون تي نہ پئي ٻڌائڻ چاهي. جيڪڏهن ڪا معمولي ڳالهہ هجي ها تہ ارشد ڪيس فون ڪري ها. هوءَ ڏاڪڻ تان لهي هيٺ آئي تہ ٿوري دير ۾ سنڌس ماءُ پيءُ ڪار ۾ آيا. جيئن ئي هوءَ ڪار ۾ ويٺي تہ سنڌس ماءُ سنڌس هٿ پنهنجي هٿن ۾ پڪڙيندي چيو:

"ارشد هڪ تيز رفتار ٽرڪ کان بچڻ لاءِ زور سان بريڪ هنئي... ۽ ننڍڙي نوميءَ جو مٿو زور سان ڪار جي دَرَ سان لڳو ۽ پوءِ هو سيٽ تان ڪري پيو....."

هن اهو ٻڌي پنهنجو منهن ٻئي پاسي ڪري ڇڏيو تہ جيئن نازيہ سنڌس اکين مان ڪرندڙ لڙڪ نہ ڏسي سگهي. نازيہ جي دل زور زور سان ڌڙڪڻ لڳي ۽ ذهن صفا مائوف ٿي ويس. گاڏي اسپتال پهتي ۽ جڏهن هو ايمرجنسي وارڊ ۾ پهتا تہ نازيہ جي نظر ارشد تي پئي ۽ بي اختيار سنڌس اکين مان ڳوڙها وهڻ لڳا. ارشد سنڌس ويجهو اچي سنڌس هٿ پنهنجن هٿن ۾ پڪڙيا. سنڌس اکين ۾ بہ پاڻي هو.

"دماغ جو آپريشن ڪرڻ واري ماهر سرجن کي سڏايو ويو آهي." هن چيو.

"منهنجو ٻچڙو زنده تہ آهي نہ؟" نازيہ ديوانن وانگر پڇيو.

۾ سڏيو جتي دماغ جو ماهر سرجن بہ موجود هو. ڊاڪٽر ڪين چيو:

"مون کي افسوس آهي تہ آءٌ توهان کي ڪا چڱي خبر نٿو ٻڌائي سگهان. هن وقت توهان جو ٻار فقط مشين وسيلي زندهہ آهي. هن جي دل صحيح ڪم پئي ڪري، پر دماغ ۾ زندگيءَ جو ڪوبہ وجود ڪونهي، مون کي انديشو آهي تہ هو ٻن ٽن ڪلاڪن کان وڌيڪ زندهہ رهي نہ سگهندو."

نازيہ ٻنهي هٿن ۾ منهن لڪائي روئڻ لڳي ۽ ارشد بہ مشڪل سان ضبط ڪري رهيو هو. تڏهن ڊاڪٽر وري چيو:

"منهنجا بہ ننڍڙا ننڍڙا ٻار آهن ۽ آءٌ توهان جي غم جو اندازو ڪري ٿو سگهان. پر ڇا ڪجي هي سڀ قسمت جا کيل هوندا آهن. البت توهان چاهيو تہ نوميءَ جي وجود کي پاڻ لاءِ يادگار بڻائي سگهو ٿا. ايئن جو هو ڪنهن جي ڪم اچي سگهي."

"توهان جو مطلب اهو تہ ڪونهي تہ توهان ڪي ڪنهن لاءِ سندس دل جي ضرورت آهي ڊاڪٽر صاحب؟" ارشد ڇرڪي پڇيو.

"نہ، سندس دل نہ پر سندس اکيون هڪ ٻار جي اکين کي روشني ڏيئي سگهن ٿيون." ڊاڪٽر ڪجهہ هٻڪيو ۽ پوءِ چيائين:

"هن وقت جڏهن توهان جو ٻار موت جي ويجهو ٿيندو پيو وڃي، مون کي خبر آهي تہ توهان کي اها ڳالهہ ٻڌڻ ۾ تڪليف ٿيندي، پر هڪ ننڍڙي ٻارڙي آپريشن لاءِ بلڪل تيار آهي جيڪڏهن توهان جي ٻار جون اکيون هن کي عطيو ٿي ملن."

نازيہ هڪدم جذباتي ٿيندي چيو: "مون کي سمجهہ ۾ نٿو اچي ڊاڪٽر تہ توهان منهنجي ٻار لاءِ اهڙي طرح پيا ڳالهايو ڄڻ هو مري چڪو هجي؟ نہ... توهان ايئن نٿا ڪري سگهو، ۽ آءٌ توهان کي اهو ظلم ڪرڻ جي اجازت هرگز نہ ڏيندس، ڪڏهن نہ، هرگز نہ."

"منهنجي ڳالهہ غور سان ٻڌو مسز ارشد!" ڊاڪٽر هڪ هڪ لفظ تي زور ڏيندي چيو:

"جيڪڏهن نوميءَ جي زندهہ بچڻ جو ذرو بہ امڪان هجي ها تہ آءٌ توهان کي هرگز اهو نہ چوان ها، حقيقت اها آهي تہ هن وقت بہ هي فطري طور زندهہ ڪونهي، جيڪڏهن اسين مشينون هٽائي ڇڏيون تہ هو ختم ٿي ويندو. هن بيهوش هجڻ جي باوجود موت سان ڀرپور مقابلو ڪيو آهي، اها هڪ اهڙي ڳالهہ آهي جنهن تي توهان فخر ڪري ٿيون سگهو. آءٌ جنهن ٻارڙيءَ کي نوميءَ جو اکيون لڳائڻ ٿو چاهيان، ان جون اکيون اندران تہ بلڪل صحيح آهن پر سندس ڪورينا يعني اک جو ٻهريون پردو شفاف ڪونهي. جيڪڏهن ڪيس نوميءَ جو ڪورينا ملي وڃي تہ هوءَ يقيناً ڏسڻ جي قابل بڻجي ويندي. سوچيو، جيڪڏهن توهان جو ٻار اکين کان محروم هجي ها تہ ڇا توهان ڪيس اکين جي روشني ڏيڻ لاءِ بي تاب نہ هجو ها"

"پر نومي اڃان زندهہ آهي." نازيہ وحشت سان چيو. تڏهن ارشد ڳالهايو:

"ڳالهہ سمجهڻ جي ڪوشش ڪر نازيہ! منهنجي خيال موجب ڊاڪٽر صاحب هي چوڻ ٿو چاهي تہ هو ان وقت سندس اکين جو ڪورينا ڪڍندا جڏهن... جڏهن هو ختم ٿي ويندو."

نازيہ هن ڏانهن حيرت مان ڏسندي چيو:

"ڇا هاڻي توکي بہ يقين ٿي ويو آهي تہ نومي زندهہ نہ بچندو؟"

ارشد چيو: "مون کي يقين آهي تہ سندس زندهہ بچڻ جي ذري بہ اميد هجي ها تہ ڊاڪٽر صاحب اسان کي ايئن نہ چئي ها."

هو سڀ نازيہ ڏانهن ڏسي رهيا هئا. سڀني جون منتظر نظرون مٿس ڪتل هيون، نازيہ کي

لڳو تہ هر ڪنهن جون نگاهون ڪيس اهو چئي رهيون هجن تہ هوءِ پنهنجي مامتا جي قرباني ڏئي، اهو چئي ڇڏي تہ جيڪڏهن نومي موت ڏانهن وڌي رهيو آهي تہ بيشڪ سندس اکيون عطيو ڪيون وڃن.

نازيہ ڏکندڙ قدمن سان اٿي ۽ دريءَ جي پرسان وڃي بيٺي. شام جي سرمئي رنگ جي پيش منظر ۾ گهرن ۾ ٻرندڙ روشنيون نظر اچي رهيون هيون، روڊ تي هلندڙ گاڏين جي هيڊ لائيٽس جي روشنيءَ سان سڙڪ تي رنگا رنگي روشنيون خوبصورت عڪس وکيري رهيون هيون، جيڪي آهستي آهستي پکڙجندڙ اونداهيءَ ۾ انتهائي خوبصورت لڳي رهيون هيون. سندس اندر هڪ لمحي ۾ ڄڻ نور جو تجلو ٿيو ۽ اندر مان آواز آيو تہ 'جيڪڏهن هڪ معصوم ٻارڙي اڳتي هلي اهي روشنيون ۽ رنگينيون ڏسڻ جي قابل بنجي ٿي تہ سندس نوميءَ جي حياتي ڄڻ ختم نہ ٿي'، شايد هو ٻئي اجان سنا ماءُ پيءُ نہ بنجي سگهيا هئا، ان لاءِ ئي قدرت پنهنجي امانت واپس وٺي رهي هئي، پر کين هڪ موقعو ڏئي رهي هئي تہ هو پنهنجي جگر جي ٽڪر جي هڪ نشاني پوءِ بہ محفوظ رکي سگهن. روح جي ان انقلاب هڪ لمحي ۾ کيس هڪ فيصلو ڪرڻ جو حوصلو ڏنو. نازيہ سيني ڏانهن ڏسندي چيو:

"آءٌ پنهنجي ٻچڙي جي ساهہ جي آخري پساهہ تائين وٽس رهڻ ٿي چاهيان...." ۽ هن هڪ هڪ ڏانهن واري واري سان ڏسندي چيو:

"۽...... هن جي آخري پساهہ کانپوءِ..... سندس اکيون..... يا ڪو بہ عضوو...... ڪنهن ٻئي ٻار جي ڪم اچي سگهي تہ توهان هن کي ڏئي سگهو ٿا."

اهي لفظ چوڻ بعد ڄڻ هوءِ هوش ۾ نہ رهي، ارشد کيس نہ سنڀالي ها تہ هوءِ ضرور ڪري پوي ها. نازيہ لڙکن ڀريل اکين سان هن ڏانهن ڏٺو تہ سندس چهرو بہ لڙڪ ڀنل هو، پر نازيہ کي هن وقت هڪ نئين احساس جو ادراڪ ٿيو تہ غم جي شدت جي باوجود بہ هوءِ پنهنجي دل جي گهرائين ۾، هڪ نامعلوم سڪون لهندي محسوس ڪري رهي هئي. ٿوري دير بعد هن نوميءَ جي اکين کي عطيو ڪري ڏيڻ جي ڪاغذن تي صحي ڪري ڇڏي.

نومي اڌ رات تائين زنده رهيو ۽ هو ٻئي سندس سيرانديءَ کان وينٺي. ڪڏهن سندس ٿڌن ۽ بي حرڪت هٿن کي پنهنجن هٿن ۾ وٺندا تہ وري آهستي ڪري ڇڏي ڏيندا رهيا. خاموش ڪمري ۾ فقط مشين جي هلڪي گهرڙاٽ جو ارتعاش هو جيڪي نوميءَ جي ساهہ کڻڻ جي سلسلي کي جاري رکي رهيون هيون. پر پوءِ اهو آخري وقت بہ اچي ويو جڏهن مشينون بہ اهو سلسلو جاري رکڻ ۾ ناڪام ٿي رهيون هيون. ۽ ....نيٺ.... نوميءَ جي ننڍڙي ڇاتي ساهہ جي اچ وڃ کان بلڪل محروم ٿي وئي.

نازيہ آخري دفعو هن جو هٿ پنهنجي هٿ ۾ کڻي سندس هٿ جي ننڍڙي ترِيءَ کي چميو ۽ پوءِ سندس هٿ جي پتڪڙين آڱرين کي بند ڪيو تہ جيئن مامتا جو اهو آخري چهاءُ هميشہ لاءِ سندس هٿن ۾ محفوظ ٿي وڃي. ڊاڪٽر جو خيال هو تہ هن جو يڪدم آپريشن ڪيو ويندو پر جڏهن هو ٻئي واپس گهر موٽي رهيا هئا تہ، نہ ڊاڪٽر نہ ئي ڪنهن ٻي ان ڳالهہ جو ذڪر ڪيو. نازيہ پنهنجي سس پرسان ڪار جي پوين سيٽ تي ويٺل هئي ۽ اڳين سيٽن تي نازيہ جو پي ۽ ماءُ ويٺل هئا... ۽ ان مهل ئي.... وري هڪ ڀيرو نازيہ پنهنجي اندر هڪ نئين سوچ ۽ جذبي جي اڀرڻ جو ادراڪ ڪيو ۽ هاڻي کيس هڪ ماءُ جي پنهنجي اولاد لاءِ اونهي جذبي جو احساس ٿيو ۽ پهريون دفعو کيس احساس ٿيو تہ سندس سس جي پنهنجي پٽ سان محبت ڪيڏي نہ شديد هئي ۽ جڏهن سندس پٽ ڪانٽس ڏار ٿي رهندو هو تہ اها

هن لاءِ ڪيتري تڪليف ڏيندڙ دوري هوندي هئي ۽ هوءَ فقط هر آچر تي ڪجهه ڪلاڪ هن سان گذارڻ لاءِ سڄو هفتو انتظار ۾ ڪاٽيندو هئي. هوءَ به ڄاڻندي هئي ته سندس پٽ، هاڻي شادي شده هو ان لاءِ هاڻي مٿس سندس اڳوڻو اختيار نه رهيو هو، هاڻي هو به پيءُ بڻجي ويو هو. سندس گهر هو، زال هئي ۽ هڪ ٻار هو ان جي ڪري هوءَ هر آچر تي ملندڙ ڪجهه ڪلاڪن جي خوشيءَ ۾ خوش هئي. هوءَ اڄان به ارشد جي پسند جا ڪاڏا پنهنجي هٿن سان پچائي خوش ٿيندي هئي، نازيه کي اهو پڇتاءُ ٿيڻ لڳو ته هن هڪ ماءُ کان ا خوشي ڇو کسڻ ٿي چاهي، فقط ان لاءِ ته هوءَ آچر تي گهمي ڦري ۽ تفريح ڪري، هن ڇو هڪ ماءُ کان سندس اڪيلو پٽ کسڻ ٿي چاهيو، هوءَ ڇو هڪ خود غرض عورت بڻجي وئي هئي ۽ پنهنجي سس سان حسد ڪرڻ لڳي هئي پر هن اهو وساري ڇڏيو هو ته اولاد ڪيترو ئي وڏو ڇو نه ٿي وڃي، ماءُ جو حق مٿس سدائين رهندو آهي، هاڻي جڏهن هوءَ ماءُ بڻجي وئي هئي ۽ اڄ هڪ پتڪڙي وجود جا ٽڏا هٿ، ڳل ۽ چپ ڇهي آئي هئي ته مامتا جو جذبو هن جي اندران ڇڻ ڦاٽ ڪائي ٻاهر نڪري رهيو هو. هن جي اکين مان لڙڪ لڙڻ لڳا ۽ هن پنهنجن ٻنهي هٿن سان پنهنجي سس جو هٿ پڪڙي چمي اکين تي رکندي چيو:

"امان ! توهان گهر ڇو نٿا هلو، اتي اسان وٽ سهولتون اياٌ ون ڪونه آهن، انڪري شايد توهان کي آرام نه ملي پر توهان اڪيلا نه ٿيندا."

ڪار جي شيشن تي پوندڙ ٻاهرين روشنين جي عڪس ۾ نازيه کي پنهنجي سس جي ڳلن تان ڳوڙها لارون ڪندي نظر آيا.

"ڏيءُ! اڄ تو مون کي اهو احساس ڏنو آهي ته آءٌ صرف هڪ پٽ جي ئي نه پر هڪ پياري ڏيءُ جي ماءُ به آهيان."

هو ٻئي ڀيريون پيرو هڪ ٻئي لاءِ اهڙو احساس محسوس ڪري رهيون هيون. نازيه کي اهو سوچي ازيت پئي ٿي ته ان رشتي جي بنياد مضبوط ڪرڻ لاءِ هڪ ننڍڙي معصوم جان کي قربان ٿيڻو پيو.

ٽئي ڏينهن نوميءَ جي تدفين ٿيڻ بعد، جڏهن سڀ قبرستان مان موٽي رهيا هئا ته نازيه جي پيءُ کيس پاڻ سان ڪجهه ڏينهن لاءِ وٺي وڃڻ چاهيو ته نازيه چيو:

"نه بابا! آءٌ سمجهان ٿي ته هن وقت منهنجي مڙس ۽ منهنجي گهر کي منهنجي وڌيڪ ضرورت آهي."

ارشد جي چهري تي نازيه جي ان جواب سان هڪ اطمينان لهي آيو. نازيه ٻيهر ڳالهايو:

"اڄان ته اسان ٻنهي کي نوميءَ جي استعمال جي شين کي گڏ ڪري پيڪ ڪري رکڻ جو ڪم ڪرڻو آهي، سندس رانديڪا، ڪپڙا ۽ پينگهو ...... سڀ....سڀ .. ۽ .... اسان کي هاڻي پنهنجي وکريل زندگيءَ کي به ته سهيڙڻو آهي."

ٻئي ڏينهن کان ارشد پنهنجي نوڪريءَ تي وڃڻ لڳو. نازيه به نوڪري ڪرڻ جو فيصلو ڪيو. سندس اهڙو فيصلو ٻڌي ارشد کيس چيو:

"اهو تو سٺو فيصلو ڪيو آهي، ائين تنهنجي دل به وندري پوندي، مون کي سڄي عمر پنهنجي دل ۾ اها خلش رهندي ته نوميءَ جي جان منهنجي غلطيءَ سبب وئي."

"نه...... نه......" نازيه آلين اکين سان چيو: "اسين ٻئي قصور وار آهيون، ان صبح جيڪڏهن آءٌ توسان جهيڙو ۽ ضد نه ڪريان ها ته......"

"پر...... ڪار ته مون پئي هلائي نه."

"اهو حادثو ته ٿيڻو ئي هو..... قدرت شايد اسان کي اهو سيکارڻ پئي چاهيو ته ٻهرين اسين سٺا ماءُ پيءُ ۽ زال مڙس بڻجون."

"ها!..... ۽ اجان اسان کي پنهنجي مالي حالت به بهتر ڪرڻي آهي ته جيئن اسين پنهنجن ٻارن کي زندگيءَ جو سک ڏئي سگهون."

"تون بالڪل صحيح ٿو چوين، پهرين اسان کي ذهني طرح ميچوئر ٿيڻ گهرجي، سٺي گهرو زندگيءَ جو هنر سکڻ کپي، ته جيئن اسين اڳتي پنهنجي اولاد جي سٺي تربيت ڪري سگهون. آءٌ سمجهان ٿي ته ان حادثي اسان کي گهڻو ڪجهه سيکاري ڇڏيو آهي. ان حادثي کي اٺ مهينا گذري ويا. نازيه جي دل ۾ ڪنهن ٻار جي روئڻ جو آواز ٻڌي درد جي لهر ڇُلي پوندي هئي ۽ ننڍڙن ٻارن کي ڏسي پئي ٺرندي هئي. هن ۾ سڀ کان وڏي تبديلي اها آئي هئي ته هوءَ ۽ ارشد هاڻي جهيڙو نه ڪندا هئا بلڪ اڳي کان به وڌيڪ هڪٻئي سان پيار ۽ هڪٻئي جو خيال رکندا هئا.

نوميءَ جي تدفين جي ڇهن هفتن بعد ڊاڪٽر کين فون تي ٻڌايو هو ته نابين ٻارڙيءَ جو آپريشن ڪامياب رهيو هو ۽ هاڻي هوءَ ڏسي سگهي پئي. تڏهن نازيه ڊاڪٽر کي چيو:

"منهنجي لاءِ اها ڳالهه خوشي ۽ اطمينان جو باعث آهي ته نابين ٻارڙيءَ جي اکين کي نور ملي ويو آهي."

"هن جا ماءُ پيءُ توهان ٻنهي سان ملڻ چاهين پيا." ڊاڪٽر چيو:

"کين خبر آهي ته هو توهان جي احسان جو بدلو سڄي عمر چُڪائي نٿا سگهن پر پوءِ به هو خود توهان سان ملي، توهان جا ٿورا مڃڻ چاهين ٿا."

نازيه ۾ همٿ نه هئي ته هوءَ نوميءَ جون اکيون اهڙي ريت ڏسي ان لاءِ هن چيو:

"اسان لاءِ اهوئي ڪافي آهي ته هن دنيا ۾ هڪ ننڍڙي ٻارڙي موجود آهي، جنهن جي اکين ۾ نوميءَ جي اکين جي چمڪ موجود آهي، ۽ فقط ان سبب هوءَ سچ جا ڪرتا ۽ اندلٺ جا رنگ پسي سگهي ٿي."

نازيه جي اک اجان به اوچتو رات جو گهري ننڊ مان کُلي ويندي هئي، ۽ کيس لڳندو هو ته هن نوميءَ جي روئڻ جو آواز ٻڌو آهي. يا ڪنهن باغ ۾ ويهندي جڏهن ٻوٽن جون ٽاريون لُڏڻ لڳنديون هيون ته هڪ لمحي لاءِ کيس ائين محسوس ٿيندو هو، ڄڻ اوچتو اتان نوميءَ جو مرڪندڙ ۽ ڪِلندڙ چهرو ظاهر ٿيندو.

وقت ڪجهه سال اڳتي سرڪي ويو آهي. ارشد جي پڙهائي پوري ٿيڻ بعد کيس هاڻي سٺي نوڪري ملي وئي آهي، ۽ هاڻي هو مالي طور سٺي پوزيشن ۾ آهن. تڏهن قدرت به مٿن مهربان ٿي هڪ ننڍڙي وجود جو دنيا ۾ اچڻ جو کين سنديشو ڏنو آهي. هو ٻئي بيحد خوش آهن ۽ هاڻي کين يقيناً آهي ته هن ڀيري هو بهترين ماءُ پيءُ ثابت ٿيندا، ڇو ته هو اڳي کان وڌيڪ سمجهدار ٿي چڪا آهن. هاڻي ته هو ٻار جي موجودگيءَ سان پيدا ٿيندڙ مسئلن تي هڪ ٻئي کي الزام نه ڏيندا بلڪ هر نئون ڏينهن هنن لاءِ خوشيءَ جو نئون نياپو آڻيندو.

نازيه کي اڄ حيرت ٿيندي آهي ته هوءَ ماضيءَ ۾ ايڏي چيڙاڪ ڇو ٿي وئي هئي! جو کيس ذري ذري ڳالهه تان ڪاوڙ اچي ويندي هئي. کيس مڙس جو خيال رکڻ ۽ ٻار پالڻ لاءِ مصروف رهڻ گوارا نه هو. اڄ اهو سڀ ڪجهه جيڪو کيس موهيندو هو يعني نت نوان لباس، بينڪ بئلنس، سير ۽ تفريح، پارٽين ۾ وڃڻ وغيره، هاڻي هو ٻئي پنهنجي ننڍڙي گهر جي سکون خاطر هر قرباني ڏيڻ لاءِ تيار هئا. کين يقين آهي ته هو پنهنجي سيني ٻارن سان بيحد پيار ڪندا. پر سندن پهرين ٻار جي محبت، سندن دل مان ڪڏهن به ختم نه ٿيندي. اڄ سندن زندگي بلڪل بدلجي چڪي آهي، ڇو ته قدرت ڪڏهن ائين به سبق سيکاريندي آهي.

(مرڪزي خيال ورتل)

وڏي طاقت آهي، هڪ وڏي قوت آهي، ڪرامتون اوهان جي دلين جي گهراين ۾ اهڙيءَ طرح لڪل آهن، جيئن چشمي جو پاڻي پهاڙ ۾ لڪل هوندو آهي. رڳو عقيدي ۽ ايمان جي ڪري ئي ڪرامتون وجود ۾ اينديون آهن.“ پادري اهڙيءَ ريت ڳالهائيندو رهيو ۽ سندس پنيان ڳوناٺا ڪنڌ لوڏيندا آيا. هو جيئن پوءِ تيئن وڌيڪ جذباتي ٿيندو ويو ۽ ڪيس ڪا به سمڪ نه رهي، ته پويان ڳوناٺا هڪبئي پنيان آهستي آهستي پڇندا پئي ويا. جڏهن پادري پنهنجي ڳوٺ جي ويجهو پهتو ته خيالن جي دنيا مان موٽي آيو ۽ ڳوناٺن جا ٿورا مڃڻ لاءِ مُنهن جو پنيان ورائي ڏسي ته هڪڙو به ڳوناٺو موجود ڪونه هو. پادري اچرج ۾ پئجي ويو ته ايتري ۾ هن جا مٽ مائٽ، ٻيا پادري ۽ وڏا پادري ڪيس وڪوڙي ويا ۽ خوشيءَ وچان لڙڪ پريل اکين سان هن کي ڀاڪر پائڻ لڳا ۽ سندس هٿ چمڻ لڳا. انهن مان هڪڙي شخص پادريءَ کي پنهنجي سيني سان لائي چيو، ”آخر تون اسان وٽ جيئرو جاڳندو، سلامتيءَ سان پهچي وئين! هنن پنهنجو واعدو پاڙيو. تنهنجي لاءِ هنن جيڪي اسان کان ڀُنگ جا پئسا ورتا، اهي تنهنجي سِر تان صدقي ٿيا. تون اسان جي لاءِ ڌن دولت کان وڌيڪ قيمتي آهين.“

پئسن جو لفظ ٻڌي پادريءَ کان رڙ نڪري وئي، ”ڇا جا پئسا؟“

”پئسا جيڪي اسان ان ٽولي کي ڏنا.“

”ڪهڙي ٽولي کي؟“

”انهن کي جيڪي توکي زوريءَ وٺي ويا هئا. پهرين ته هنن ويهه هزار روپين کان گهٽ جي ڳالهه ئي نه ٿي ڪئي، ڇو جو هنن جو چوڻ هو ته تون ڪروڙن کان به وڌيڪ قيمتي آهين نيٺ اسان جي منٿن ۽ خوشامدن کان پوءِ هو اڌ رقم وٺڻ تي راضي ٿيا ۽ اسان هنن کي ديول جي چندي جي پئسن مان ڏهه هزار روپيا ڀُنگ جي رقم ڪري ڏني.“

”ڏهه هزار!“ پادريءَ کان دانهن نڪري وئي. اوهان منهنجي لاءِ ايڏي وڏي رقم ڏني! هنن اوهان کي چيو هو ڇا ته مون کي زوريءَ کنيو ويو آهي؟“

”هائو، تنهنجي گم ٿي وڃڻ کان ٻي ڏينهن پوءِ اسان وٽ به ٻي ماڻهو آيا ۽ چيائون ته هڪڙي ڏينهن فجر جو جڏهن تو پنهنجي گهر جي در وٽ پوکيل کجيءَ جي وڻ کي پاڻي پئي ڏنو ته ڦورن جي هڪ ٽولي توکي زوريءَ پاڻ سان وٺي وئي. هنن قسم کڻي چيو ته جيڪڏهن هنن کي ڀُنگ نه مليو ته تنهنجو انت اچي ويندو، پر جيڪڏهن اسان هنن کي ڀُنگ جي رقم ڏني، ته توکي باسلامت هتي پهچائي ويندا.“

پادريءَ انهن لفظن تي غور ڪيو ۽ جيڪي ٿي گذريو هو، ان بابت سوچڻ لڳو.

”دراصل هاڻي ڳالهه ظاهر ٿي.“ پادريءَ ائين چيو ڄڻ ته پاڻ سان پيو ڳالهائي. ”اهو منٺل ماڻهو، بيمار ۽ پنگلو، جيڪو منهنجي دعا سان ٽپ ڏئي اٿي بيٺا هي! واهه جي ڪيڏ ڪيڏي هنن!“

پادريءَ جا مٽ مائٽ وري سندس ويجهو آيا ۽ هن جي جسم ۽ ڪپڙن کي چڪاسيندي خوشيءَ وچان چوڻ لڳا: ”تنهنجي سلامتيءَ کان وڌ ٻيو ڪجهه به ڪونهي. اسان کي پڪ آهي ته هنن جي قيد ۾ توکي ڪا تڪليف نه پهتي هوندي، پر هنن توسان ڇا ڪيو هو؟“

پادري مُنجهي پيو ۽ ٿهه پهه چيائين: ”هنن مون کان ڪرامتون ڪرايون- اهڙيون ڪرامتون جيڪي ديول کي ڏاڍيون مهانگيون پيون آهن.“

[ انگريزي ترجمي ”Miracles for sale“ تان]

”پر، شيدو! اهو منهنجو نه، بابي ۽ امان جو فيصلو آهي.“

”اڙي! تون چوڙيون چو نه ٿو پائي ڇڏين!؟“

”شيدو! وات سنڀالي ڳالهاءِ.“

”مان ته وات سنڀالي وٺنديس، پر تنهنجو پرٽو ٿيندو ته مون سان، نه ته ڪنهن سان به نه ٿيندءِ، ڳَنَ ڪولي ٻڌي ڇڏ!“

”هَل هَل، مان به ڏسي وٺندوسانءِ، جيڪو ڪرڻو ٿئي سو وڃي ڪر. مان ابي امان کان ڪنڌ نه ٿو ڪڍائي سگهان.“

اڄ شفيع ڪي الائي ڇا ٿيو هو. هُن چنڊڪو ڏئي هَر ڪلهي تي سنئون ڪيو ۽ اڳتي وڌي ويو.

”شفو! پڇتائيندين!!“ شيدوءَ آخري ڌمڪي ڏنس، پر هُن پوئتي لوُٽو به نه هنيو.

۽ پوءِ اها رات ڏاڍي اُجڙيل ۽ ڊيڄاريندڙ هئي. چنڊُ، ڪڪرن پويان لڪل هو ۽ تارن جي لاٽ به جهيڻي جهيڻي هئي. جنهن مهل اڌ رات جو ڪونيءَ تان شفيع جي اوچتي رڙ ٿي ته گهڙي ڪن ۾ سڄو ڳوٺ گڏ ٿي ويو. شفيع ڪٽ کان هيٺ ڪِريو پيو هو ۽ حياتيءَ جا آخري ساهه کڻي رهيو هو. هُن جي ڏِڏَ مان رت جي ٽوتري پئي هلي ۽ شيدوءَ جي هٿ ۾ سندس پٽس وارو سَت نڪائي چاڪون هو. ڳوٺ جي ماڻهن کان دانهون نڪري ويون. ماڻس پٽيندي چيس، ”اَئي نياڳي! هيءُ ڇا ڪيئه؟ اڙي!! هيءُ ڇا ڪيئه؟؟“

۽ شيدو، شفيع جي ڪليل بي نور اکين ۾ اکيون وجهيون ڏسندي رهي، پوءِ پٽتي مُڙي، پهريان روئندڙ پٽيندڙ ماءُ ڏانهن ڏٺائين ۽ پوءِ ڳوٺ جي ماڻهن ڏانهن ڏسندي هورڙيان چيائين، ”توهان ڪي ڇاهي؟“

۽ ٻيهر پنهنجون اکيون شفيع جي بي نور اکين ۾ وجهي ڇڏيائين.

(اصل پنجابيءَ تان ترجمو)

■

## هڪ نئون ڪتاب




**زندگيءَ ۾ وڏيون شڪستون کائيندڙ شوڪت ڳالهين ۾ شڪست نه کائيندو آهي. چڱا خاصا ماڻهو جيڪي لٺ هٿي نه ڄاڻندا آهن ۽ زبان جي خنجر سان ماڻهن کي زخمي ڪري سامهين ڌرُ تي چڙهت ڪرڻ جي ڪوشش ڪندا آهن ۽ پنهنجا عيب حمله آور لفظن جي آڙ ۾ لڪائيندا آهن، اهي شوڪت جي اڳيان هار کائي ويندا آهن ۽ شوڪت مٿن اڳواٽ وار ڪري عيب اگهاڙا ڪري ڇڏيندو آهي. ڇو ته پنهنجا عيب نه لڪائيندو آهي. شوڪت بي ضرر ماڻهو تي ڪڏهن به حملو نه ڪندو پر جي اڳينءَ ڌرُ جي اکين ۾ ڪو خرابو ڏٺائين ته پوءِ نه ڇڏيندس. انهيءَ ڪري جيڪي ساڻس محبت نه ڪندا آهن، اهي ڪانئس الرجڪ هوندا آهن ويچارا.**

عبدالقادر جوڻيجو

شوڪت حسين شورو شخصيت ۽ فن
مرتب:محمد عثمان منگي
سنڌ ماڻڪ موتي تنظير،
قاسم آباد، حيدرآباد



ڪراچي شهر جي گهٽي - سن 1900ع ۾.

□

• "قدامت پسند شخص جي تعريف هيءَ آهي تہ ان جون ٽنگون تہ ٺيڪ سلامت آهن، پر هلڻ ڪٿهن ڪونہ سکيائين." - صدر روزويلٽ.

• "مدبر ائين خيال ڪندو آهي تہ هو ملڪ جي ملڪيت آهي؛ سياستدان ائين سمجهندو آهي تہ ملڪ هن جي ملڪيت آهي." - ٽرائٽ.

• "فتح جو مدار خوداعتماديءَ تي آهي؛ خود اعتماديءَ جو مدار بار بار سوچڻ تي آهي؛ ۽ سوچڻ جو مدار راز جي حفاظت ڪرڻ تي آهي." - حضرت عليؑ

• "پنهنجا خيال مون کي ٻڌائڻ چاهين، تہ ٻڌاءِ تنهنجو يقين ڇا ڇا ۾ آهي؟ شڪ شبها تہ مون کي پنهنجا ئي گهڻا آهن." - گوئٽي.

□□

خاطر خواهه معاوضو ڏنائين. پير صاحب جو اهو اردو ڪتابڙو جلال صاحب پاڪستان پبليڪيشن مان شايع ڪيو.

حسين شاهه راشدي وزير باتدبير پير علي محمد راشديءَ جو وڏو فرزند ۽ سائين حسام الدين راشدي جو ڀائٽيو هو. منهنجو جگري دوست هو. سندس ڪو دوست ڪراچيءَ ۾ انڪم ٽئڪس آفيسر ٿي آيو، سو ڪيس نائيٽ ڪلبن جون ٽڪيٽون مفت ڏيندو هو. حسين شاهه جو ٻيو يار، غلام قادر ڏڪڻ هو. ٽئي گهاٽا يار هئاسين. نائيٽ ڪلبن ۾ ڪئبري (ڊانس) ڏسڻ تي هرياسين. غلام قادر ڏڪڻ چيو ته ”چوٿون يار به هجي، ته چوياري ٿئي.“ سڀني جو متفقه رايو سائين سنڌي صاحب تي بيٺو. جنهن زور پرڻ تي چيو ته ”زوراور، هلو.“

غلام قادر ڏڪڻ چيو ته چوياريءَ ۾ هر ميمبر جو نالو ماڊرن هجي. سو، سائين سنڌي صاحب جو نالو رکيائين: ”عبدل ڊبليو سنڌي.“

ڪراچيءَ ۾ ڪئبري ڊانس جون ڪيئي نائيٽ ڪلبون هونديون هيون، پر ”ايڪسلشر“ ڪان مٿي ڪا به ڪا نه هئي. صدر ۾ ايلفي بازار جي ڪنڊ تي، ”ڪشمير امپوريم“ جي مٿان هوندي هئي. منجهس ڪئبري رات جو نوين ڌاران شروع ٿيندو هو. تقريباً پنجاهه سٺ جوان سنا سوٽ ڪوٽ پائي، عطر عنبير مکي، اچي گول ميزن جي چوڌاري رکيل ڪرسين تي ويهندا هئا. ڊانسر حسينائون سڀ يورپي ملڪن مان اينديون هيون. انهن ۾ ترڪيءَ جي پنجويهن چويهن ورهين جي هڪ حسينه ”بيلي ڊانس“ ڪندي هئي ۽ ماڻهن کي هوش مان ڪڍي ڇڏيندي هئي. هڪ ڀيري غلام قادر ڏڪڻ کو اشارو ڏنس، سو، اسٽيج تان لٿي، نچندي نچندي، سنڌي اسان واريءَ ميز تي آئي ۽ اماڪ سنڌي صاحب جي گود ۾ ويهي رهي. منٽ ٻن ۾ ويهي اٿي وئي. غلام قادر ڏڪڻ سرباٽ ڪيو ته ”سائين، ڪجهه مزو آيو؟“

سائينءَ جواب ڏنس ته ”زوراور، مارائي وڌءِ.“ (زوراور سائين جو تڪيه ڪلام هوندو هو.)

غلام قادر چيو ته ”سائين ڇا ٿيو؟“

سائينءَ چيس ته ”ٿيندو وري ڇا! بس، شيروانيءَ جي مٿئين کيسي مان سَو جو نوٽ ڪڍي وئي!“

سائين ان وقت پنجاهه پنجونجاهه ورهين جي پيٽي ۾ هو ۽ اسان ويهن پنجويهن ورهين جي ڦوهه جوانيءَ ۾ هونداسين. پر اسان سان اهڙي دل ٿي ويس، جو جاڏي اسان تاڏي سائين.

جوانيءَ جو سڄو زمانو دهليءَ جي دبستان ۾ گذريو. پر، دل جي تار مير تقي مير يا مرزا غالب جي بدران سچل سائينءَ ۽ خواجه غلام فريد سان ڳنڍيل رکيائين. اردوءَ جو الرُ هٽ ۾ ڪونه ڪنيائين. پاڻ کي ”فرزند زمين“ ”Son of the soil“ ثابت ڪيائين.

پٺاڻيءَ جو ته اصل عاشق هو. هڪ ڀيري اسان ٻئي ڄڻا پٺاڻيءَ جي ميلي تي وياسين. شاهه سائينءَ جي حضور ۾ اسان جي اها پهرين حاضري هئي. عطا محمد حاميءَ سان گڏجي پروگرام ناهيوسين. هو خيرپور کان آيو ۽ اسان ڪراچي مان. ٽئي ڀٽ شاهه ۾ ملياسين. حامي خيرپور جي ڪاليج ۾ پڙهائيندو هو، جنهن جو پرنسپال اردوءَ جو مشهور دانشور پروفيسر ڪرار حسين هو، سو به ساڻس گڏيو آيو. پروگرام اهو بيٺو، ته شام جو ميلي تان موٽي، بس ۾ چڙهي، هالن ۾، حامي صاحب جي دوست وٽ هلي رات ٽڪنداسين. پرسانجهيءَ ڌاران جڏهن بسن جي اڏي تي پهتاسين. ته سڀ بسون نڪري ويون هيون. ڪا ٽئڪسي به ڪانه هئي. چار ميل پنڌ هو، مانڙي ڪري، ڪڙين تي زور رکيوسين. چوڏهين جي رات هئي، پنڌ ۾ اهڙو لطف آيو، جو زندگيءَ جو هڪ يادگار سفر ٿي ويو.

سائين 1947ع ۾ مهاجر ٿي آيو پر سندس سڃاڻپ ”سنڌي“ هئي. سرڪار نامدار مهاجرن کي سنڌ ۾ رهائڻ جو فيصلو ڪيو، جو ته صوبي سرحد جي چيف منسٽر خان عبدالقيوم خان پشاور ريلوائي اسٽيشن تان مهاجرن سان ڀريل سڀيون ريل گاڏيون موٽائي موڪليون ته ”هي سوکڙيون اسان کي ڪونه

اچي ويئي. سنڌس قرب ڀريو، وچ وچ مان ٿڌندڙ آواز ۽ ڳرو لهجو ملي ڪري ڪيس وڏيڪ عزت ڏيڻ وارو ماڻهو بڻائي ڇڏين ٿا. مون ڪانئس پڇيو هو ته ڪِن ڪن فوٽن ۾ ڏنگو ماڻهو ڇو لڳندو آهي.

”ڇاڪاڻ ته ڪئميرا توکان وڌيڪ چڱيءَ طرح ڏسي سگهي ٿي.“ هُن مرڪندي چيو، ”اصل ۾ ماڻهن سان ملڻ وقت آءٌ پنهنجي طبيعت جي ڏنگائي ۽ ٻڇڙائي لِڪائي ڇڏيندو آهيان، پر ڪئميرا کي ڌوکو ڏيئي نٿو سگهان. ڪئميرا وارو مون کي چوندو آهي ته، ’هِن پاسي ڏس‘ ’هُن پاسي ڏس‘ ائين مُنو ڪلاڪ وڃائڻ کان پوءِ جڏهن ڪئميرا وارو چوندو آهي ته ’هاڻي جهڙو آهين، تهڙو ٿي ڏيکار.‘ ته اُنهيءَ کان پوءِ آءٌ پنهنجي اصليت ڏيکاريندو آهيان، ۽ ڏنگو ۽ ڏکيو ماڻهو ڏسڻ ۾ ايندو آهيان.“



انٽرويو دوران سنگر گهڻو ڪري پنهنجي تازي ناول ”شوشا“ جي باري ۾ ڳالهايو. اهو ناول ڪانفرنس جي دوران ئي ڇپجي پڌرو ٿيو هو ۽ سنڌس ٻين لکڻين وانگيان انهيءَ ناول ۾ به روزمره جي زندگي ۽ مافوق الفطرت ڳالهيون پاڻ ۾ گاڏڙ هُئا. مردن ۽ عورتن جا جنسي رويا، وارسا جي عقوبت خاني ۾ روز جي هڻ وٺ، جُٺ، مار ماران، بنا ڪنهن ڪارڻ جي پيش ايندڙ اوچتا واقعا، جن ڀُوت ۽ عذاب ثواب ملي ڪري ناول کي جنم ڏين ٿا. انهيءَ کان سواءِ سنڌس اهو ناول پڙهندڙ کي ڏک ڪڍڻ جيءَ حد تائين سولو سنوائو آهي، جنهن جي پس منظر ۾ خدا جي ذات، اخلاقيات، جبر ۽ اختيار جي وچ ۾ ڇڪ ڇڪان، مرضيءَ ۽ خواهش جي وچ ۾ وٺ وٺان ۽ دماغ ۽ جسم جو هڪ ٻئي سان ٽڪرُ، جهڙا موضوع اُڀرن ٿا.

سنڌس لکڻين ۾ روزانو پيش ايندڙ ٽيٽي ۽ اڻ ٽيٽيءَ ۾ هڪ قسم جو توازن ملي ٿو. ناول ’شوشا‘ کي سنگر پنهنجن ٻين سڀني ناولن کان وڌيڪ حقيقت پسنديءَ وارو بڻائي ڇڏيو آهي. شايد انهيءَ ڪري جو اهو ناول ڪنهن حد تائين سنڌس آتم ڪٿا آهي. انهيءَ ناول جي مرڪزي ڪردار گريئيدبنگرسنگر جي جوانيءَ جو اولڙو آهي. سنهڙو، پيلو ۽ وار ڳاڙها. اهو ڪردار وشنو (گوشت نه کائيندڙ) بڻجي وڃن ٿا، جيئن خود سنگر جو پيءُ ۽ ڀاءُ ربي هُئا. انهيءَ ناول جو ٻيو ڪردار خود ’شوشا‘ آهي، جيڪا ڄامڙي عورت آهي. ناول جو نالو انهيءَ ڄامڙي عورت جي پويان ئي رکيو ويو آهي. اصل ۾ انهيءَ ڄامڙي ڇوڪريءَ کي سنگر ننڍي هوندي کان سڃاڻندو هو، جنهن جو ذڪر پنهنجين يادن ۾ به ڪيو اٿس. مون ڪانئس پڇيو ته ڇا ناول جو پلاٽ سوانحي ته نه آهي.



”تمام گهڻو، فرق رڳو ايترو آهي جو مون انهيءَ ڄامڙي ڇوڪريءَ سان شادي نه ڪئي. پر آءٌ ننڍي هوندي کان ساڻس عشق ڪندو هوس. آءٌ

لسٽ ۾ اچي ويو. ڪيس اُهي پل به ياد آهن، جڏهين اخبار جي ايڊيٽر ڪيس اطلاع ڏنو ته سندس ڪتاب 'غلام' بيسٽ سيلر جي لسٽ تي اچي چڪو آهي.

”ايڊيٽر ته ڏاڍو خوش هو، پر مون کي ڊپ اچي ڪنيو. آءٌ بيسٽ سيلر ڪتاب جو ليکڪ ته بڻجي ويس، پر منهنجو آرام حرام ٿي ويو. مون ته خدا کان دعا گهري هئي ته مون کي بيسٽ سيلر ليکڪ نه بڻائجانءِ پر خدا چاهيو پئي ته هيءُ مسڪين ماڻهو هيترن سالن کان مون کان دعائون گهرندو رهيو ته مون کي هيءُ ڏي هُو ڏي. پر مون سندس هڪ به دعا نه ٻڌ. پر هاڻي پنهنجي بندي کي هي ڏيان ٿو.“

سنگر کي نوبيل پرائيز به ملي چڪو.

سنگر هيستائين اٺ ناول، ست ڪهاڻين جا مجموعا، ٻارهن ٻارن جا ڪتاب ۽ ٽي يادن جا ڪتاب لکي چڪو آهي. انهيءَ کان سواءِ سندس ڪيترين ئي ڪهاڻيون ۽ مضمون 'نيويارڪر'، 'اسڪوائر'، 'هارپر' ۽ 'ائٽلانٽڪ' جهڙن رسالن ۾ ڇپجي چُڪا آهن. تنهن کان سواءِ سندس پهرئين مقبول ڪهاڻي 'بيوقوف گيمپل' جو ترجمو 1953ع سال بيلو (آمريڪن نوبيل لاريٽ) انگريزيءَ ۾ ڪيو.

سنگر کي جڏهين وڏي پئماني تي شهرت ملي ته سندس پنهنجن ئي يدش ليکڪن مٿانئس سخت تنقيد ڪئي. انهن ناقدن جو چوڻ آهي ته سنگر جي يدش لکڻين کي غير يهودي تمام گهڻو پڙهن ٿا، انهيءَ ڪري سندس اِها ذميواري آهي ته هُو پنهنجي ڪلچر کي صحيح نموني سان پيش ڪري. جيڪڏهن يهودين جو ڪلچر ائين ختم ٿي ويو ته انهيءَ کي ڪو بچائڻ وارو نه رهندو. انهيءَ ڪري سنگر تي اجا به وڌيڪ ذميواريون عائد ٿين ٿيون ته هو پولش يهودين جو خيال ڪري. پر سنگر جون ڪهاڻيون جنس، ڏوهن، شيطانيت ۽ دوزخ جي عذابن سان ڀريون پيون آهن. اهي ڪهاڻيون تاريخ، ڪلچر ۽ اصل حقيقتن کان پري آهن. ائين مٿس پنهنجن جي ڪاوڙ وڌندي ويئي. انهن ناقدن جو مٿس وڏي ۾ وڏو اعتراض اهو هو ته سنگر جي لکڻين ۾ فحاشي عروج تي آهي، جن ۾ پولش يهودين جا گوٽ ڪرپشن ۾ ٻڏل آهن ۽ جن تي جنن ڀوتن جو قبضو ٿيل آهي. ربي تعصبي ۽ عياش آهن. بوريت جو شڪار ٿيل عورتون ٻاهر پيريون آهن. انهن ناقدن جو خيال آهي ته سنگر جي لکڻين ۾ فحاشيءَ کان سواءِ ٻيو ڪجهه به ناهي.

سنگر تي جيڪي اهي فحاشيءَ جا الزام لڳا ۽ اعتراض اُٿيا، اُهي مٿس اڄ ڪلهه ٿيندڙ تنقيد کان ڪنهن حد تائين ٿڌا هُئا. اڄ ڪلهه جيڪي ماڻهو مٿس الزام مڙهين ٿا، اُهي ماڻهو نه رڳو روايت پسند يهودي آهن، پر گڏوگڏ طبقي جا چڱا مڙس به آهن. انهن جا اعتراض وڌيڪ شديد ۽ ڪاوڙ سان ڀريل آهن. اِهي ته ايستائين چون ٿا ته سنگر کي نه يهودين جي خبر آهي ۽ نه وري يهوديت جي. جيڪي ڪجهه به آهي، سنگر کي انهن حملن جي پرواهه ناهي. ۽ هُو انهن اعتراضن کي کِل خوشيءَ ۾ اُڏائي ٿو ڇڏي. ”اهو ته منهنجو پهريون قدم آهي، جنهن ۾ مون يهوديت ۽ جنس تي نظر وڌي آهي.“ هن چيو، ”اڃا ته انهيءَ انساني زندگيءَ جا ڪيترائي پهلو ڏينهن و ڏينهن منهنجي دلچسپيءَ کي وڌائيندي پيا وڃن.“

سنگر تي جيڪا وڌ ۾ وڌ تنقيد ٿي آهي، اُها اهڙين ڳالهين تي ٿي آهي، جن ۾ هُو پڪن يهودين جي باري ۾ اهو تاثر ٿو ڏيئي ته اهي پڪا يهودي هَوَس، عياشي ۽ گناهن ۾ ورتل آهن. ناقدن جو چوڻ آهي ته هُو اهڙيون لکڻيون لکي غير يهودي پڙهندڙن ۾ وڪڻڻ ٿو چاهي. هن انهيءَ تنقيد جو ڪيترائي ڀيرا جواب ڏنو آهي ۽ هن ڀيري عبادت گاهه ۾ به ڪيس انهن ڳالهين جو جواب ڏيڻو پيو.

”نه پيار غلط ڪم آهي ۽ نه ئي سيڪس.“ هن خوش خوش وينل ماڻهن جي اڳيان جواب ڏنو. ”اسان سڀ پيار جي ۽ خاص ڪري سيڪس جي پئداوار آهيون. جيڪڏهين ڪو چوي ٿو ته ادب ۾ زندگيءَ جي اهڙن ملهن کي پاسي تي رکيو وڃي ته اها سراسر بيوقوفي آهي. خود يهودين جا مذهبي ڪتاب انهن

ڳالهين سان ڀريا پيا آهن. انهن ڪتابن جي لکندڙ ۽ پڙهائيندڙن کي ته ڪو به ڊپ نٿو ٿئي، ڇاڪاڻ ته انهن کي خبر آهي ته اِهي زندگيءَ جا اهم معاملا آهن. اهڙن ڪتابن کي ته گهڻا ماڻهو پڙهڻ لاءِ تيار ئي نه هوندا آهن، جنهن ۾ پيار ۽ سيڪس نه هجي."

پر سنگر رڳو جنس جي باري ۾ نه لکيو آهي. هن انسان جي ڪيترن ئي روپن جي پهلوئن کي پنهنجين لکڻين ۾ ڪتب آندو آهي. سنگر انهيءَ ڳالهه ۾ ته اعتبار ئي نٿو رکي ته ڪو اسين پنهنجا نصيب پاڻ ٺا ناهيون ۽ اسان جي پنهنجي به ڪا مرضي هوندي آهي. سنگر کي شروع کان وٺي پڙهندڙ اسڪالر شاشڪا اهرلچ ٻڌايو هو ته: "سندس نظريو اهو آهي ته ماڻهو اڪيلو آهي، جنهن کي جبلتون ۽ ٻيون قوتون هلائين ٿيون. سڀني زمانن ۾ ۽ سڄيءَ تاريخ ۾ سڀني ماڻهن کي ٻيون قوتون هلائيندڙيون آيون آهن. سندس خيال ۾ هيءَ دنيا وقت کان آجي آهي. سنگر جون اڪثر ڪهاڻيون گهڻو ڪري جنسي هَوس جو شڪار ٿيل اهڙن ماڻهن جي چوڌاري ڦرن ٿيون، جيڪي پنهنجي نصيبن تي ڪنٽرول ڪرڻ لاءِ ڪوشش ۾ رڌل هوندا آهن."

سنگر جي ناقدن کي سنگر جي ڪهاڻين ۾ موجود نه رڳو جنسي هوس چيڙائي ٿي پر گڏوگڏ سندس لکڻين ۾ موجود ڪرپشن ۽ دوزخ جون سزائون به رت ڪن ٿيون. شروع کان وٺي سنگر تي ٽڪيون ڪائيندڙ يدش ٻوليءَ جو مان ڀريو شاعر جيڪب گلئٽسٽيئن وڏيءَ ٻاهه وچان لکي ٿو، "مون کي لڳي ٿو ته سنگر مُئن جي روحن کي ذليل ڪرڻ ۽ جيئرن ماڻهن کي بڇڙو ڪرڻ مان مزو ٿو وٺي. سندس ڪهاڻين ۾ اگهاڙي اذيت پسندي ملي ٿي. پنهنجين لکڻين ۾ هُو جنسي-بيمارين ۾ ورتل ماڻهو نظر ٿو اچي."

سنگر جي ڪهاڻين ۾ هنيان ڦاڙيندڙ دوزخ جا ڏيک بيان ٿيل آهن، جن ۾ اگهاڙيون عورتون ڪُنڍين ۾ ٽنگيون پيون آهن ۽ مرد باهه ۾ پيا سڙن. پر اهي ڏيک رڳو سنگر جي ڪهاڻين ۾ موجود ناهن، پر گڏوگڏ اهڙا ساڳيا ڏيک صدين کان وٺي سرجندڙ يهوديت جي علم وادب جو به حصو آهن. اهڙا ساڳيا ڏيک سنگر جي وڏي ڀاءُ جوشويا اسرائيل جي بلتصوير آتم ڪٿا 'گنريل دنيا جا ماڻهو ناهيون،' ۾ به ملن ٿا. خود اسرائيل جوشويا به اهي ڏيک سندس ماءُ جي پسند جي ڪتاب 'جسماني سزائون' مان ورتا آهن. لڳي ٿو ته انهيءَ ڪتاب جو ليکڪ دوزخ ۾ ئي ننڍي کان وڏو ٿيو آهي ۽ دوزخ سندس گهر ٿو لڳي. سزا ڪاٽڻ کان پوءِ دوزخ ۾ ويندڙ ماڻهوءَ تي اهڙو وڏو قهر ۽ عذاب ٿئي ٿو، جو ڳالهه ڪرڻ کان پري آهي. جنهن عورت پنهنجي ٻار کي کير نه پياريو هو، اُها ڪُنڍيءَ ۾ ٽنگي پيئي آهي ۽ روئندي رڙندي پنهنجا سڀ ڏوهه گناهه پيئي ٻلسي وغيره وغيره. اهي سڀ قصا ڪهاڻيون جوشويا پنهنجي ڀاءُ سنگر کي به ٻڌايا هُئا.

سنگر پنهنجين ڪهاڻين ۾ انهيءَ کان سواءِ جنن ڀوتن جو به ذڪر ڪيو آهي، ڇاڪاڻ ته انهن جا قصا يهودين جي روز جي ڳالهين ۾ بيان ٿيندا رهندا آهن. پر سنگر اهي ساڳيا قصا پنهنجين ڪهاڻين ۾ ايڏيءَ ته ڪاريگريءَ سان لکيا آهن، جو پڙهڻ سان اُهي حقيقي ٿا لڳن ۽ اکين اڳيان ٿا ڦرن. سندس لکڻ جي انهيءَ سگهه ئي ته ناقدن کي دعوت ڏني. "نه اسين ۽ نه اسان جا يهودي ايترا وهمي آهن. تون صحيح ڳالهه ڪونه ٿو ڪرين." سنگر جي ناقدن اها ئي رڙ ڪئي آهي. پر جوشويا جي ليکڪا پوٽي بريٽ مون کي ٻڌايو، "نئين دنيا جا يهودي اها ڳالهه مڃڻ لاءِ تيار ئي ناهن ته ڪو سندن ابا ڏاڏا ايڏا وهمي هُئا." وڌيڪ چيائين ته "خود سنگر جي پيءُ پنهنجيءَ عمر ۾ ڪڏهين نه بجلي ڏٺي هئي ۽ نه وري ڪڏهين ڪيس بجليءَ جي ڪارنامن تي يقين آيو. پر اهو ساڳيو ماڻهو يهودي عقيدي موجب مري ويل ماڻهن جي هلندڙ ڦرندڙ روحن تي اعتبار ڪندو هو."

سنگر جي پنهنجي دعويٰ آهي ته هن ڪڏهين اهڙو اشارو به نه ڏنو آهي ته ڪو جن ڀوت ۽ مئلن جا روح هر وقت پولش يهودين سان ملاقاتون ڪرڻ ۾ لڳا پيا هُئا ۽ نه ئي هن دنيا ۾ انهن جو ڪو وجود آهي. ايترو ئي گهڻو آهي ته هُو جنن ڀوتن ۾ اعتبار

هن يهودين کي گناهگار، وهمي ۽ قديم جهنگلي ماڻهو ڪري سڏيو آهي. ٻين لفظن ۾ هُو سخت يهودي دشمن ليکڪ آهي. انهن ئي ڳالهين کي سامهون رکي فلپ راٿ به مٿس ٽيڪا ٽپڻي ڪئي آهي. انهيءَ ڪري ئي ڪانئس ذر ذر لاڳيتو سوال پُڇيو ويو آهي ته هڪ يهودي ليکڪ جي حيثيت ۾ سندس ڪهڙي ذميواري ٿئي ٿي. انهيءَ سوال جي ئي جواب ۾ سنگر جواب به ڏنا آهن.

" آءٌ ناول ۽ ڪهاڻيون لکندڙ ليکڪ آهيان. فِڪشن جي ليکڪ جي حيثيت ۾ مون کي اهو حق آهي ته آءٌ ڪهڙيون ڳالهيون لکان. ٿي سگهي ٿو ته اُنهن ڳالهيون جو ثبوت مون وٽ نه هجي. جيڪڏهن مون کي حقيقتون ئي بيان ڪرڻيون ئي هجن ها ته آءٌ ڪهاڻي ڪار ۽ ناول نگار جي بدران تاريخدان هجان ها. فڪشن ئي ته آهي، جيڪو ذميوارين کان آجو ٿو ڪري." هن اِها ڳالهه عبادت گاهه ۾ چئي هئي ۽ ڳالهه کي اڳتي وڌائيندو ويو هو، " آءٌ نٿو سمجهان ته مون کو يهودين کي نقصان پهچايو آهي. جيتوڻيڪ مون لکڻين ۾ يهودين چورن ۽ رنڊين جو ذڪر ته ڪيو آهي، پر ساڳئي وقت مون ربين ۽ ايماندار ماڻهن جو به ذڪر ڪيو آهي. جيڪڏهين مون ڪي چور جو ذڪر ڪرڻو آهي ته اهو چيني يا اسپيني چور به ٿي سگهي ٿو. ائين ئي آءٌ ڪنهن يهودي چور جي باري ۾ لکي سگهان ٿو. ڪو به سمجهو پڙهندڙ انهيءَ مان اهو مطلب نه ڪو نه ڪڍندو ته سڀ يهودي چور آهن. جيڪڏهين ڪو پڙهندڙ اهو مطلب ٿو ڪڍي ته سڀ يهودي چور آهن. ته پوءِ اهو ماڻهو تعصبي آهي. جيڪو پڙهندڙ اهو سمجهي ٿو ته ليکڪ صحيح ڳالهه پيو ڪري ته ليکڪ ثبوت ڏيڻ لاءِ ته تيار نه هوندو. ادب ۽ پروپئگندا ۾ اهو ئي ته فرق آهي."

مون سنگر کان پڇيو ته هن جيڪو يهوديءَ جي دوزخ جو ذڪر ڪيو آهي، اهو رڳو دوزخ جي باري ۾ ناهي. انهيءَ ۾ ته پنهنجون صورتون وڃائڻ ۽ ڪن لڪائي هلڻ وارن ماڻهن جي باري ۾ به آهي.

"اِهي منهنجا ذاتي احساس آهن ته زندگي پنهنجيءَ جاءِ تي هڪ واهيات پٽو آهي." هن جواب ڏنو، "جيڪڏهن ائين نه هجي ها ته پوءِ جيئڻ ئي اجايو آهي. تون جي انسان جي گهرائين ۾ وينديءَ ته توکي واهيات پٽو نظر ايندو. اجا به هيئن ڳالهه ڪريان ته سولائي ٿي پوندي. مثال ته تون جڏهين ماڻهن سان ملين ٿي ته توکي به انهن ماڻهن جي هلت چلت وارو رنگ ڍنگ اختيار ڪرڻو پوندو. پر




تون جڏهين گهر اچي پنهنجا ڪپڙا لاهين ٿي ۽ پور پچائين ٿي ته انهيءَ وقت تون هڪ ٻيو ماڻهو هوندي آهين. دنيا ۾ هلڻ سولو ناهي. جڏهين ادب شين جي گهرائيءَ ۾ وڃي ٿو ته اُنهيءَ ادب ۾ انساني واهيات پٽو ته اچي وڃي ٿو."

1969ع ۾ سائنٽيا اوزڪ ڪهاڻي لکي، جنهن ۾ سنگر ۽ سندس يدش ناقدن جو ذڪر آهي. اها ڪهاڻي ڏاڍي مشهور ٿي. انهيءَ ڪهاڻيءَ جو ڪردار آسٽروور خود سنگر آهي.

"هُو رات ۾ اُڏامندڙ ڏينيو آهي ۽ هو چاڪ سان ڪڍيل اڻ لکي ليڪ جهڙو سنهو ۽ اڻ ڇٽو اکر

60 ۽ 70 جي ڏهاڪي ۾ جڏهن ثقافتي انقلاب اوج تي هو، گائو زينگ، جهڙي انداز ۾ شاعري ڪئي، ڊراما لکيا ۽ نثر لکيو پر ڪيس خبر هئي، هن جو لکيو آهي اهو ڇپجي نہ سگهندو، هن مولائي ان خوف ڪان اهي سڀ تحريرون ساڙي ڇڏيون جي ڪين اڻ ڇپيل لکڻيون هٿ اچي ويون تہ مٿس الزام مڙهيو ويندو تہ هو ثقافتي انقلاب واري منشور جو باغي ٿي بيٺو آهي.

80 واري ڏهاڪي ۾ ثقافتي انقلاب جي خاتمي کان پوءِ هن جون تحريرون منظر عام تي آيون. هن تي آڱريون کڄڻ لڳيون تہ هي همراهہ وتي ٿو جديديت ۽ سرمائيدار ويسٽ جي خيالن جي پرچار ڪندو. هن جي چرپر تي ڪڙي نگاهہ رکي وئي. هن جي ڊرامن جي پيشڪش ۽ سوچ ڪميونسٽ چائنا جون مٿيون ئي منجهائي ڇڏيون. هن جي ڊرامي "بس اسٽاپ" تي بندش مڙهي وئي بعد ۾ "بس اسٽاپ" تي ڪڙي تنقيد لکرائڻ لاءِ ڊرامي کي اسٽيج ڪرڻ جي اجازت ڏني وئي.

ان سموري عرصي دوران، هن پنهنجو معمول مطابق ميڊيڪل چيڪ اپ ڪرايو تہ پتو پيو تہ کيس ڦڦڙن جو ڪينسر آهي. ڪجهہ ئي سال اڳ هن جو پيءُ بہ ساڳي ئي بيماري ۾ فوت ٿي چڪو هو. بعد ۾ ايڪسري جي چڪاس دوران هن لاءِ اها خوشيءَ جي ڳالهہ ثابت ٿي تہ کيس ڪينسر ناهي. هن سوچي ورتو تہ کيس بيجنگ ۾ ناهي رهڻو، سو اڻ لکيل ناول جي ايڊوانس رائلٽي وٺي چين جي سفر تي نڪري پيو. ڏهن مهينن ۾ هن پندرنهن هزار ڪلوميٽرن جو سفر ڪيو ۽ آخر ڪٿائي ناول جو خيال جوڙي ورتو جيڪو هن 1989 ۾ پئرس ۾ ويهي لکي پورو ڪيو.

*

ڊسمبر جو مهينو هو. منور سولنگي مون وٽ ترسيل هيو. منور گڏ هجي تہ پوءِ يا ٺهڪ هوندا يا ڪتابن جون ڳالهيون. هن کي قدرت جي ڏات مليل آهي، ڪنهن بہ ڳالهہ کي چرچي ۾ تبديل ڪري سگهڻ جي. منور سان سفر ڪندي مان ڪڏهن بہ بور ناهيان ٿيو. چرچي مٿان چرچو هڻڻ هن لاءِ ڪابي هٿ جو کيل آهي. جي وري ڪتابن جي ڳالهہ نڪرندي تہ توهان کي پڙهيو لکيو ملندو. مان کيس ڪتابي خفتي چوندو آهيان. ڪنهن ڪتاب جي تعريف ٻڌي ۽ جي اهو ڪتاب نہ مليس تہ سندس من اندر هورا ڪورا هوندي تہ ڪيئن بہ ڪري اهو ڪتاب هٿ ڪجي. نيٺ ڪجهہ ئي ڏينهن ۾ ڪتاب هٿ ڪري فون ڪري ٻڌائيندو تہ: "لالي ڪتاب ملي ويو." پوءِ خفتين جيان وينو ڪتاب تي گڏ گڏ ٿي ڳالهائيندو ۽ يار دوستن کي چوندو: "هيءُ ڪتاب پڙهو، هيئن بہ لکبو آهي. سندس مٽ مائٽ ۽ دوستن کي مون منور لاءِ اهو چوندي ٻڌو آهي: "جي نياڳو انجنيئرنگ جا ڪتاب پڙهي ها تہ هينئر واپڊا ۾ انجنيئر هجي ها."

پنڊي جي هڪ ڪتاب گهر ۾ داخل ٿياسين. اسين ڪتاب ڏسڻ ۾ جنبجي وياسين. ڪتاب گهر جي مالڪ سان عليڪ سليڪ ٿي. لاڙڪاڻي جو ٻڌي هو جوش ۾ اچي ويو. هن جو رويو اسان ڏانهن پيار پريو ٿي ويو. منور ڪتاب ڏسڻ ۾ لڳو رهيو، مان هن سان ڪچهري ڪرڻ لڳس. قداور مڙس هو، هلڪي ڏاڙهي. هن جي چهري تي خوشي تري آئي هئي. هو مون کي ڀٽي بابت ٻڌائي رهيو هو.

"ذوالفقار علي ڀٽو اسان جي ڪتاب گهر تي ايندو هو. ڀٽو،بابا سان ويهي ڪچهري ڪندو هو. مون کان اهو شام جو پهر ناهي وسرندو جڏهن ڀٽو فيڪس کڻي بابا وٽ آيو هو. ڀٽو صاحب غصي ۾ هو، هن فيڪس بابا کي ڏيکاريندي چيو هو پڙهہ هي فيڪس آمريڪا مان آئي آهي جنهن ۾ لکيو ويو آهي اسان توکي دنيا لاءِ هڪ مثال بڻائي ڇڏينداسين. ڀٽو جذباتي انداز ۾ ڳالهائي رهيو هو. هن وٽ پهاڙ جهڙو حوصلو ٿي لڳو. هو پراميد هو، دنيا هن جو ڪجهہ بہ بگاڙي نہ ٿي سگهي ڇاڪاڻ تہ عوام هن سان ساڻ هو."

هو ڳالهائيندي چپ ٿي ويو ۽ چيائين: "نسيم کهڙا ٿو حال پڇين. مان يقين سان چوان ٿو تہ ڀٽي کي ڦاهي کان اڳ ئي ماريو ويو هو. هو ڀٽي جي حوصلي کان ڊڄي ويا هئا. ڀٽي جي قتل کان پوءِ اسان جو ڪتاب گهر سِيل ڪيو ويو."

هن ڪتاب گهر ٻاهران روڊ ڏانهن اشارو ڪري چيو: "هن روڊ تي مون کي بيدرديءَ سان ماريو ويو، منهنجون ٽنگون ڀڳيون ويون." هن سلوار مٿي ڪري



انهن مشڪلاتن ۽ تڪليفن هوندي به پنهنجي اباڻي ورثي علم جي اشاعت ۾ وسئون نه گهٽايائون. سنڌن جيل واري زندگيءَ ۾ به پنهنجن وڏڙن جي فهم، فڪر ۽ فيض کي مطالعي ۾ رکي پنهنجن مُريدن لاءِ گهڻو ڪجهه علمي ورثو ڇڏي ويا. پاڻ قيد جهڙي ڪَٺن زندگيءَ ۾ جيڪو انمول ڪتاب ”تنبيه الفقراء“ لکيو آهي: اُن ۾ علم بابت بهترين اقوال لکيا اٿن.

پيسي جي طلب کان علم جي طلب چڱي آهي، علم بقا واري دولت آهي، پيسي جي دولت بي بقا آهي، فارسي ۽ عربي ضروري علم آهي، اهو به پڙهڻ گهرجي. مذهبي علم مرد ۽ عورت تي فرض آهي،

حافظ عبدالرزاق مهراڻ سڪندري

ليک

# سورهيه بادشاهه جون علمي خدمتون

ڪنگريءَ جي ڪلنگيدار پاڳارن پيرن جي هميشه کان اِها رَوِش رهي آهي ته پنهنجي مُريدن ۽ واسطيدارن کي باطني فيض ۽ برڪت سان گڏ ظاهري علم کان آگاهي ۽ آشنائيءَ جو پڻ وقتاً بوقتاً سبق ڏيندا رهندا آيا آهن. حضرت پير سائين سيد محمد راشد روزي ڌڻي رحمة الله عليه کان وٺي حضرت پير سائين موجوده بادشاهه ڇهين ڌڻيءَ تائين هر هڪ پاڳارو علم جي اشاعت ۽ ترويج ۾ هڪٻئي کان اڳيرو نظر اچي ٿو.

حضرت پير سيد صبغة الله شاهه ثاني سورهيه ”شهيد“ جو دؤر انگريز سامراج سان مهاڏو اٽڪائي ڏُوبدو وڙهڻ وارو دؤر هو. حضرت پير سائين سورهيه بادشاهه جن گهڻو عرصو حُر مجاهدن جي تربيت ۾ صَرف ڪيو، ان کان سواءِ ملڪ جي مختلف جيلن، ڪال ڪوٺڙين جي قيد و بند ۾ عمر عزيز جو ڪافي وقت گذاريائون.

جيئن زال جو سينگار گهرُ آهي تيئن مرد جو سينگار علم آهي. گهڻو علم نيچ نسب کي لڪائي ڇڏي ٿو. جهالت کان وڏيڪ ٻي ڪا به تنگي نه آهي، علم جهڙي ٻي ڪابه دولت نه آهي، علم پڙهڻ سان انسان ائين ٿئي ٿو جيئن کير ۾ کنڊ، اسان جي جماعت کي به علم پڙهڻ گهرجي ته جيئن اسان جي مرشدن جي حُڪمن جي خبر پوي. علم هڪ خزانو آهي، عالم کي گهرجي ته علم جي خزاني مان فائدو وٺي ۽ ماڻهن کي هدايت ڪري، جيڪڏهن هدايت نه ڪندو ته اهو علم قارون جي خزاني وانگر چاٽڻ گهرجي.

حضرت پير سائين سورهيه بادشاهه هن رتناگيري جيل ۾ رهي اسلامي ڪتابن، جهڙوڪ: صَحيح بخاري، صحيح مسلم، ڪنزالعبرت ۽ فارسي ڪتابن جهڙوڪ: گلستان، بوستان، ديوانِ حافظ وغيره جو خوب مطالعو ڪيائون. ان سان گڏوگڏ حالاتِ حاضره کان آگاهي حاصل ڪرڻ لاءِ پاڻ هندستان، سنڌ

۽ ساري دنيا جي نقشن وارن ڪتابن ڪي خريد ڪري مُريدن ڪي پڻ حڪم فرمايائون ته اِهي ڪتاب اسان کي ڪنهن طريقي سان موڪلي ڏيو، ۽ سنڌن صاحبزادن جي فارسي ۽ سنڌي تعليم بابت پڻ حڪم فرمايو ائن ته "نينگرن جي پڙهائيءَ جو پوري صورت بندوبست ڪندا ۽ چا پڙهيو ائن اسان کي چٺيءَ رستي جلد آگاهه ڪندا."

سنڌن سنڌي، عربي ۽ فارسي داني جي وُسعت جو اندازو "تنبيه الفقراء" جي مطالعي مان بخوبي لڳائي سگهجي ٿو، جو پاڻ پنهنجي لکڻيءَ ۾ بار بار حافظ شيرازي ۽ شيخ سعدي جي نظم ۽ نثر مان مثال ڏيئي تحرير کي مُزين بنايو آهي ۽ ڪٿي ڪٿي عام سنڌي محاورا ۽ عام چوڻيون به ڪتب آنديون ائن جيڪي هڪ سؤ ويهه آهن. پاڻ لکيو ائن ته اِهي هڪ سؤ ويهه پهاڪا اسان کي ياد هُئا، (ڪنهن به ڪتاب مان ڏسي نه لکيا آهن) عام مثال لاءِ هي اوهان کي ياد ڪرڻ گهرجن.

مولوي محمد عاقل "عاقلي" (ولادت 5 سيپٽمبر 1851ع، وفات 1941ع) کي چئن پاڳارن جي صحبت نصيب ٿي هئي. حضرت پير سيد حزب الله شاهه "مسڪين" مسند ڌڻي، حضرت پير سيد علي گوهر شاهه ثاني "محفي ڌڻي" حضرت پير سيد شاهه مردان شاهه اول "ڪوٽ ڌڻي" ۽ حضرت پير سيد صبغة الله شاهه ثاني "سورهيه بادشاهه". مولوي محمد عاقل "عاقلي" وڏو عالم فاضل عربي ۽ فارسيءَ جو قادرالڪلام شاعر هو. حضرت پير سائين حزب الله شاهه "مسڪين" جي محفل بقول حسام الدين راشدي صاحب جي بغداد جي خليفي هارون رشيد جي محفل جي ياد تازه ڪندي هئي. مولوي محمد عاقل "عاقلي" ۽ پير سائين حزب الله شاهه "مسڪين" جي فرزند پير سيد علي اصغر شاهه جي فارسي ۽ سنڌي غزل تي ڏي وٽ به ٿيندي رهندي هُئي. عاقلي صاحب قادرالڪلام شاعر سان گڏ هڪ ڪامياب نثرنگار ۽ مترجم پڻ هو. عاقلي صاحب حضرت پير سائين صبغة الله شاهه ثاني جن جي ارشاد موجب فردوسي، جي شاهنامي جو سنڌيءَ ۾ ترجمو شروع ڪيو هو. جيڪو ائن حصن ۾ پورو ڪرڻو هو. هن پهريون حصو 1347هه صفر مهيني ۾ لکي پورو ڪري پير صاحب جن جي خدمت اقدس ۾ پيش ڪيو، پر افسوس جو "عاقلي" صاحب جي زندگيءَ وفا نه ڪئي، ان ڪري اهو ڪم اڌورو رهجي ويو.

عاقلي صاحب خود اهو واقعو بيان ڪندي لکي ٿو ته گذريل سال 1346هه رجبي جي موقعي تي سنڌن ٿر جي سفر ۾ جيڪو عمرڪوٽ جي قريب ماڪاڻ ٽڙ تي هو ۽ هيءُ بندو سنڌن امر موجب اُن موقعي تي اُتي وڃي حاضر ٿيو هو. پاڻ خوش ٿيا ۽ امر فرمايائون ته ڪتاب 'شاهه نامو' فردوسي طوسي وارو جو اڳين بادشاهن جي آثارن ۽ احوالن سان ڀريل آهي. مگر سنڌس فارسي زبان آهي جنهن ڪان سنڌ جا ماڻهو فائدو وٺي نٿا سگهن. تنهن ڪري تون ان ڪتاب کي اٺ جلد ڪري منڍ کان پهريون حصو سنڌي صاف زبان ۾ لکي تيار ڪر جو جڏهن اسان سفر ڪري درگاهه مبارڪ تي اچون ته پوءِ اسان جي حضور ۾ پهچائي ڏج. تنهنڪري سنڌن ارشاد موجب هيءُ ٻانهو هن ڪم تي ڪمربستو ٿي هن ڪتاب جا روز بروز ڪجهه نه ڪجهه صفحا خواه ورق سنڌي زبان ۾ لکندو رهيو. مهيني صفر 1347هه ۾ هيءُ پهريون حصو حضرت بابرڪت ابرڪرامت سرچشمهء سخاوت جناب پير صاحب دام اقبالہ جي حضور ۾ تحفو ڪري پيش ڪريان ٿو. اميد واري الله تعاليٰ باري جي لطف ۽ احسان ۾ هي آهي جو هن ڪمترين سوغات منهنجي کي پاڻ قدر ۽ شرف بخشيندو ۽ حضور ۾ پير صاحب بلند مراتب ۽ خدمت گارن ۽ متعلقن حضرت جي بين ناظرين جي هن تحفي مبارڪ کي شرف قبوليت جو ڏيندو، آمين ثم آمين.

حضرت پير سائين سورهيه بادشاهه جن جي اها ديرينه آرزو هئي ته شاهنامہ فردوسي، ترجمو ٿي منظر

رمندا رهن ٿا“، ”پَنَ پوڙين پاتال ۾“، ”ساگر جي لهرن تي“، ”بہ پاڇا“، ”هزماسٽرس وائس“، ”ٽہ- واٽو“، ”پوءِ ڇا ڪنداسين“، ”سسئيءَ جا سور“ سميت ٻين ڪيترين ڪهاڻين ۾ سنڌي سماج جي سورن، سنڌ سان ٿيندڙ ناحق ۽ ظلم تي ڀرپور انداز سان لکندو رهيو. هو جنهن سماج ۾ رهندو هو ان ۾ گهٽن عذابن ۽ اذيتن کي کهڙي ريت منهن ڏنائين، سماج مان بُرن ۽ بدڪردارن کي ڳولهي هٿيڪو ڪيائين. سي سمورا عڪس سندس ڪهاڻين ۾ ملن ٿا.

حفيظ پنهنجي ننڍپڻ واري زندگيءَ ۾ ڏاڍا رولڙا ڏٺا. بوٽ پالش ڪيائين، هوٽلن ۾ بيرو ٿيو، پرنٽنگ پريس تي پروف ريڊر ٿيو، ليٽ مشين جو ڪم سکيو، ملٽريءَ ۾ ڀرتي ٿيو. 1947ع ۾ ملٽريءَ جي نوڪري ڇڏيائين ۽ پوءِ ڪجهہ وقت دوائن جي واپار ۾ جالڻ جي ڪوشش ورتائين ۽ اڳتي هلي دوائن جو ڪم ڪار ان ڪري ڇڏيائين جو 35 رپين وارو خريد ڪيل ڪونين جو دٻو ڪيس 135 رپين ۾ وڪرو ڪرڻو پئجي ويو. ان کان پوءِ اچي حيدرآباد ٻاهران ڪلهوڙن جي ڳوٺ ۾ سيڏي جو هڪ دڪان کوليائين. موٽر گئريج ۾ بہ ڪم ڪيائين، ريڙهين تي فروٽ وڪڻڻ، لارين تي منشي گيري ڪرڻ سان گڏ فوٽ پاٿن تي راتيون پڻ گذاريائين. وري موٽي خيرپور ۾ استاد غلام اصغر جيڪو ان وقت ناز هاءِ اسڪول جو هيڊ ماستر هو، سان مليو، جنهن کان متاثر ٿي پرائمري ليول کان وڌيڪ تعليم حاصل ڪرڻ جي خواهش ظاهر ڪيائين ۽ استاد غلام اصغر جي مدد سان هو سڌو مئٽرڪ جي امتحان ۾ ويٺو ۽ مئٽرڪ جو امتحان پاس ڪيائين. بعد ۾ ڪاليج ۾ داخلا ورتائين. ۽ پوءِ 1958ع ۾ سنڌ مسلم ڪاليج حيدرآباد مان بي.اي پاس ڪيائين. ان طرح پڙهڻ سان گڏوگڏ نوڪري بہ ڪرڻ لڳو. سنڌي اخبار ”نواءِ سنڌ“ ۽ ”نئين سنڌ“ ۾ پڻ ڪم ڪيائين. پنهنجو هڪ رسالو ”شاگرد“ پڻ ڪڍيائين. حفيظ جنوري 1960ع ۾ انگريزي صحافت ڏانهن رُخ ڪيو ۽ اي.پي.پي ۾ نوڪري ڪرڻ لڳو. آگسٽ 1960ع ۾ خيرپور ڊويزنل ڪائونسل حفيظ کي ڏيڍ سؤ رپيا اسڪالرشپ ڏني تہ جيئن هو صحافت ۾ ايم.اي ڪري سگهي ۽ ان مقصد لاءِ هو لاهور هليو ويو ۽ اتان ايم.اي صحافت جي ڊگري حاصل ڪري موٽيو.

حفيظ جسماني طور قد جو ننڍو هو، سندس والد جو نالو ڊاڪٽر عبدالرسول شيخ هو. سندس وڏا اسلام قبول ڪرڻ کان اڳ هندو مذهب سان واڳيل هئا ۽ سندس پاڙو واڙواڻي هو. حفيظ جي امڙ ڪشميري پنڊت خاندان جي هئي، جنهن جا وڏا مسلمان ٿيڻ کان پوءِ گهڻو وقت اڳ اچي پنجاب ۾ رهيا. سندس پيءُ حيدرآباد ڇڏي خيرپورميرس جي شهر گنبٽ ۾ رهيو، جتي ڊسمبر 1930ع ۾ حفيظ ڄائو. ڊاڪٽر عبدالرسول شيخ ان وقت خيرپورميرس جي سول اسپتال ۾ ميڊيڪل آفيسر هو. حفيظ جڏهن وڏڙو ٿيو تہ سندس پيءُ هن کي ڪميونسٽ خيال جو هجڻ سبب ڪيس مذهب دشمن، ملحد ۽ ڪافر سڏڻ لڳو. جنهن سبب حفيظ کي پنهنجو اباڻو گهر ۽ ڪٽنب هميشہ لاءِ ڇڏڻو پئجي ويو.

حفيظ شيخ پنهنجي ڪتاب ”ساگر جي لهرن تي“ ۾ پنهنجي نامڪمل آتم ڪهاڻي ۾ لکي ٿو تہ، ڪيس منهبي تعليم ڏيارڻ لاءِ پاڙي جي مسجد ۾ هڪ مولانا وٽ ڇڏيو ويو هو. سندس ننڍڙي ذهن ۾ اوچتو خيال آيو تہ ”خدا ڇا آهي؟ جنت ۽ دوزخ ڇا آهي، قيامت ڇا آهي؟“ ۽ انهن سوالن جو جواب وٺڻ لاءِ هن پڪو پهہ ڪيو تہ هو پنهنجي استاد صاحب کان ضرور پڇندو جڏهن حفيظ شام جو مولانا صاحب وٽ سبق وٺڻ ويو تہ مسجد ۾ پهچڻ شرط پنهنجي استاد کي چيائين تہ: ”استاد مان سبق پوءِ وٺندس پهريائين مون کي ٻڌايو تہ خدا ڇا آهي؟“

مولانا صاحب هن ننڍڙي جي سوال پڇڻ تي بجاءِ ڪيس ڪنهن بهتر انداز ۾ سمجهائڻ جي انتهائي ڪاوڙجي پيو ۽ رحل ڪٽي حفيظ جي مٿي ۾ هنيائين. حفيظ روئندو اچي گهر پهتو ۽ پنهنجي امڙ کي چيائين تہ: ”امان مان ان مُلان وٽ نہ پڙهندس جيڪو خدا جي باري ۾ بہ ڪجهہ نٿو ٻڌائي سگهي.“



ڊاڪٽر مرليڌر جيتلي

تحقيق

# تيرٿ بسنت: جيون جي جهلڪ ۽ رچنائون

تيرٿ بسنت سنڌيءَ جي اعليٰ نثرنويس ۾ مکيہ جاءِ والاري ٿو. سندس جنم خيرپور ميرس(سنڌ) جي ڳوٺ لقمان ۾ 7- سيپٽمبر 1909ع تي ٿيو. اِنهيءَ خيال کان هِن مهيني ۾ تيرٿ بسنت جي جنم شتابديءَ جي موقعي تي ساهتيہ اڪادمي، نئي دهليءَ طرفان، مڌيہ پرديش سنڌي ساهتيہ اڪادميءَ جي سهڪار سان ڀوپال ۾ 16-17 سيپٽمبر تي هڪ ادبي سيمينار رکيو ويو آهي.

تيرٿ بسنت جو جنم جنهن مهيني ۾ ٿيو، اُنهيءَ ساڳئي مهيني ۾ 30 سيپٽمبر 1994ع تي هو ساسين سُکالو ٿيو. اسان کان وڇڙئي کيس پندرهن کن سال مس ٿيا آهن، پر سندس زندگيءَ جي باري ۾ سَن - وار تفصيل مون کي ڪنهن بہ ڪتاب ۾ درج ٿيل ملي نہ سگهيا آهن. ”آئيني جي اڳيان“[1] مضمون ۾ تيرٿ بسنت خود پنهنجيءَ زندگيءَ ۽ رچنائن بابت ٿوري ۾ لکيو آهي. پر اُن کان پوءِ سندس گهڻيئي ڪتاب شايع ٿيا آهن، جن جو اُن مضمون ۾ ذڪر نہ آهي. تيرٿ بسنت پنهنجن داخلي مضمونن ۾ پنهنجيءَ زندگيءَ بابت ڪن هنڌن تي اِشارا ڪيا آهن. هن جي باري ۾ ٻين ساهتيڪارن بہ ٿورو گهڻو لکيو آهي. سن 1944ع ۾ جڏهن مان دهلي يونيورسٽيءَ ۾ سنڌيءَ جو ليڪچرار مقرر ٿيس، تڏهن وقت بہ وقت هن بزرگ اديب سان ٻيو مڪا ميلو ٿيندو هو. ڪڏهن ساهتيہ اڪادميءَ جي لائبرريءَ ۾، تہ ڪڏهن ڊاڪٽر هرومل سدارنگاڻيءَ جي گهر ۾، تہ ڪڏهن سيمينارن ۽ ادبي ميڙن ۾ ٻيا پاڻ ۾ رهاڻيون ڪندا هئاسين. اِن طرح تيرٿ بسنت جي شخصيت کي ڏسڻ ۽ سمجهڻ جو موقعو ملندو هو. هتي اِنهن مڙني ذريعن جي آڌار تي تيرٿ بسنت جو جيڪو خاڪو اُڀريو آهي، اهو پيش ڪريان ٿو.

تيرٿ بسنت سان منهنجي آخري ملاقات 1994ع ۾ بڙودي ۾ ٿي هئي. سنت ڪنوررام ڪالوني (وارشيا ڪالوني) ۾ منهنجي وڏي چاچي وسندرام جو گهر آهي. 18 جولاءِ 1994ع ۾ سندس سرڳواس ٿيو هو. اِن ڪري پرچاڻيءَ لاءِ اُن مهيني بڙودي ويو هوس. هڪ ڏينهن شام جو دوستن سان ڳالهيون ڪندي معلوم ٿيو تہ تيرٿ بسنت، سنت ڪنوررام ڪالونيءَ جي ڀرسان ئي هڪ ٻڍا آشرم ۾ رهندو آهي. هڪدم اَندر ۾ چِڪ ٿي تہ هن بزرگ ساهتيڪار جو درشن ڪري اُچان. دوستن ۾ ڪي سنڌيءَ جا مشهور ساهتيڪار بہ هئا. ڪانئن پڇيم تہ ڇا توهين تيرٿ بسنت سان گڏجڻ نہ ويندا آهيو؟ هڪدم هڪ ساٿيءَ وراڻيو، ”ڇڏ يار! ڪير ٿو هِن ڪر مغز پاڳل سان ملڻ وڃي! هو تہ دين- دنيا کان ئي ٻاهر آهي.“ اِهو ٻڌي گهڻو ڏک ٿيم. هڪ ڏينهن پنهنجي سوٽ پرشوتم کي چيم تہ اَڄ وقت ڪڍي تيرٿ

---

[1] موتواڻي هري، (سمپادڪ ڪونج) آئيني جي اڳيان، 4 گريٽ ويسٽرن بلڊنگ، اپولو اسٽريٽ، بمبئي- : سال جولاءِ 1968ع

بسنت سان ضرور گڏباسين. رات جا اٺ کن ٿيا هئا. مان پنهنجي سوٽ کي ساڻ وٺي ٻڌا آشرم ۾ ويس. رسيپشن تي تيرٿ بسنت لاءِ پڇيم. اُتي ويٺل شخص رجسٽر کولي جاچيو ۽ سندس ڪمري جو نمبر به ٻڌايائين. مان ۽ پرشوتم ٻهرئين ماڙي تي اُن ڪمري ۾ پهتاسين. هڪ سؤ چورس فوٽن جي ننڍي ڪمري ۾ ٻه لوهي پلنگ پيا هئا. هڪ پلنگ تي هڪ بزرگ ويٺو هو. ڪانئس تيرٿ بابت پڇيم. هُن وراڻيو ته برابر هو هِن ڪمري ۾ ئي رهندو آهي. پر هن وقت هيٺ هال ۾ رات جي ماني کائڻ ويو آهي. اسين ٻئي هيٺ گرائونڊ فلور تي آياسين. مون ٻاهران ئي هال ۾ ليئو پائي ڏٺو ته هڪ بزرگ ڪُرتي- پاجامي ۾ هڪ ڪنڊ ۾ ويٺو هو، ۽ روٽي کائي رهيو هو. اِهو ڏسي اسين هال کان ٻاهر ورانڊي ۾ بيهي اِنتظار ڪرڻ لڳاسين. ڏهين ڪن منٽين کان پوءِ اُهو بزرگ شخص هال مان ٻاهر نڪتو. ويجهو آيو ته سڃاتم ته برابر هو تيرٿ بسنت ئي آهي. ڪيس نمسڪار ڪري پنهنجي واقفيت ڏنم. پر ڏٺم ته سندس ياد گيري ايتري قدر ڪمزور ٿي چڪي هئي، جو دماغ تي زور ڏيندي به مون کي سڃاڻي نه سگهيو. اِن تي ڪيس ٻڌايم ته اوهان جو گهرو دوست ڊاڪٽر هرومل سدارنگاڻي ڊسمبر 1992ع ۾ دهليءَ ۾ ديهانت ڪري ويو آهي. خبر اٿو؟ ڏٺم ته اِهو ٻڌندي هو ٽٻيءَ ۾ پئجي ويو. منٽ ٻه منٽ سوچڻ بعد وري پڇيائين، "ڪهڙو هرومل؟" مون وراڻيو، "جيڪو ڪالڪاجيءَ ۾ رهندو هو. سندس ڀائيجو سنتداس جهانگياڻي هو، جيڪو ديش بنڌو ڪاليج ۾ سنڌي پاڙهيندو هو. اُنهن جي گهر ۾ اوهين هر هفتي آرتوار تي شام جو ايندا هئا. مان ۽ نارائڻ شيام به اُڪثر اِنهن ڪچهرين ۾ شريڪ ٿيندا هئاسين." هو وري به گهري سوچ ويچار ۾ پئجي ويو.

ياد ڪرڻ جي ڪوشش ڪندي به ڪجهه به ياد نه پيو اچيس. نيٺ مشڪندي ورندي ڏنائين، "هيءَ دنيا آهي مسافر خانو. جيڪو هتي آيو آهي، تنهن کي هڪ ڏينهن هتان وڃڻو ئي آهي. مان به هليو ويندس." ائين چئي تيرٿ بسنت مون سان هٿ ملائي موڪلايو. پوءِ ٻڌا آشرم مان ٻاهر نڪري، ڪلاڪ کان پوءِ ڪجهه پنڌ ڪرڻ لاءِ ٻئي طرف هليو ويو. سندس هيءَ حالت ڏسي مان افسوس ڪندو رهيس.

اِنهيءَ گڏجاڻيءَ بعد ٻه- ٽي مهينا گذري ويا. آڪٽوبر- نومبر ڌاري معلوم ٿيو ته سنڌيءَ جو برک ساهتيڪار تيرٿ بسنت بمبئيءَ ۾ ديهانت ڪري ويو آهي. ٻڙودي ۾ رهندڙ دوستن ۽ پنهنجي سوٽ کان اِن باري ۾ جاچ ڪيم. هنن ٻڌايو ته ٻڌا آشرم ۾ تيرٿ بسنت جي حالت ڏينهون ڏينهن ويئي پوٽي پوندي. اِن ڪري سندس ويجها عزيز ڪيس آشرم مان ڪڍائي، بمبئيءَ وٺي ويا، جتي ڪجهه ڏينهن بعد سندس سرڳواس ٿيو. اِنڊين انسٽيٽيوٽ آف سنڌالاجيءَ جي ڊپٽي ڊائريڪٽر شري صاحب بجاڻيءَ تيرٿ بسنت جي پرلوڪ پڌاري وڃڻ جي تاريخ 30 سيپٽمبر درج ڪئي آهي. اِن جو آڌار ٽائيمس آف انڊيا ۾ شايع ٿيل هن ساهتيڪار جي ديهانت جي خبر آهي. مون کي نٿو سُجهي ته سنڌيءَ جي هن اعليٰ نثرنويس جي ديهانت ڪري وڃڻ تي ڪٿي ڪا شوڪ سڀا ٿي هجي يا سنڌي اخبارن ۽ ادبي مخزنن ۾ ڪا شرڌانجلي شايع ٿي هجي!

## تيرٿ بسنت جي ٽُڪ ۽ آکهه

تيرٿ بسنت جي ٽُڪ "سوڊا" آهي. اِن باري ۾ اڪثر ڳالهيون ڪندي ٻڌائيندو هو ته اسين 'سوڊا راجپوت' آهيون. شروعاتي دؤر ۾ هن ڪن هنڌن تي پنهنجي نالي سان گڏ 'سوڊا' لکيو به آهي. اِن جي تصديق ساهتيه اڪادميءَ طرفان شايع ٿيل ڀارتي ساهتيڪارن جي ڊائريڪٽريءَ مان به ٿئي ٿي. اُن ۾ هُن جي نالي جي داخلا هن ريت ڏنل آهي[1]:

Vasant, Tirth Verhomal Sodho, b. 7-9-1909

وقت گذرندي تيرٿ پوءِ پنهنجي نالي سان 'سوڊو' لکڻ ڇڏي ڏنو. اِن باري ۾ "نالي ۾ ڇا آهي؟" مضمون ۾ هو لکي ٿو:[2]

---

[1] Sahitya Akademy, New Delhi, Who is Who Of Indian Writers, 1961, p. 385.

[2] تيرٿ بسنت، سارنگ (مضمون)، ليکڪ، نئي دهلي، 1979ع، ص 182

”اِهو ليک ور ور ڏيئي ٽي دفعا پڙهيو هوم، جاڪاڻ تہ اِها منهنجي اِبتدائي مشق هئي، جا خوش نصيبان ”سنڌ آبزرور“ جهڙي نامياري اخبار ۾ پهرئين ئي ہرانگهہ سان پتڻ پار ڪري ويئي هئي. لاشڪ ليک ۾ هو تہ ڪي ڪين. هينئر پڙهان تہ شايد اُبتو اچيم. ليڪن مسٽر پنيا هو برهمو سماجي ۽ اُبلائن جي اڪارن جو رکپال، سو اِهي انگوڙا بہ بنا هچڪ ڪٽي شايع ڪيائين. ليڪن مون آهڙو ڪم ڪيو هو، جهڙو لومڙ شير جي کل پهري، لوڪن کي ڪيرو ڪري شرم اچڻ کپندو هو. ليڪن آءٌ پنهنجو ملوڪ نالو ڏسي نرگس جٽان پئي ٽڙيس. اِنهيءَ خود نمائيءَ کي انگريزيءَ ۾ ’Narcism‘ چوندا آهن، يعني تہ پنهنجو پاڻ تي ئي عاشق ٿي پوڻ. اِهو بہ الڙ وهيءَ جو هڪ ٻؤر آهي، جو مڪڙي ٽڙڻ سان ئي اُپ ڏاري وجهي. البت ڪمبخت ڪمپازيٽر،اِنهيءَ رب ۾ مڪيون وجهي نہ ڇڏي ها تہ راحت بي رنج محسوس ڪريان ها. هينئر خوشيءَ عيوض خارپئي ڪاٽم ۽ ڪِجي ڪِجي رت جو داب وڌائي ٿي ڇڏيم، تہ شريمان جيٺمل گلراج خود پنڊ پنهنجي فرينچ ڪٽ سونهاري ۽ سقراطي لوچڻ، جواهري جنڪيٽ ۽ سرارڪي چمپل سان اچي براجمان ٿيو.

مون ڪان سواءِ واچناليہ ۾ ٻي ڪا پهر ڪانہ هئي. هن تہ مون جهڙي ڇوڪراٽ کي ليکي ۾ ئي نہ آندو. مون بہ اخبار کڻي ميز تي رکي تہ هُن اُها ئي اخبار کڻي سرسري نظر وجهندي، اِهو ئي ليک ڏيان ڏيئي پڙهيو. مون ڏٺيو تہ هن هاڪاري ڍِگ مڙس تي اِن جو اُثر ڪهڙو ٿو پوي. ڏٺم تہ ٻيئي ليک پڙهي ويو ۽ پوءِ عينڪي اک کڻي پاڻ کي چوڻ لڳو: ”هي وسنت ڪير آهي؟، لاشڪ سنڌي تہ نٿو لڳي، سنڌين جون آکهيون ’آٽي‘ سان ختم ٿينديون آهن.“

”سائين سچ ٿا چئو. توهين پنهنجي ڪڙم جي پچڙيءَ ۾ آهيو ۽ آءٌ پنهنجي پيڙهيءَ جي پهريلت!“ هي بي باڪ لا اُبالي اوٺرو ٻول ٻڌي، ٻت مان چرڪ نڪري ويس. پهرين شڪيو: پوءِ مشڪيو. ”سو تو هي ليک لکيو آهي؟“ اِجهو ائين اسان جي جاڻ سڃاڻ ٿي.

(سارنگ، پهرين ملاقات، ص 19- 21 )

اِن طرح ڏسجي تہ تيرٿ بسنت سنڌيءَ ۾ لکڻ جي شروعات اخبارن ۽ مخزنن ۾ ليکن لکڻ سان ڪئي. هُن جي چونڊ مضمونن جو پهريون ڪتاب آهي ’چٽنگون‘ (1940ع) جنهن ۾ سنت ڪنور جي شهادت تي بہ هڪ مضمون آهي. سنڌي ادبي جڳت ۾ تيرٿ بسنت ايتري قدر مشهور ٿي چڪو هو، تازو برپا ٿيل ’سنڌي ادبي بورڊ‘ تيرٿ کي اِن ڪتاب تي اِنعام ڏيڻ جو فيصلو ڪيو. پر بورڊ وارا اِن ٽرم سنڪٽ ۾ پئجي ويا تہ ’ڪنور‘ مضمون ۾ ليکڪ ڄاڻايو هو تہ ڪنور کي خون ڪرائڻ ۾ ڪنهن سگهاري ڌر جو هٿ هو. انعامن ڏيڻ واري ڪاميٽيءَ جا ٻہ ميمبر هئا- لالچند امر ڏنومل جڳتياڻي ۽ محمد صديق ميمڻ اُنهن تيرٿ کي سمجهايو تہ ان لڳايل اِلزام وارين سٽن مٿان پٽي هڻي اُنهن کي ڍاهي ڇڏ پر تيرٿ اهڙو خود دار هو، جو هن انعام وٺڻ سهائي ڇڏيو، پر پنهنجي اِنهيءَ راءِ کي مٽائڻ قبول نہ ڪيائين.

تيرٿ بسنت اُن بعد ٻيو ڪتاب ’جواهر جيوني‘ (ٻہ ڀاڱا 1941ع) ڇپايو. اِهو پنڊت جواهر لال نهروءَ جي آتم ڪٿا جو سنڌيءَ ۾ آزاد ترجمو آهي. اِن ڪتاب تي سنڌي ادبي بورڊ تيرٿ بسنت کي انعام عطا ڪيو. پر اِنهيءَ ترجمي کي کڻي، سنڌ جي اخبارن ۾ گهڻو بحث شروع ٿي ويو. ڪن جو چوڻ هو تہ سياسي، اِقتصادي معاملن ، قومي تحريڪ، سماج واد وغيره وشين تي تيرٿ بسنت جواهر لال نهروءَ جا ويچار نہ ڏيئي، پنهنجا ويچار ڏيندو ويو آهي.

اِن ڪتاب ڪان ٿورو ئي پوءِ تيرٿ بسنت ٽئگور جي ”چترا“ ناٽڪ جو سنڌيءَ ۾ ترجمو ڇپايو، جنهن تي ڪو بہ چوٻولو نہ ٿيو.

تيرٿ بسنت اُن بعد 1943ع ۾ شهيد الله بخش سومري جي حياتيءَ، ۽ سنڌ جي سياسي ۽ سماجي گهوٽالن وغيره تي هڪ ڪتاب لکيو. پر پاڻي پرتاب ڏيئلداس ۽ ٻين ڪن دوستن اِنهيءَ کي شايع ڪرڻ ڪان کيس روڪيو. هنن جو ويچار هو تہ اِن سان وري سنڌ ۾ فرقيوار وڳوڙ پيدا ٿيڻ جو انديشو هو.

اِن طرح ٿوري عرصي ۾ ئي تيرٿ بسنت پنهنجين لکڻين ذريعي سنڌي اَدب ۾ مشهور ٿي ويو. هو پنهنجن ڪتابن بابت لکي ٿو، ”منهنجا اڪثر



پر هو جائو ۽ وڏو حيدرآباد جي گاڏي ڪاتي ۾ ٿيو. ڪيڊٽ ڪاليج مان انٽر ڪرڻ بعد مهراڻ يونيورسٽيءَ مان B.E ڪيائين پوءِ ايران ۾ نوڪري ڪيائين، اتي ئي شادي ڪري رهائش اختيار ڪيائين ۽ هينئر هو واشنگٽن ڊي.سي ۾ رهي ٿو. سندس ۽ سندس پيٽوئي انڪم ٽيڪس ڪمشنر محمد اقبال جماڻيءَ جو تفصيلي احوال آمريڪا واري سفرنامي ”نيو هالا ڪان نيويارڪ“ ۾ تي چڪو آهي: ان ڪري هتي ان ڪي ورجائڻ مناسب نه ٿيندو.

منهنجو ٻيو ڪلاس ميٽ جنهن ايران مان شادي ڪئي ۽ اتي رهائش اختيار ڪئي، اهو منهنجو چٽگانگ جي مئرين اڪيڊميءَ جو ڪلاس ميٽ اسلام مصطفيٰ آهي. اسلام

الطاف شيخ

يادگيريون

# تون ياد وري آئين

## اسلام مصطفيٰ جي ياد ۾

گذريل صديءَ جي آخري ڏهي ڪان پاڪستان ۽ ايران جون تيزيءَ سان بدلجندڙ حالتن سبب ڪجھ سُستي آئي آهي، نه ته ايران ۽ پاڪستان جا هڪ ٻئي سان ايترا ته ويجها تعلقات پئي رهيا آهن جو شايد ئي پاڪستان جا تعلقات ڪنهن ٻئي ملڪ سان رهيا هجن. ايران جا ماڻهو اسان جي ملڪ ۾ ۽ اسان جا ايران ۾، صدين کان رهائش ۽ شاديون مراديون ڪندا رهيا آهن، اهڙن ماڻهن ۾ ٻه منهنجا ڪلاس ميٽ به رهيا آهن جن ايران مان شادي ڪئي ۽ اتي ئي رهائش اختيار ڪيائون، ۽ ايران جي عوام توڙي حڪومت هنن کي سيڪنڊ ڪلاس شهري سمجهڻ بدران، پنهنجو ٽيلو ۽ پنهنجو شهري سمجهي لڪ عزتون ڏيندي رهي آهي. انهن مان هڪ منهنجي ڪيڊٽ ڪاليج پيٽارو جو دوست خالد هاشماڻي آهي. محمد صالح ميمڻ جي پٽ، خالد جو اصل ڳوٺ مٽياري آهي

مصطفيٰ چٽگانگ (هاڻ بنگلاديش) ۾ مون وانگر مئرين انجنيئرنگ جو ڪيڊٽ هو. اسان جيتوڻيڪ هاسٽل جي مختلف بلاڪن ۾ رهندا هئاسين پر ڪلاس روم ۾ هميشه ساڳين بينچن تي ويهندا هئاسين. هو اڳئين بينچ تي ويهندو هو ۽ ان جي پٺيان واري بينچ منهنجي هوندي هئي.

جڏهن پنج سال اڳ ڪيڊٽ ڪاليج ۾ رهي مئٽرڪ ۽ انٽر ڪري رهيو هوس ته اسلام مصطفيٰ اهي سال PAF پبلڪ اسڪول سرگوڌا جو شاگرد هو. سندن انگريز پرنسپال ڪئپچول ۽ اسان جو پرنسپال ڪومبس پاڻ ۾ دوست هئا ۽ نه رڳو هو پاڻ هڪٻئي سان ملڻ لاءِ ايندا ويندا هئا. پر ٽورنامينٽن ۾ حصو وٺڻ لاءِ اسان کي به وٺي هلندا هئا. ان ڪري اسان پيٽارو وارن جي سرگوڌا ۽ حسن عبدال ڪيڊٽ ڪاليج جي



ڪوثر هالائي

اپياس

# 'ڪويءَ جي ڪٿا' تي هڪ نظر

آتم ڪٿائون، يادگيرين جو ديس محسوس ٿينديون آهن ۽ جڏهن يادگيريءَ جا ميلا لڳندا آهن ته وڇوڙا ۽ ورهاڱا ياد اچي ويندا آهن ۽ ڪيئي موڙ ڪَرَ موڙي جاڳي پوندا آهن ۽ پوءِ جيسيتائين انهن جي اظهار جي ڪا واٽ نه نڪري سگهندي آهي، تيسيتائين ڪير جلنتو ۽ ٿانيڪو ڪٿي ٿو رهي سگهي؟

ماڻهو، سماج جي جنهن وسنديءَ ۾ رهندو آهي تنهن ۾ مختلف واقعن، زمانن، مڪانن ۽ وارتائن جو نچوڙ ئي ته هونديون آهن هي آتم ڪٿائون-

(آتم ڪٿائون ڪنهن طويل نثري نظمن جيان آهن).

نائون مل جي ڪٿا ڪانپوءِ، مرزا قليچ بيگ جي آتم ڪٿا 'سائو پن يا ڪارو پنو'، پوپٽي هيراننداڻي جي 'منهنجي حياتيءَ جا سونا روپا ورق'، ڪانسواءِ ٻين ليکڪن ۽ شاعرن جون سارونڻيون به آتم ڪٿائن جي روپ ۾ شايع ٿينديون پئي رهيون آهن، جن ۾ ڊاڪٽر عمر بن محمد دائود پوٽو، مخدوم محمد زمان طالب المولىٰ، ڪريم بخش نظاماڻي، گوبند مالهي، ڪيرت ٻاٻاڻي، دادا هري دلگير، لعل پشپ، هري موٽواڻي، تاجل بيوس، سوز هالائي ۽ لائق زرداري پنهنجي ڪٿا، 'آتم ڪٿا' جي اتهاس ۾، رقم ڪري چڪا آهن ۽ نه ڄاڻ اڃا ڪيترائي عنوان آهن، جيڪي آتم ڪٿائن جو سواڳت ڪرڻ لاءِ منتظر آهن ۽ زماني جون هوائون آتم ڪٿائن جي ڪچيءَ جو هار ٿيڻ لاءِ آسائتيون آهن.

مون کي ياد آهي، ته ڍاڪا پهرين، ناز سنائيءَ جي ايڊٽ ڪيل رسالي ماهوار 'ڪينجهر' جي سلسلي جو هڪ شمارو 'آتم ڪٿا نمبر' طور شايع ٿيو هو، دلچسپ ڳالهه اها آهي ته ان شماري جي صفحن ۾ هڪ ليکڪ دوست، پوري صفحي جي ڪينواس تي، سائين بلهي شاهه جي سون سريکي لفظن جو سهارو وٺندي پوري زندگيءَ جي ڪٿا جي اپٽار صرف اکرين تي ڳڻڻ جيترن لفظن ۾ هينءَ ڪئي هئي:

بُلهيا! ڪي جاڻان مين ڪوڻ؟

۽ ان خوش نصيب لکاريءَ کي جشن ڪينجهر ۾ آتم ڪٿا ايوارڊ ۽ 12 شمارا اعزاز طور جاري ڪيا ويا هئا. ڪن آتم ڪٿائن ۾ آس نراس جي وچ وارو احساس سمايل آهي ۽ ڪٿي وري ڪٿائون ته الوداعي گيتن جهڙيون آهن.

هن پورالي من واري ڪويءَ سوز هالائيءَ پڻ آتم ڪٿا جي ڪتابن جي قطار ۾ شامل ٿي، آتم ڪٿائن جي شوخ رنگن توڙي دکي روايتن جو سڳو سورينڊي ٻن مشترڪ صدين جي پن ڇڻ جهڙن سارن کي سهيڙيندي، انهن جي ڳلين ۽ رستن تي هلندڙ سدا بهار سارونڻين کي هڪ طرف ڪري ڪنهن قدر ذهني آسودگي ماڻڻ جي ڪوشش ڪئي آهي.



امام راشدي

اپياس

# توڪان ٿيندي ڏار

سنڌ پلن ماڻهن سان پري پئي آهي. هن قحط الرجالي دور ۾ ڪنهن پلي ماڻهوءَ جو وجود ڇڻ ته غنيمت آهي، ماڻهو ته هليو ويندو آهي ۽ پنيان ڇڏي ويندو آهي دلپذير يادون! اهڙيون ئي وڻندڙ يادون ڇڏي ويندڙ هڪ مٺيادار ماڻهو غلام نبي شاهاڻي به هو. شاهاڻي صاحب جو تعلق مردم خيز علائقي نئين ديري سان هو ۽ ساري حياتي سنڌ جي مختلف علائقن ۾ علم جا ڏيئا ٻارينده رهيو. هُو جتي به ويو اُتي پنهنجو حلقو پيدا ڪيائين ۽ خوبصورت يادون ڇڏي آيو. تعليم کاتي جو هيءُ معتبر ماڻهو 1931ع ۾ هن دنيا ۾ آيو ۽ 2007ع ۾ موڪلائي ويو.

نئين ديري جو مزيدار ۽ منڙو ماڻهو اهلِ علم ۽ اهلِ قلم به هيو. ادب ۽ ادبين سان پيچ ڳنڍي، ڪيترائي مضمون لکيائين، جيڪي مختلف رسالن ۾ شايع ٿيا، تحرير ۽ تقرير جو وٽس ڏانءُ هو. زميندار گهراڻي جو فرد هو ۽ ٺپ ٻهراڙيءَ واري ماحول جو ماڻهو هو ”ٻهمڻ“ وارن راشدي پيرن سان گهاٽو تعلق رهيس، چو ته انهن جو پاڙيسري هو. پير علي محمد راشدي، پير حسام الدين راشدي، پير احمد شاهه راشدي ۽ عيدن شاهه راشديءَ سان ناتو نڀائيندو آيو.

غلام نبي شاهاڻي پڙهيل ڳڙهيل ماڻهو هو، شاهه لطيف جو عاشق هو، وٽس سٺو ڪتبخانو هيو. اهڙي شخصيت جي يادن کي زنده رکڻ لاءِ سندس موٽي پٽ ميان ظهيرالدين خادم شاهاڻي هڪ ڪتاب ترتيب ڏنو، جنهن کي ”توڪان ٿيندي ڏار“ جو عنوان ڏئي محفوظ ڪيو ويو آهي. هيءُ ڪتاب ”شاهه بهارو ميموريل ڪاميٽي نئون ديرو“ طرفان ڇپايو ويو آهي. ڪتاب 113 صفحن تي پکڙيل آهي، جنهن ۾ 30 صفحا، تصويرن تي مشتمل آهن. جڏهن ته 83 صفحن تي مواد آيل آهي. هي تاثرات شاهاڻي صاحب جي يارن، دوستن ۽ شاگردن قلمبند ڪيا آهن، جن جو انگ 38 آهي، جن ۾ هڪ اردو ۽ ٻه انگريزي تاثرات شامل آهن. انهن لکندڙن ۾ سويو گيانچنداڻي، ڊاڪٽر درمحمد پٺاڻ، ڊاڪٽر خالد محمود سومرو، مفتي محمد رحيم سڪندري، مقصود گل، حسين بخش ناريجو، مسلم شميم، قطب ضياءِ راشدي، امام راشدي، عبدالغفار تبسم، منٺار سولنگي، منظور منگي، رضوان ڪيهر، پنهل قادري، معشوق علي خان ڀٽو ۽ ٻيا شامل آهن. ڪتاب جي اهميت کي وڌيڪ ڪارگر بنائڻ لاءِ شاهاڻي صاحب جون مختلف شخصيات، اولاد ۽ احبابن سان ڪڍيل 52 تصويرن جو سهڻو البم به شامل ڪيو ويو آهي. ڪتاب جو مهاڳ ناميارو ليکڪ اختر درگاهيءَ لکيو آهي. ڪتاب جي مرتب ظهيرالدين خادم شاهاڻيءَ جو تعارف منل مسرور بدوي لکيو آهي. جڏهن ته ڪتاب جو انتساب ڇئن شهيدن يعني ذوالفقار علي ڀٽو، محترمه بينظير ڀٽو، مير مرتضيٰ ڀٽو ۽ شاهنواز ڀٽو ڏانهن ڪيل آهي. ڪتاب جو گيٽ اپ ۽ ڇپائي مناسب آهي. قيمت هڪ سؤ رپيا اٿس.

◙



ليارِي بازار، ڪراچي - سن 1900ع ۾.



ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ



آزاد قاضي



دين محمد ڪلهوڙو



استاد لغاري

# تحقيق

# مَعنيٰ عقل جو مُنڍ آهي

مرحوم لعلڻ خان لغاري هڪ اٽيڙهيل داناءُ هو. بنده جو سڳُ ۾ نانو هو. مگر آءٌ ڪيس پنّن جهڙو پيارو هوس، انهيءَ ڪري ننڍڙي هوندي ئي منهنجي ذهني تربيت جي هر طرح ڪوشش ڪيائين. هر ڪچهريءَ ۾ پاڻ سان گڏ وٺي ويندو هو ۽ ڪچهريءَ جا آداب سمجهائيندو هو. هر ڳالهہ جي ڳڻ ڪندو هو ۽ پڇندو هو تہ ڳالهہ ڪي سمجهيئي. هميشہ چوندو هو تہ: 'مَعنيٰ ڏي ڌيان ڪر، جو مَعنيٰ عقل جو منڍ آهي'. خوش طبعي وچان چوندو هو تہ: "ڳالهہ جو ڳاٽو جهلجي" يعني تہ ان کي پوريءَ طرح پرکجي. چوندو هو تہ: 'ڏنل واقعو هرڪو بيان ڪري ۽ ٻڌل ڳالهہ هرڪو ٻڌائي، پر داناءُ اهو جو اڻ ڏٺي اڻ سُڻي ڳالهہ ٻڌائي'. ڪا ڳالهہ وٺندي هئس تہ چوندو هو "قلاڻي واهہ جا ڳالهہ ڪئي! ڳالهہ جو سنگ وڍي ڇڏيائين!" سندس انهن نقطن ۽ سمجهاڻين ننڍپڻ ۾ ئي هڪ قسم جو ادبي ذوق پيدا ڪيو. نوان بيت ۽ نيون ڪافيون، نيون ڳجهارتون ۽ نيون ڳالهيون منهنجي لاءِ جڻ سوکڙيون ٿي پيون. ڳالهين ٻڌڻ ۽ ڳولڻ جو شوق جاڳيو.

**ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ**

مهراڻ 3-1965ع، ص 180

# مثنوي "يوسف زليخا" جي حاشيي تي لکيل سنڌي بيت

(عکس)



تهی پهلوی خود بهوش آوردش / به بیداری کشید از خواب نازش

بآن زوری که زور مست دیده / وز وی بازو عمری بدل رسیده

لبان نقش جبینها بر روی دیبا

چو زوی طور عاین مطبوع مقبول / ز حسن آرایش بت ها معزول

عنان کش شد سوی بوس و کنارش

بدندان کند عناب ترش را

چو بود از بهر آن فرخنده مهمان / ورلب بر خوان وصل او نمکدان

ازان اول کرد از لب بوسه را ساز / که بر خوان از نمک باشد آغاز

نمک چون شور شوقش بیشتر کرد / دو ساعد در میان او کمر کرد

نشانی یافت از نایاب گنجی

میان بسته طلب را چابک و چست / ازان گنج گهر درج گهر جست

مقفل حقه از نقره خام

نه خازن برده سوی حقه دستی / نه خائن داد قفلش را شکستی

گشاده قفل و در وی گوهر انداخت

کمیتش گام زد در عرصه تنگ / ز بس آمد شد ناشد عاقبت لنگ

ٿيل آهي:

"ڊاڪٽر ظفرالحسن علي ڳڙهه يونيورسٽيءَ جو ڊاڪٽر آف فلاسافي، هڪ آزاد خيال ڪارڪن هو. ورهاڱي بعد پاڪستان لڏي آيو هو، سندس سيد صاحب سان بهتر تعلقات هئا. ان کي سيد صاحب پنهنجو ڪتاب " STRUGGLE FOR NEW SINDH" ڏسڻ لاءِ ڏنو هو. اهو صاحب ڪيس 1947-01-11 تي هڪ خط ۾ لکي ٿو:

"اوهان جي ڪتاب کي نظر مان ڪڍندس. پر ان لاءِ وقت لڳندو ۽ جي جلدي چاهيو ته مسودي جي ٽائيپ ڪاپي لاهور موڪلي ڏيندا. جيڪڏهن اوهان کي تمام گهٽي تڪڙ هجي ته ان ڪم لاءِ ٻيو ڪو قابل ماڻهو مقرر ڪندا. مون ان کي پڙهي سڌارڻ جي ڪوشش ڪئي آهي. درستيون ۽ زبان تيستائين درست ٿي نه سگهندي، جيستائين اوهان سان صلاح مشورو نه ڪيو ويو آهي. مون وٽ درستيءَ لاءِ گهڻو وقت لڳندو، بشرطيڪ ڇپائيءَ ۾ دير ٿيڻ تي اعتراض نه هجيوَ. هن وقت آءٌ ايترو واندو نه آهيان." (10)

اهڙي ريت علامہ آءِ. آءِ. قاضي صاحب 26 اپريل 1947ع تي سيد صاحب کي لکي ٿو: "پنهنجي ڪتاب (نئين سنڌ لاءِ جدوجهد) جو مسودو مون ڏي موڪلڻ لاءِ مهرباني..... آءٌ قلمي نسخو موٽائي موڪليان ٿو. منجهس ڪا درست ڪرڻ جهڙي ڳالهه نه آهي . سواءِ ٽائيپ جي چُڪن جي. اهو دلچسپ ڪتاب آهي. ٻهرين 9 فصلن ۾ وڌيڪ وضاحت ٿيڻ گهربي هئي."(11)

قاضي صاحب 27 اپريل 1947ع واري خط ۾ هن ڪتاب جي حوالي سان ٻيهر ڪيس لکي ٿو:

"8 بجه صبح جو هڪ نوجوان آيو، ڪتاب موٽائي وٺي وڃڻ لاءِ، ان وقت آءٌ غسل خاني ۾ هوس. نوڪر چيس ته 10 بجي اچي، پر ان کان پوءِ وري ڪو نه آيو. مون هڪ نوٽ لکي ڪتاب سان شامل ڪري، موڪلڻ لاءِ رکي ڇڏيو هو، پر پتو ڪو نه اٿم ته ڪتاب ڪٿي موڪليان."

سيد صاحب هن ڪتاب جي سلسلي ۾ لکي ٿو: "مون پنهنجو تيار ڪيل ڪتاب " STRUGGLE FOR NEW SINDH" علامہ آءِ. آءِ. قاضي ۽ هن صاحب (ڊاڪٽر ظفر الحسن) کي ڏسڻ ۽ نظر مان ڪڍڻ لاءِ ڏنو هو پر ٻنهي صاحب فراغت نه هئڻ سبب ان کي درست نه ڪري سگهيا. مون لاءِ اها تسڪين ڪافي هئي ته ڪتاب ڇپڻ کان اڳ انهن ٻن بزرگن جي نظر مان گذريو هو." (12).

1946ع واري سال سنڌ ۾ ٻه ڀيرا اليڪشنون ڪرايون ويون، ڇاڪاڻ ته، پهرين اليڪشن ۾ سيد صاحب مسلم ليگ کي شڪست ڏيئي ويو هو. انگريز مسلم ليگ قيادت پاران انگريز حاڪم جي گٺ جوڙ سان اڳ ٿيل اليڪشنن کي ردِ ڪرائي ٻيهر ڪرايون ويون. ان صورتحال جو ذڪر ڪندي

سيد صاحب لکي ٿو:

"اسان جو گروهه وزارت پارٽي ۽ مسلم ليگ جي مقابلي ۾ شڪست کائي ويو. ان کان پوءِ ڳوٺ ويهي، سنڌ جي گذشته سياسي تاريخ تي ڪتاب لکيم، جنهن جو نالو "نئين سنڌ لاءِ جدوجهد" لکيم. (13)

ٻيهر اليڪشن جيئن ته ڊسمبر 1946ع ۾ ٿي هئي. انڪري، سيد صاحب جي هن ڳالهه لکڻ جو مطلب اهو ٿيو ته 1947ع کان سيد صاحب هيءُ ڪتاب انگريزيءَ ۾ لکڻ شروع ڪيو. جنهن جو 1949ع تائين ڪم هلندو رهيو. ڇاڪاڻ ته 23 جنوري 1950ع واري ڊائريءَ ۾ لکيل آهي ته "سنڌ آبزرو اخبار ويس اتان ڪتاب "اسٽرگل فار نيو سنڌ" جون ڪي ڪاپيون کڻي آيس". اهڙي ريت 30 جنوري 1950ع واري ڊائري ۾ لکيل آهي ته:

"ڪتابن تي ائڊريسون لڳائي ڪٺي وراهيا ويا. جملي ٻاهرين ملڪن جي ايلچين ۽ پاڪستان سرڪار جي عملدارن کي وراهيا ويا."

14 مارچ 1950ع واري ڊائريءَ ۾ لکيل آهي ته "بنگال جي ڪانگريس ڪانسٽيٽيوٽ اسيمبليءَ جي ميمبرن کي ڪتاب ڏنا ويا."

مٿي ذڪر ڪيل روئداد کي نظر ۾ رکڻ



(فارسي ڪلام جو عڪس)

شاعر ۽ خطاط: ميان حال الله ڪلهوڙو (1780 - 695 ع)

دور: ڪلهوڙا گهراڻو (1782 ع - 1700 ع)

## "ڪنز العبرت" جو پهريون صفحو


الجزء كتاب كنز العبرة ... بسم الله الرحمن الرحيم وتمم بالخير وبه نستعين

فن خطاطيءَ جو نادر نمونو (سنه 1873ع)

خطاط: ميان صابر فقير ڪلهوڙو (1795-1935ع)

"وجود العاشقين" جو پهريون صفحو



متفرقات:

فارسي ڪلام "وجود العاشقين" شاعر مولانا شريفي

خطاط محمد حسن غفي عنه

(هي: ڪلام شيخ المشائخ حسين قدسي جي مريد مولان شريفي، جو لکيل آهي نسخي تي سن وغيره ڄاڻايل نه آهي.)




متفرقات:

(1762ع ۾ لکيل هڪ نڪاح نامي جو عڪس)

(نڪاح نامي جي سرورق تي مهر لڳل آهي، جنهن ۾ "حافظ عبدالرحيم خادم الشرع قاضي" لفظ اُڪريل آهن)



تحقيق

استاد لغاري

# شاهه لطيف جي سُر سسئيءَ ۾ "پاڻ"

شاهه لطيف جي رسالي ۾، ڪنهن به بيت يا لفظ جو تڪرار، سمنڊ ڇڇولڻ جي برابر آهي. عظيم آهن اُهي انسان، جن لطيف سرڪار جي پوري رسالي کي، پرکي، پروڙي، سينگاري، سهيڙي ۽ ترتيب ڏيئي، اسان لاءِ آسان بڻايو. هاڻوڪي دور ۾، جن محققن شاهه لطيف جو رسالو سمجهائيون ڏيئي، بامعنيٰ بڻائي، اسان کي پيش ڪيو آهي، انهن ۾ هوتچند مولچند گربخشاڻي، علامه آءِآءِ. قاضي، غلام محمد شاهواڻي، ڪلياڻ آڏواڻي ۽ ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ جا نالا قابلِ ذڪر آهن.

اسان جي ڪيفيت ته اِها آهي ته جنهن لاءِ هندي جي ڪنهن شاعر چيو آهي:

"پڙهيا هئي، پُرجهيا نهين، مَتيا مَن ڪي موهه
پارس پاس جا پهنچيا، رهيا لوهه ڪا لوهه."

اسان جي گهر ۾ پنلئيءَ جو رسالو ته موجود آهي. پڙهي پڙهي اُن جا حافظ به ٿي ويا سين، پر سمجهي هڪ لفظ به نه سگهيا سين. بقول پنلئيءَ جي:

"جيئن مون سڀ ڄمار، ڄَر ۾ جهوتون ڏنيون."

اڄ اسين سُر سسئيءَ جي هڪ لفظ "پاڻ" تي سوچينداسين. سوچيون ٿا ته شايد ان لفظ جي معنيٰ اِها هجي؟ يا نه به هجي؟ پر پنلئيءَ وٽ اِن لفظ جي معنيٰ ڪهڙي آهي؟ اِها خبر فقط پنلئيءَ کي ئي آهي. بيت آهي:

هوت تنهنجي هنجهه ۾، پُڇين ڪوهه پريان،
"وَنحنُ اَقرَبُ اِلَيهِ مِن حَبلِ الوَرِيدِ"، تنهنجوئي توسان،
پنهنجو آهي پاڻ، آڏو آريچن کي.

"پاڻ" لفظ جون ظاهر ۾ بيشمار معنائون آهن. پر ٿورن لفظن ۾ "پاڻ" جي معنيٰ آهي- آءٌ، اسين، مَين، خودي، تڪبر، وڏائي، فخر، حُجت، هُٺ، ٻيائي، دوئي، دوکو، پردو، غير ۽ وهم وغيره. پنلئي فرمائي ٿو: "پنهنجي ۽ آريچن جي وچ ۾، جيڪا شيءِ پردو آهي، اُها آهي "پاڻ". پنهنجي ۽ عجيبن جي وچ ۾ جيڪا شيءِ آڏو آهي، اُها آهي "پاڻ".

- هي پلسي ٿئي نه "پاڻ" کان، پاڻان ٿئي نه پاڻ.
- پنهنجو آهين "پاڻ"، آڏو عجيبن کي.

پاڻ- سسئي ۽ پنهونءَ جي وچ ۾ فراق آهي.
پاڻ- عاشق ۽ معشوق جي وچ ۾ جدائي آهي.
پاڻ- پرواني ۽ آگ جي وچ ۾ وهم آهي.
پاڻ- بندي ۽ مالڪ جي وچ ۾ ديوار آهي.
پاڻ- خالق ۽ مخلوق جي وچ ۾ حجاب آهي.
پاڻ- انسان ۽ رحمٰن جي وچ ۾ دُوري آهي.
پاڻ- عابد ۽ معبود جي وچ ۾ وڇوٽي آهي.
پاڻ- وحدت ۽ ڪثرت جي وچ ۾ پردو آهي.

سسئي! تون انهيءَ "پاڻ" کان پلسي ٿيءُ. تون انهيءَ "جيئڻ" کي ڇڏي ڏي. تون انهيءَ "هٺ" کي حرام ڪر.

## سنڌي ادبي بورڊ پاران نوان شايع ٿيل ڪتاب




سنڌي ادبي بورڊ ڪتاب گهر – تلڪ چاڙهي حيدرآباد (022-2633679)

# سنڌي ادبي بورڊ جي ڪتابن ۽ رسالن جي ملڻ جا هنڌ

1. سنڌي ادبي بورڊ ڪتاب گهر، تلڪ چاڙهي حيدرآباد
2. ڀٽائي بڪ هائوس، گاڏي کاتو، حيدرآباد
3. سنڌي ساهت گهر، گاڏي کاتو، حيدرآباد
4. قليچ ڪتاب گهر، سنڌي لئنگئيج اٿارٽي، حيدرآباد
5. سنڌ ڪلچر ڪتاب گهر، نزد ايم.پي.اي هاسٽل، ڪراچي
6. المهراڻ ڪتاب گهر، ميرپورخاص
7. جوهر بروهي، فريد آباد، ضلعو دادو
8. ٿر ڪتاب گهر، مٺي
9. حافظ ڪتاب گهر، ڪپرو
10. سڪندري بڪ ڊيپو، ڪپرو
11. مهراڻ نيوز ايجنسي، حيدرآباد
12. اسٽئنبرڊ بُڪس، ڪراچي
13. علي گل ڪوسو، ميهڙ
14. شاهه لطيف ڪتاب گهر، ڀٽ شاهه
15. المهراڻ ادبي ڪتاب گهر، سانگهڙ
16. سليمان برادرس، نوابشاهه
17. مختيار احمد ڪٽي نيوز پيپر ايجنٽ بدين
18. رحمانيه ڪتب خانو، حيدر چوڪ، حيدرآباد
19. ممتاز بڪ ڊيپو، ريلوي لائين، دادو
20. عبدالرزاق ڀگهيو ڪتاب گهر، ميهڙ
21. رهبر بڪ اڪيڊمي، بندر روڊ، لاڙڪاڻو
22. عباسيه ڪتب خانو، جهونا مارڪيٽ، ڪراچي
23. رابيل ڪتاب گهر، لاڙڪاڻو
24. ضمير سُوهو ڪتاب گهر، ڏوڪري
25. مارئي ڪتاب گهر، بئراج روڊ سکر
26. مرتضيٰ ابڙو نيوز پيپر ايجنٽ، شڪارپور
27. هائوس آف ناولٽي، ميرپورماٿيلو
28. لال بخش ملاح نيوز پيپر ايجنٽ، ٺٽو
29. مڪتبه عزيزيه، کهڙا شريف، خيرپور ميرس
30. غلام مصطفيٰ ڀگهيو، نيوز پيپر ايجنٽ خيرپورناٿن شاهه
31. عزيز الله عزيز جوکيو، جوهي، دادو
32. روشن مَلڪ نيوز پيپر ايجنٽ، راڌڻپور
33. غلام مرتضيٰ ڀگهيو نيوز پيپر ايجنٽ، هگورجا
34. غلام محمد جوهر الوحيد لائبريري، ميرپوربٺورو
35. محمد عرس ٽالپر، C/o پيارل سنٽي، لطيف ڪتاب گهر، چتو مادراٽي، ٽنڊوغلام علي
36. روشن علي، روشن بڪ ڊيپو، شهدادپور
37. ديوان لالچند چَواڻو، سني ڪتاب گهر، پنوعاقل
38. پريُو لعل نيوز پيپر ايجنٽ، ڏگهڙي
39. عبيدالله سنڌي، ماڊل اسڪول مهيسرو، پنوعاقل
40. بلاول لغاري معرفت ڪليم الله لغاري، ڳوٺ علي خان لغاري، ٽنڊو غلام علي
41. عدنان اينڊ جاني نيوز پيپر ايجنٽ، تلهار
42. امين سومرو لاڪائي، پوسٽ ڏڙو ضلع ٺٽو



سان اصل جڪڙي ۽ سلهاڙي ڇڏيو هو، ادبي ويجھڙائپ سبب، سانس آءٌ ڪي سال اڳ ڪلوز ٿيس، تہ مون ڄاتو، هن جي ذات ۾ يڪ رنگي ............ اصل ئي ڪانہ هئي، يعني پوري ست رنگي انڊلٺ هو، هو پنهنجي سڀاءَ ۾! بُردبار، داناءُ سنو منتظم، يار ويس، بهترين مهمان نواز ۽ نهايت خوش مزاج ۽ دعوا سان ٿو چوان، تہ آءٌ ڪٿي ڪيڏو بہ ويڳاڻو يا اداس وٽن چو نہ ويو هجان، سندن محفل مان سدائين گل و گلزار ئي ٿي اُٿيو هوندس ۽ هن ڀاڳوان انسان تي، ڏٺيءَ جي هيءَ بہ ڪا وڏي ئي مهر هئي، جو جڏهن، هُن سان منهنجي اجا ڪا روبرو ملاقات نہ ٿي هئي ۽ انهيءَ ڪان پوءِ، جڏهن هُن سان ويجھڙائپ

نصير مرزا

خاص مضمون

# آگرو صاحب- جيئڻ مون ڏٺو

18 هين جنوري 2010ع تي حلال احمر اسپتال، لطيف آباد حيدرآباد جي هڪ بيڊ تي، ڪچڙي منجهند ڌاري، سنڌي ٻوليءَ جي هن دلفريب نثر نگار، ٿڌو شوڪارو ڀريو ۽ سدائين لاءِ چُپ ٿي ويو ۽ اِهو ڀلا ڪير؟ سائين غلام رباني آگرو!!

1953-54ع ڌاري، ٻاويهن ڪن ورهين جي ڄمار ۾ هن، ڪهاڻي لکڻ لاءِ قلم هٿ ۾ ڪنيو هو ۽ 17 هين جنوري 2010ع تائين، اهو قلم هُن جي هٿ ۾ باقاعده موجود رهيو. سندس قلم مان نڪتل ٻين صنفن ڪي تہ خير ڇڏيو، ڪهاڻي ۽ مشاهيرن جي 'خاڪن' لکڻ جي ڏس ۾ تہ، هن بس دنگ ئي ڇڏائي ڇڏيا. پير برادران ڪي جي ٿوري جهٽ لاءِ پاڻ نہ سوچون، تہ سموري سنڌي ادب ۾، رباني صاحب جهڙو محبوب نثر نگار اڄ ڳوليو نہ لبندو ۽ رڳو نثر لکڻ ئي ڇا، هُو تہ ڳالهائيندو بہ عاليشان هو. سندس اهڙي گُڻ ڪيس جتي سنگت سٿ جي ذاتي دائري ۾ هر دلعزيز ڳالهير بنائي ڇڏيو هو، تہ اُتي سندس نثر وري، اسان جهڙن نثر جي پياسي پڙهندڙن ڪي، پاڻ

ٿي، مون هر زماني ۾ ۽ سدائين... ڪا ادبي تقريب هجي يا ڪار... هُن ڪي فرنٽ سيٽ تي ئي مون ڏٺو. ۽ آءٌ ڀانئيان، تہ قدرت هُن ڪي پيدا ئي پهرين صف جي ماڻهوءَ طور ڪيو هو. عجب اتفاق، ڪيئي ورهيہ اڳ، مون ڪين پهريون ڀيرو جڏهن ڏٺو، پاڻ اُن وقت بہ ڪار جي فرنٽ سيٽ تي ويٺا هئا ۽ ٿورا هفتا ٿيا هوندا، جو اولڊ ڪئمپس ڏانهن پنهنجي آفيس ڏانهن پئي ويا، جو مون پويون ۽ آخري ڀيرو بہ جڏهن ڪين ڏٺو، پاڻ ان وقت بہ فرنٽ سيٽ تي ئي ويٺا ها. پهريون افسانو 'اُتر ڊاهي اُن جا..' 1953ع ڌاري لکيائون، تہ، سنڌي ادبي سنگت ان ڪي پهرئين نمبر جو افسانو قرار ڏنو، جڏهن سنڌي ادبي بورڊ کان اڪيڊمي ادبيات تائين پهتا، تہ هر هنڌ مکيہ حيثيت جا صاحب ٿي، پوءِ اتان ريٽائر ٿيا. يعني جيڪي ماڻهو پيدائشي صفحہ اول جا ٿي جنم وٺندا آهن، آءٌ ڀانئيان تہ رباني صاحب، پڪ سان تہ اهڙن خوش قسمت انسانن مان هڪ هو. (بارن گڊ لڪ چائلڊ) اصل ۾ رباني صاحب سان منهنجي جيڪا وڏيڪ ويجهڙائپ ٿي، اُها ان زماني ۾

مونکي جِياريو، پِرِيُن جي ڳالھ ڪري،
ڏِنو اَڄُ اَڏِيو، هِنئَڙو ڪوٽ بُرجَ جئَن.

(شاھ)



سنڌي ادب جي نامور نانءُ

**حشو ڪيولراماڻي**

جي هڪ ناياب تصوير

# سنڌڙي تنهنجا رنگ



سنڌ جي ثقافتي ڏهاڙي جي، تقريب جي موقعي تي، شهزادو چارلس اجرڪ ۾


TASSCO SEEDS
TASSCO
The shining star of private seed sector in pakistan
The first research based seed company in pakistan
One of the biggest seed company in pakistan
The name of trust in pakistan
Tassco Seed Multiplication Farm
Tassco Seed Focused on a Common Goal of Reliable, Productive, High Quality, High Yielding Seeds of Cotton, Wheat, Onion, Okra, Cauliflower and Rice Crops.
COTTON SEED
NIAB-78
TASSCO SEED CORPORATION.
WHEAT SEED
KIRAN-95
TASSCO SEED CORPORATION.
TASSCO SEEDS ®
TASSCO SEED CORPORATION
Nasar Pur Road Tando Allahyar Sindh.
Ph: 022-3890422 Fax: 022-3891622 Email: tasscoseeds@yahoo.com Web: www.tasscoseeds.com